سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

مقالو براءِ ايم فل

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انسان شناسي: تحقيقي اڀياس

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان ماسٽر آف فلاسافي جي
گهُرجن جو پورائو ڪرڻ ڪان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز


مقاله نگار

گلشن آرا



سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

٢٠٢٠

# CERTIFICATE

This is to certify that the work presented in this thesis entitled

**"The Element of Humanism in Shah Abdul Latif's Bhitai's Poetry: an Analytical Study."**

**شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انسان شناسي: تحقيقي اڀياس**

has been carried out by **Ms. Gulshan Ara** under my supervision. The work is genuine, original and, in my opinion, suitable for submission to the University of Sindh for the award of Master of Philosophy in Degree of Department of Sindhi.

SUPERVISOR

________________________________________

**Prof. Dr. Noor Afroz Khuwaja**
Department of Sindhi,
University of Sindh, Jamshoro.

# DECLARATION

I hereby declare that this M. Phil thesis has been prepared and composed entirely by myself & that all the work carried out is also my own except where specifically stated.

____________

**Gulshan Ara Arab**

# ارپنا

ان هستي جي نانءُ جنهن جي صدقي الله تعاليٰ هي پوري ڪائنات خلقي جيڪو رحمت للعالمين آهي.

د

# شڪريہ ادائي

آئون نهايت شڪرگزار آهيان پنهنجي سپروائيزر ڊاڪٽر ميڊم نوافروز خواجہ جي جنهن پنهنجي مسروفيت مان وقت ڪڍي منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ ان ڪان علاوه ڊاڪٽرغلام علي الانا صا حب جي پڻ نهايت شڪر گزار آهيان. ڊاڪٽر اسحاق سميجو چئرمين سنڌي شعبو جنهن وقفن بہ وقفن منهنجي رهنمائي ڪندو رهيو. آءُ انهن سڀني جي تہ دل سان شڪرگزار آهيان جن هڪ اکر جي بہ منهنجي مدد ڪئي انهن سڀني محسن جي ٿورائتي آهيان

ٿورن مٿي ٿورا ، مون تي ماروئڙن جا

پلايون ۽ پيرا ،ڳٽي ڳٽيندس ڪيترا.

# مقدمو

رب سائينءَ جي لک ڪرمن ۽ منهنجي استادن جي مهربانيءَ سان آخرڪار منهنجي ٿيسز مڪمل ٿي. جيئن ته منهنجي ٿيسز جو موضوع "شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ انسان شناسي" آهي. موضوع ته ڏاڍو اتساهيندڙ هو، پر جيئن ئي منهنجو ڪورس ورڪ مڪمل ٿيو ته ٻارن جي مسئلن ۾ پئجي مان ٿوري سست ٿي ويس، پر منهنجي مهرباني گائيڊ پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه ۽ علمي محسن ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب مون کي پيپر مڪمل ڪرڻ لاءِ وقت بوقت اتساهيندا رهيا. منهنجو مڙس غوث بخش جتوئي به منهنجو هر وک تي ساٿ ڏنو، جنهن جي ڪري مان اڄ ان قابل ٿي آهيان جو مون پنهنجو ريسرچ مڪمل ڪيو.

هونئن ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي سڄي شاعري آفاقي آهي، جنهن ۾ انسان ۽ انسانذات کي همت، حوصلو ۽ جيئڻ جا نوان گس ملن ٿا، انڪري اهو موضوع منهنجي لاءِ چئلينج کان گهٽ نه هو. پر منهنجي گائيڊ منهنجي تمام گهڻي حوصلي افزائي ڪئي ۽ اها همٿ ڏني ته آءٌ ان موضوع سان نڀائي سگهان.

جيئن ته آءٌ ملازمت ڪندڙ عورت آهيان ۽ مون تي گهر ۽ ٻار جون به ڪيئي ذميواريون آهن. شاديءَ کان پوءِ عورت لاءِ ان جا ٻار، گهر ۽ گهر وارا ئي اهميت رکندا آهن، پر انهن مشڪلاتن ۽ آزمائشن کي پار ڪري مون پنهنجو تحقيقي ڪم مڪمل ڪري ورتو.

هن تحقيقي ڪم جي سلسلي ۾ جن مون سان علمي ۽ تحقيقي تعاون ڪيو، انهن کي به وساري نٿو سگهجي. سڀ کان پهرين آءٌ پنهنجي گائيڊ پروفيسر ڊاڪٽر نور افرزو خواجه جن جي ٿورائتي آهيان، جنهن تمام محبت ۽ خلوص سان مون کي بهترين رهنمائي فراهم ڪئي ۽ منهنجا حوصلا بلند ڪيان. آءٌ سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي به شڪر گذار آهيان، جنهن تحقيقي ڪم جي اُڪلاءَ لاءِ مون کي وڏيک وقت وني ڏنو. آءٌ پنهنجي مڙس جي دوست ادا دين محمد ڪلهوڙي جي به

مشڪور آهيان، جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي منهنجي رهنمائي ڪئي. ميڊم نور افروز جي ڪراچيءَ ۾ رهائش هئڻ ڪري، مون کي تمام گهڻيون ڏکيائيون پيش ايندڀون هيون، انڪري ادا دين محمد کان به تحقيقي مدد وٺندي رهيس.

آءٌ سمجهان ٿي ته مان خوش نصيب آهيان جو مون کي بهترين انسان مليا، جن منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ ڪڏهن به مون کي نااميد يا مايوس نه ڪيو. مون کي هميشه اهو چئي همٿايو ويو ته تو ۾ صلاحيتون ۽ قابليتون آهن، تون به ڪري سگهين ٿين. جڏهن ته آءٌ تحقيق جي ميدان ۾ بلڪل نئين هُيس، پر انهن همٿائيندڙ محسنن جي ڪري مون پوري ڪوشش ڪري تحقيقي ڪم کي بهتر کان بهتر انداز ۾ مڪمل ڪيو آهي، جنهن ۾ تمام گهڻو وقت لڳي ويو، جنهن جي ڪري مون کي وري هڪ سال جو ايڪسٽينشن وٺڻو پيو، پر مون الله سائينءَ جي ڪرم ۽ پنهنجن سڄڻن جي سهڪار سان پنهنجي ٿيسز مڪمل ڪري ورتي.

ڏٺو وڃي ته ڪو به ڪم شروع ڪجي ٿو ته ان ۾ پريشاني ۽ ڏکيائيون پيش اچڻ فطري ڳالهه آهي، پر جيڪڏهن محسن، رهنما ۽ مخلص ماڻهن جو ساٿ گڏ هجي ته مشڪل ڪم به آسان ٿيو پون ۽ هر مشڪل مرحلو به سولائيءَ سان پورو ٿيو وڃي. هڪ شادي شده عورت عورت لاءِ سندس همسفر جو مخلص هجڻ به وڏي اهميت رکي ٿو، جيڪڏهن ان جو ساٿ شامل هجي ته دنيا جو ڪو به مشڪل ڪم عورت خوش اسلوبيءَ سان نڀائي سگهي ٿي. هوءَ پنهنجي گهر، ور، ٻار سيني جي ذميواريون به سهڻي طريقي سان نڀائي سگهي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ تحقيقي ڪم لاءِ به وقت ڪڍي ٿي وڃي. ان کي ئي ڪامياب عورت ليکيو وڃي ٿو.

عام چوڻي آهي ته هر ڪامياب مرد جي پويان عورت جو هٿ آهي، پر آءٌ سمجهان ٿي ته هر ڪامياب عورت جي پٺيان وري مرد جو به هٿ هوندو آهي، پوءِ پلي اهو پيءُ هجي، ڀاءُ هجي يا مڙس، پنهنجي آءٌ پنهنجي ڪاميابيءَ جو سمورو ڪريڊٽ پنهنجي ور کي ڏيان ٿي.

**گلشن آرا عارب**

# فهرست


CERTIFICATE ........ ب
DECLARATION ........ ج
**ارپنا** ........ د
**شڪريہ ادائي** ........ ھ
**مقدمو** ........ و
**باب پهريون** ........ ١
**تحقيق جو طريقہ ڪار** ........ ١
١،١ موضوع جو تعارف ........ ١
١،٢ تحقيق جو مقصد ........ ۵
١،٣ تحقيق جو جواز ۽ دائره ڪار ........ ٧
١،۴ تحقيق جا ذريعا ۽ ماخذ ........ ٨
١،۴،١ شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پارکن ، اديبن ، عالمن ۽ شاعرن سان ملاقاتون ........ ٨
١،۴،٢ لائبرريون ........ ٩
حوالا ........ ١١
**باب ٻيو** ........ ١٢
**شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو زمانو ۽ ان جو سياسي ۽ سماجي جائزو** ........ ١٢
٢،١ شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي ولادت ، تعليم و تربيت ........ ١٢
٢،١،١ شاھ عبداللطيف جي ولادت (١١٠٢ھ) ........ ١٣
٢،١،٢ ابتدائي تعليم ........ ١۴
٢،١،٣ تربيت ........ ١٦
٢،٢ شاھ عبداللطيف ڀٽائيرح جي دؤر ۾ سنڌ جي حالت ........ ١٧
٢،٢،١ سياسي حالت ........ ١٧
٢،٢،٢ سماجي حالت ........ ٢۴
٢،٢،٣ اقتصادي حالت ........ ٢٦
٢،٢،۴ علمي ۽ ادبي حالت ........ ٣١
٢،٢،۵ مذھبي حالت ........ ٣۵
٢،٣ شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زماني ۾ سنڌي سماج جا قدر ........ ٣٧
٢،٣،١ ساٿيھ جي سِڪ ........ ٣٧
٢،٣،٢ رواداري ........ ۴٠
٢،٣،٣ سچائي ........ ۴٢
٢،٣،۴ اتحاد ۽ اتفاق ........ ۴۴
٢،٣،۵ نيڪي ........ ۴۵
٢،٣،٦ حُسنِ اخلاق ........ ۴٨
٢،٣،٧ جدوجھد ........ ۵٠
٢،٣،٨ صبر ۽ شڪر ........ ۵٣

٢,٣,٩ قناعت ۽ ڪفايت ........................................................................... ٥٧
٢,٣,١٠ توڪل ........................................................................... ٥٩
٢,٣,١١ همدردي ........................................................................... ٦١
حوالا ........................................................................... ٦٥
**باب ٽيون** ........................................................................... ٦٧
**شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ تي مُلڪي حالتن جا اثر** ........................................................................... ٦٧
٣,١ سياسي اثر ........................................................................... ٦٧
٣,٢ سماجي ۽ ثقافتي اثر ........................................................................... ٦٩
٣,٣ اقتصادي اثر ........................................................................... ٧٤
٣,٤ مذهبي اثر ........................................................................... ٧٦
٣,٥ اسلامي تعليم جو اثر ........................................................................... ٧٧
٣,٦ تصوف جو اثر ........................................................................... ٨٠
٣,٧ ويدانتي سوچ ۽ فڪر ........................................................................... ٨٧
٣,٨ ڀڳتي مت جي فلسفي جو اثر ........................................................................... ٨٩
٣,٩ ناٿ پنٿ جو اثر ........................................................................... ٩٢
حوالا ........................................................................... ٩٥
**باب چوٿون** ........................................................................... ٩٧
**شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انسان شناسيءَ جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو** ........................................................................... ٩٧
٤,١ انسان جي وصف ........................................................................... ٩٧
٤,١,١ انسان شناسي ڇا کي چئجي ........................................................................... ٩٨
٤,١,٢ علم نفسيات جي روشنيءَ ۾ انسان شناسيءَ جي چند ڇاڻ ........................................................................... ١٠٠
٤,١,٣ نفسيات جي وصف ........................................................................... ١٠١
٤,٢ انسان ذات جون عام نفسياتي ڪيفيتون ـ هڪ اڀياس ........................................................................... ١٠١
٤,٢,١ انسان شناسيءَ جا عنصر/پهلو ........................................................................... ١٠٦
٤,٢,٣ خود شناسي ........................................................................... ١٠٨
٤,٢,٤ جوڳُ ڪَٽڻ ........................................................................... ١١٢
٤,٢,٥ انسانيت ........................................................................... ١١٧
٤,٢,٦ انساني حق ........................................................................... ١١٨
٤,٢,٧ شهري حق ........................................................................... ١٢٠
حوالا ........................................................................... ١٢١
**باب پنجون** ........................................................................... ١٢٢
**شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انسان شناسيءَ واري سوچ جا ماخذ** ........................................................................... ١٢٢
٥,١ بنيادي ماخذ ........................................................................... ١٢٣
٥,١,١ قرآن مجيد ........................................................................... ١٢٤
٥,١,٢ حديث ........................................................................... ١٢٨
٥,١,٣ شريعت (شرعيت) ........................................................................... ١٢٩
٥,١,٤ تصوف ........................................................................... ١٣٣
٥,٢ ثانوي ماخذ ........................................................................... ١٣٧

٥.٢.١ سورٺ راءِ ڏياچ........................................................ ١٣٧
٥.٢.٢ مومل راڻو ........................................................ ١٤٠
٥.٢.٣ ڪاهوڙي ........................................................ ١٤١
٥.٢.٤ سُر رامڪلي ........................................................ ١٤٤
٥.٢.٥ سُر ڪاپائتي ........................................................ ١٤٥
٥.٢.٦ سامونڊي ........................................................ ١٤٦
٥.٢.٧ نوري ڄام تماچي........................................................ ١٤٨
٥.٢.٨ مارئي ........................................................ ١٤٩
٥.٢.٩ يمن ڪلياڻ ........................................................ ١٥١
٥.٢.١٠ سُر ڪارايل........................................................ ١٥٢
٥.٢.١١ ڪوهياري ........................................................ ١٥٣
٥.٢.١٢ سارنگ ........................................................ ١٥٤
٥.٢.١٣ سُر ڪيڏارو ........................................................ ١٥٥
٥.٢.١٤ سُر پرڀاتي ........................................................ ١٦١
٥.٢.١٥ سُر بروو ........................................................ ١٦٥
٥.٢.١٦ سُر پُورب ........................................................ ١٧١
٥.٢.١٧ سُر بلاول ........................................................ ١٧٤
٥.٢.١٨ سُر ڏهر ........................................................ ١٧٩
٥.٣ شاهه جي ڪلام ۾ سورميون........................................................ ١٨٤
٥.٤ شاهه جي ڪلام ۾ مختلف فردن جو ذڪر........................................................ ١٨٦
٥.٥ شاهه جي ڪلام ۾ هنرمند عورتن جو ذڪر........................................................ ١٨٧
٥.٦ شاهه جي ڪلام ۾ ڪورين ، لوهارن ، ڊکڻن ، ڪنڀارن ، ڏوٻين وغيره جو ذڪر........................................................ ١٨٨
٥.٧ شاهه جي ڪلام ۾ جانورن ۽ پکين جو ذڪر ........................................................ ١٨٩
٥.٨ شاهه جي ڪلام ۾ ساٿيهه جي سڪ ........................................................ ١٩١
حوالا........................................................ ١٩٧
**باب ڇهون** ........................................................ ٢٠١
**نتيجا، اختصار، ڪتابيات**........................................................ ٢٠١
٦.١ نتيجا ........................................................ ٢٠١
٦.٢ اختصار........................................................ ٢٠٩
ڪتابيات (Bibliography)........................................................ ٢١٣
سنڌي ڪتاب........................................................ ٢١٣
اردو ڪتب ........................................................ ٢٢١
ENGLISH BOOKS........................................................ ٢٢٢
رسالا ۽ مخزن ........................................................ ٢٢٣
لائبرريون ........................................................ ٢٢٤
شاهه جي رسالي جا نسخا........................................................ ٢٢٥

# باب پهريون
# تحقيق جو طريقہ ڪار

## ١,١ موضوع جو تعارف

لطيف شناسيءَ جي تحقيق جو هي موضوع، عالمي سطح جي حيثيت رکندڙ موضوع آهي. هن موضوع جو بنيادي ماخذ، شاهہ جو رسالو ئي آهي، جنهن کي بنياد بڻائي هن موضوع متعلق هن وقت تائين شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو تحقيقي اڀياس ڪيو ويو آهي.

بنيادي تحقيق واري اصول کي آڏو رکي، هن مقالي لاءِ موضوع کي جن جن بابن ۾ ورهايو ويو آهي، انهن بابن جي عنوانن موجب، شاهہ جي رسالي جي ڌار ڌار نسخن مان انهن عنوانن وارو مواد چونڊيو ويو آهي. انسان شناسيءَ لاءِ جن جن پهلوئن جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي، اُنهن ۽ اُنهن کان وڌيڪ هٿ ايندڙ موضوعن جا بيت ڳولي، انهن مان انسان شناسيءَ وارا پهلو هٿ ڪري انهن تي تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي. جيتوڻيڪ هي ڪم وڏيءَ محنت وارو ۽ شاهہ جي رسالي جي مطالعي جي سلسلي ۾ فائدي وارو پڻ آهي، پر حقيقت ۾ فائدو پڙهندڙن کي ٿيندو جن لاءِ، هن کان اڳ شاهہ جي رسالي جو اهڙو تحقيقي جائزو پيش نہ ڪيو ويو آهي.

”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي اعليٰ مشاهدي ۽ اڀياس ذريعي ڪائنات جي نظارن جي نهايت ئي پراثر ۽ حقيقت پسندانہ طريقي سان عڪاسي ڪندڙ انساني طبعيت جا مختلف رخ، جذبا، امنگ، ارمان، عادتون ۽ خصلتون نهايت باريڪ بينيءَ سان بيان ڪندڙ ۽ انسان ذات جي مزاج ۽ فطرت جي اڀياس کي پنهنجي لفظن ۾ سهڻو ويس پارائيندڙ انسان شناسيءُ جو هڪ علمبردار شاعر آهي. ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي نظريي مطابق، هن جهان جو هڪڙو ئي صانع آهي، جيڪو جهان جون جوڙون جوڙي ٿو. اهو قديم آهي، زندهہ آهي. هو هميشہ کان آهي ۽

هميشه رهندو. پنهنجي وجود ۾ واجب آهي ۽ هن جو عدم ممتنع آهي. ڪمال جي سيني صفتن سان متصف ۽ نقص و زوال جي سيني علامتن کان پاڪ آهي.” (شيخ راز، ٢٠١٧ع: ٩)

ان حوالي سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ انسان ذات جي نفسياتي ڪيفيتن ۽ بنيادي خوبين، خصوصيتن، ڪَمين ڪوتاهين، ڪمزورين ۽ اوڻاين، دلچسپين، اميدن، آسرن، ارمانن، ڳڻن ۽ اوڳڻن جي اهڙي نموني وضاحت سان عڪاسي ڪئي آهي جو سندس شاعريءَ جي عظمت جو اعتراف ڪندي، بي اختيار ائين چوڻو پوي ٿو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جو وڏي ۾ وڏو انسان دوست شاعر آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جي ڌار ڌار قدرن جي پنهنجي ڪردارن ذريعي اهڙي ته اپٽار ڪئي آهي جو دنيا دنگ رهجيو وڃي.

“شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌي سماج جو محسن هو. هن پنهنجي علم، عمل، مشاهدي ۽ اظهار جي بيپناهه سگهه سان، نه صرف اخلاقي ۽ سياسي طور ڏيوالپڻي جو شڪار ٿيل سنڌي سماج کي بيساکيون ڏنيون، پر سرڪاري ۽ تدريسي طور رائج ڌارين ٻولين جي عروج واري ان دور ۾ پنهنجي حسين شاعراڻي اظهار جي قوت سان سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج کي بچايو، ترقي ڏني. اهو ئي لطيف جو هن ڌرتيءَ لاءِ سڀ کان وڏو Contribution هو.” (خالد آزاد، ٢٠٠٧ع، مهاڳ: ٥)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ذات پات، رنگ ۽ نسل جي پابندين کي ٽوڙي مظلوم انسانن جو ساٿ ڏيڻ ۽ انهن جو پرجهلو ٿيڻ جو درس ڏئي ٿو. فرمائي ٿو:

ڏات نه آهي ذات تي، جو وهَي سو لهي،
آريون اَبوجهن جون، سپڙ چام سهي،
جو راءَ وَٽِ راتِ رهي، تنهن کي جُڪي جان ڪتيان نه ٿئي.
(سر پرڀاتي)

هونئن تہ ڀٽائيءَ گهوٽ جا ڪوڙ اهڙا بيت جيڪي عالمن وارن رسالن ۾ ناهن پر هن تر جي ماڻهن جي دلين ۾ نسل درنسل سانديل آهن، جن کي عالم سڳورا پلي ڀٽائيءَ جا نہ مڃين، ڇو تہ عالمن سڳورن کي لکت واري سَندَ تي ڪپي، سا هن تر جا اٽپڙهيل ڪٿان آڻين، جيڪا شيءِ سيني ۾ سانديل آهي، ڇا ان کي سَندَ جو درجو نہ ٿو ملي سگهي. (ڀالاري، رخمان، ۲۰۰۷ع: ۹۳)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، صديون اڳ پنهنجي اعليٰ فڪر ذريعي عالمي انساني ضمير کي جاڳائيندي تلقين ڪئي آهي تہ: ظالمن خلاف ٻي پهچ ۽ ٻي يارو مددگار مظلومن جا پرجهلا ۽ رهبر بڻجو ۽ ائين ڇوڻ ۾ ڪو بہ وڏاءُ ڪونهي تہ عالمي انساني حقن جي تنظيمن ۽ ادارن جڻ تہ لطيف سائينءَ جي فڪر جي ڇيچ وٺي انساني حقن بابت قاعدا ۽ قانون بنايا آهن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ڪائنات جي حسن سان پيار سان گڏ، انسان ذات سان پيار، پنهنجي وطن سان پيار، انسان ذات جي خوبين جهڙوڪ: جدوجهد ڪرڻ، پراميد رهڻ، هر شيءِ جي حاصلات جي تمنا نہ ڪرڻ، نهٺائي، انڪساري ۽ نماڻائي، قربانيءَ جو جذبو، سخاوت، وفاداري، سچائي، عشق ۽ مقصد سان آخري وقت تائين نڀاءُ جهڙن اصولن تي ٻڌل رهڻ وغيره. اهي سڀ خوبيون هن دور جي عالمي انسانيت جو محور بڻجي چڪيون آهن. شاهہ عبداللطيف، پنهنجي شاعريءَ ذريعي دنيا جي هن پوري دور ۾ ڪمزور حيثيت رکندڙ عورت کي ئي مستقل مزاجي، استقامت، جدوجهد ۽ ترقيءَ جي علامت سمجهي ٿو.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

(سر حسيني)

هڪ عظيم شاعر جي بزرگي ۽ بلنديءَ جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳايو وڃي ٿو تہ هن پنهنجي ڌرتيءَ تي رهندڙ پاڻ جهڙن انسانن جي زندگيءَ جو ڪهڙو ۽ ڪيترو گهرو مشاهدو ۽ مطالعو ڪيو آهي ۽ ان کي ڪهڙي انداز ۾ پيش ڪيو

آهي. هن انهن جي حالتن، جنهن ۾ هو رهن ٿا، ڪي ڪهڙي نگاهه سان ڏٺو آهي ۽ اهو ٻڌايو آهي ته انهن سندن زندگيءَ کي ڪهڙيءَ طرح متاثر ڪيو آهي. “هڪ عظيم شاعر پنهنجي ديس واسين جي نه صرف خارجي حالتن جو غور سان مطالعو ڪري ٿو، پر هو انهن جي اندر ۾ جهاتي پائي هنن جي مختلف ڪيفيتن کي پنهنجي ڪيفيت، هنن جي هر جذبي کي پنهنجو جذبو سمجهي نهايت پراثر انداز ۾ بيان ڪري ٿو.” (قادري، اياز، ١٩٩٥ع: ٨١)

انسان ذات ۾ جيڪي سنيون سهٽيون ۽ اخلاق سيکاريندڙ ڳالهيون آهن، شاهه عبداللطيف ڀٽائي انهن جو سبق ڏيندي چوي ٿو:

هو چونئي تون مَ چئو واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

(يمن ڪلياڻ)

***

چڱن مان چڱايون ائين سڀ ڪو هوءِ،
تو جيئن ڪري نه ڪوءِ، بڇڙن سان ڀلائيون.

(سريراڳ)

لطيف سائين هڪ وڏو انسان شناس شاعر آهي. انسان ذات ۾ جيڪي خوبيون يا اوڻايون آهن، انهن کي هو چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ پنهنجي ڪلام ۾، انهن جي اپٽار ڪري ٿو. مثال طور فرمائي ٿو:

هُو پڻ ڪونهي هِن ري، هيءُ نه هنهان ڌار،
اَلا اِنسانَ سِري وَآنا سِرَهُ پروڙج پَچارَ،
ڪَندا ويا تنوارَ، عَالِمَ عارِف اهڙي.

(سُر پرڀاتي)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اهو بہ ظاهر ڪيو آهي تہ انسان ڪو فطري طرح گنهگار ڪونهي، بلڪ فطري معصوم ۽ گناهن کان پاڪ آهي. مؤمن دنيا جي گندي ماحول ۾ اچي ۽ رهي ڪري پنهنجي اصليت وساري ڇڏي ٿو. انسان کي گهرجي تہ هر حال ۾ پنهنجي اصل حالت کي نہ وساري ۽ گندي ماحول کان پنهنجي دامن کي بچائي، متان پنهنجي حقيقي مالڪ محبوب اڳيان ڪيس شرمسار ٿيڻو پوي.

سونهن وجايم سومرا، ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جتِ هلڻ ناهي حُسن ري.

(سُر پرياتي)

پنهنجي وطن سان محبت ۽ سموري عالم انسانيت لاءِ دعاگو ٿيندي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

(سر سارنگ)

## ١,٢ تحقيق جو مقصد

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ڪلام ۽ شاعريءَ جي مختلف پهلوئن تي تحقيق ٿيندي رهي آهي. سندس فڪر تي وقت بوقت ڪيترائي تحقيقي مقالا، مضمون ۽ شرحون لکيون ويون آهن. سندس سمورن سرن تي تحقيقي ڪم جاري ۽ ساري آهي. سندس ڪلام ۾ بيان ڪيل ڪردارن، سورمن ۽ سورمين بابت تحقيقي ڪم هجي يا لطيف جي شاعريءَ جي خوبين، جهڙوڪ: منظر نگاري، ڪردار نگاري، حقيقت نگاري، موسيقي، ٻولي ۽ ادب، فن ۽ ڏانءَ سميت مختلف موضوعن تي ڪانئس اڳ ڪجهہ قدر تحقيق ٿي آهي، پر شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ سمايل فڪر جي گهرائي ايڏي تہ وسيع ۽ اعليٰ پايي جي آهي جو سندس ڪلام ۽ فڪر

جي ڪيترن ئي پاسن ۽ پهلوئن کي اجا ڇهيو به نه ويو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، پنهنجي ڪلام ذريعي عالم انسانيت جي ڀلائيءَ جو پيغام ڏيندڙ مفڪر اعظم آهي، جنهن جي فڪر تي گهڻ پاسائين ۽ گهڻ رخي تحقيق جي گهڻي ضرورت رهي ٿي. "شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انسان شناسي" هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي اجان ذري جيتري به تحقيق نه ٿي آهي. البت ڪي سادا سودا مضمون، ٽڙيل پکڙيل ملن ٿا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ذريعي انساني فطرت جو اهڙو صحيح ۽ تز جائزو پيش ڪيو آهي ۽ انساني فطرت جي تقاضائن جو ايتري قدر ته پورو پورو لحاظ رکيو آهي جو سندس شاعري جي قدرن جا متبادل نظر ئي نٿا اچن، اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين سنڌ ۾ ڪو به شاعر يا اديب سندس فڪر جي بلندي تائين پهچي نه سگهيو آهي.

"شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ معاشري ۽ ماڻهوءَ لاءِ نظم و ضبط، قانون ۽ قاعدا ديني نظام زندگيءَ جو ڍانچو آهي، جنهن جو بنياد عدل ۽ انصاف تي قائم ڪرڻ ۽ انسان لاءِ اهڙو سازگار ماحول پيدا ڪرڻ آهي جو انسان نه رڳو پنهنجي هدف تخليق ڪرڻ جي حصول لاءِ اطمينان سان قدم اڳتي وڌائي سگهي پر بهتر سماج جي تشڪيل ۽ ڪارائتي ڪردار جي تربيت به ڪري سگهي ته جيئن هر انسان کي عدل ۽ انصاف، عزت ۽ شرافت، حق حفاظت، امن ۽ امان ميسر ٿي سگهي. مطلب ته "لطيفي فڪر هر انسان لاءِ هر ميدان ۾ مددگار ۽ معاون ثابت ٿي سگهي ٿو، پر لطيفي فڪر مان اهي سڀ ثمر تڏهن ملندا جڏهن اسان لطيفيات جي صحيح تشريح ڪرڻ ۽ ان کي صحيح ۽ مثبت رخ ۾ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريون." (لطيفي، سليم، ٢٠٠٤ع: ٧)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي گهري اڀياس ڪان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته مغربي دنيا جو ڪو به نظريو، نه عالمگير نظريي جا اصول پيش ڪري سگهيو آهي ۽ نه ئي وري انسان ذات جي سيني جذبن ۽ احساسن جي گڏيل

ترجماني ڪندي، انسان ذات جي سڌاري ۽ واڌاري، اتحاد ۽ اتفاق لاءِ ڪي نوس اخلاقي قدر پيش ڪري سگهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڊاڪٽر سورلي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي دنيا جي عظيم مفڪرن ۽ شاعرن ۾ شامل ڪيو آهي.

انسان کي ڪامل انسان بنائڻ لاءِ قديم دور کان وٺي جديد دور جي فيلسوفن تائين پيش ڪيل نظرين کي انصاف جي تارازيءَ ۾ توربو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو فڪر وارو پڙ ڳرو ۽ انسان ذات جي ڀلائي خاطر جامع ۽ عملي (فڪر) نظر ايندو.

## ١,٣ تحقيق جو جواز ۽ دائره ڪار

انسان شناسيءَ جي عنوان سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۽ فڪر جي جديد دور جي تحقيق جي معيارن ۽ ماپن موجب پڙهندڙن اڳيان اهڙي تحقيق آندي وڃي جيڪا سموري انسان ذات جي رهنمائي ڪندڙ "فڪرِ لطيف" کي صحيح، مڪمل ۽ گهڻ پاسائين سمجهڻ جي سگهه پيدا ڪري سگهي ۽ موجوده توڙي ايندڙ وقت جا شاگرد، استاد ۽ محقق، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر جي روشنيءَ ذريعي عالم انسانيت جي ڀلائيءَ جو رستو ڳولي لهن.

هيءُ تحقيقي مقالو، سنڌي ادب ته خير پر سنڌ شناسيءَ جي سلسلي ۾ گهڻ پهلو موضوع وارو مقالو آهي. هن مقالي ۾ لطيف شناسيءَ جي هڪ پهلوءَ جو تحقيقي جائزو پيش ڪيل نه آهي پر Humanities واريءَ فئڪلٽيءَ لاءِ منهنجو هي مقالو، هڪ رهنما مقالو ثابت ٿيندو ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾، ڪٿي به انسان شناسيءَ جي حوالي سان اهڙي تحقيق ڪنهن به يونيورسٽيءَ ۾ اجان تائين ڪا نه ٿي آهي. انهي ڪري آئنده جي محققن کي منهنجو هيءُ مقالو هڪ رهنما مقالي طور، هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ مدد ڪندو.

شاهه عبداللطيف ته سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جو سرواڻ عالم آهي پر جنهن موضوع تي هي مقالو پيش ڪيو ويو آهي. اهو موضوع جڻ ته شاهه جي ڪلام جو

روح آهي. مون کي يقين آهي تہ جڏهن هي مقالو ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو تڏهن محققن کي نون نون تحقيقي موضوعن ۽ عنوانن لاءِ نيون نيون راهون نظر اينديون.

### ١,۴ تحقيق جا ذريعا ۽ ماخذ

مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ موضوع تي تحقيق لاءِ بنيادي ماخذ شاهہ جي رسالي يا هيٺيان ڏار ڏار نسخا آهن:

١. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ وارو نسخو
٢. غلام محمد شاهواڻي وارو نسخو
٣. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي وارو نسخو
۴. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا ڏار ڏار نسخا
۵. مرزا قليچ بيگ وارو نسخو
٦. علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ وارو نسخو

### ١,۴,١ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پارکن، اديبن، عالمن ۽ شاعرن سان ملاقاتون

شاهہ جي رسالي جي انهن نسخن جي گهري اڀياس کان سواءِ سنڌ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي پارکن ۽ ساڃاهہ وند اديبن، عالمن ۽ شاعرن جا انٽرويو بہ ورتا ويا، اهڙن ساڃاهہ وند ماڻهن جي نالن جي فهرست هن طرح آهي:

١. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حيدرآباد
٢. محمد ابراهيم جويو، حيدرآباد
٣. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، حيدرآباد
۴. ڊاڪٽر فهميده حسين، حيدرآباد

٥. محمد صديق ملاح، بدين
٦. آغا سليم، ڪراچي
٧. سليم ڀٽو لطيفي، ڄام شورو
٨. ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڪراچي
٩. سنڌي شعبي سنڌ/ ڪراچي يونيورسٽيءَ جا لاڳاپيل پروفيسر صاحبان
١٠. علي رضا لطيفي، ڀٽ شاهه
١١. انب گوپانگ (لطيف جو پارکو)
١٢. سيد محبوب شاهه لڪياري، ڄام شورو
١٣. امداد حسيني

## ١,٤,٢ لائبررين

١. علامه آءِ. آءِ. قاضي لائبرري، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
٢. پروفيسر محرم خان سيمينار لائبرري، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
٣. شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
٤. علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو لائبرري، حيدرآباد.
٥. ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ذاتي لائبرري، حيدرآباد.
٦. محمد ابراهيم جويي جي ذاتي لائبرري، حيدرآباد.
٧. گل حيات انسٽيٽيوٽ لائبرري، خير محمد آريجا، ضلع لاڙڪاڻو.
٨. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
٩. سچل سرمست لائبرري، خيرپور ميرس، سنڌ.
١٠. پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
١١. حاجي احمد ملاح لاءِ لائبرري، بدين.

۱۲. **پائو درمحمد ٻرڙو پبلڪ لائبرري**، قمبر.

۱۳. **دين محمد ڪلهوڙو ذاتي لائبرري**، واپڊا ڪالوني، ڄام شورو.

## حوالا


١. آزاد، خالد (مرتب)، ٢٠٠٧ع، شاهه لطيف، سنڌي ٻولي ۽ سماج، ڇاپو پهريون، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

٢. سنڌي، حميد، ١٩٩٦ع، سر ڪارايل، پهريون ڇاپو، ڀٽ شاهه/ حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

٣. قادري، اياز، ١٩٩٥ع، مون مطالع سپرين، ڇاپو پهريون، ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي.

٤. لطيفي، سليم ڀٽو، ٢٠٠٤ع، قدر ڪيميا ان جو، پهريون ڇاپو، ٽنڊو ڄام: Bless گلڙا پبليڪيشن.

٥. ميمڻ، فضل الرحمان، ٢٠١٧ع، شاهه جو فڪر ۽ فلسفو، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

# باب ٻيو

## شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو زمانو ۽ ان جو سياسي ۽ سماجي جائزو

### ٢,١ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ولادت، تعليم و تربيت

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ولادت ۽ سندس وڏن بابت پنهنجي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي ۾ لکي ٿو ته:

"شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو جنم،سنڌ جي متعلوي ساداتن يعني متعلوي يا مٽياري سيدن جي "ڪريم پوٽا" خاندان ۾ ٿيو. شجري ۾ هڪ وڏي پاڙي جراڙ يا جڙاڙ پوٽا جي هڪ شاخ آهي، انهي پاڙي جو هڪ وڏو سيد جراڙ(جلال) هو، جيڪو سيد شرف الدين جو فرزند هو. انهيءَ لحاظ سان جراڙ پوٽا ساڳئي وقت شرف پوٽا آهن. شرف الدين جو ڏاڏو سيد حيدر هرات شهر جي سيد مير علي جو پٽ هو، جيڪو مٿي امام موسيٰ ڪاظم جي اولاد مان هو. " (بلوچ، ٢٠٠٩: ١)

انهيءَ لحاظ سان مٽياري سيد، شهر هرات جي سندن وڏي ڏاڏي مير علي يعني سيد علي جي اولاد سان هراتي سيد آهن. پر مير علي ڪان مٿئين نسب نامي جي اعتبار سان ڪاظمي سيد آهن.شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وڏن جو سلسلو هرات مان آيل بزرگ سيد حيدر سان وابسته آهي.شاهه عبدالڪريم (١٦٢٣-١٥٣٥ع)، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو تڙ ڏاڏو هو. ان جو انن فرزندن مان ٽئين نمبر فرزند جلال شاهه يا جمال شاهه جو پٽ سيد عبدالقدوس هو، ان جو فرزند سيد حبيب، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو والد بزرگوار هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

"مٽياري سيدن جي شجري موجب سيد حيدر پهريائين سنڌ ۾ آيو ۽ هالڪندي(قديم شهر هالا) ۾ اچي رهيو. جتي هالا قبيلي جي رئيس شاهه محمد بن دريا خان ڪيس پنهنجي نياڻي ڏني، جنهن مان ڪيس علي نالي پٽ ٿيو. سيد حيدر

موٽي هرات ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. پٽس سيد (مير) علي سنڌ ۾ ئي رهيو ۽ ڪريم پوٽا توڙي ٻيا سيد هن سيد علي سنڌي جو اولاد آهن."(بلوچ ٢٠٠٩:١)شجري جي روايت موجب سيد (مير) علي سنڌي ٨٠٢-٨٠٣ھ وارن سالن ۾ هالڪنڊيءَ ۾ ڄائو هوندو. پر غالباً سندن والد سيد حيدر ڳچ وقت اڳ اٺين صدي هجري جي آخر ڌاري ڄائو هو. هالڪنڊي ۾ پنهنجن ناناڻن ۾ نپنو، جن ڪيس پرڻايو. هن ٻيو نڪاح ترڪن جي قبيلي مان ڪيو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وڏن نقل مڪاني ڪري موجوده مٽياريءَ جي پرسان لڏي آيا، جنهن جو تفصيلي ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي رسالي ۾ ڪيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

"مٽياري واري ماڳ تي لڏي اچڻ کان پوءِ چاليهن پنجاهن سالن اندر سن ٩٤٤ھ ۾ سيد علي سنڌيءَ جي پٽ شرف الدين جي اولاد شرف پوٽن جي جراڙ يا جراڙپوٽا پاڙي مان لال محمد شاهه عرف للي شاهه جي گهر ۾ عبدالڪريم شاهه ڄائو، جيڪو پنهنجي درويشي ۽ دينداري، فڪر ۽ فهم، تصوف ۽ توڪل جي ڪري مشهور ٿيو، سندس والد جو گهر مٽياري ۾ موجودهجامع مسجد جي ڏکڻ اولاهين ڪنڊ سان لڳو لڳ هو." (بلوچ ٢٠٠٩:١)

تصوف جي سلسلي ۾ ميين شاهه ڪريم ۽ سندس والد ٻنهي جي سهروردي طريقي سان نسبت باقي رهي. پر شاهه ڪريم پاڻ قادري طريقي سان وابسته ٿيو. ميين شاهه ڪريم کي اٺ پٽ ٿيا، جن مان ڇئن کي اولاد ٿيو. ڏاڏي جي نالي سان سندن پاڙو ڪريم پوٽا ٿيو. سندن ٽئين نمبر فرزند جلال شاهه جي اولاد مان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو والد شاهه حبيب ٿيو.

### ٢,١,١ شاهه عبداللطيف جي ولادت (١١٠٢ھ)

عام روايتن موجب شاهه حبيب کي اولاد ڪو نه ٿيندو هو. ڪنهن درويش کان دعا گهريائين، ڪنهن چيس ته توکي پٽ ٿيندو، پر سندس نالو عبداللطيف

رڪجانءِ. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي تصنيف "سنڌي ادب جي تاريخ" (جلد-١) ۾ لکي ٿو ته:

"روايت آهي ته سيد حبيب شاهه کي اولاد ڪو نه ٿيندو هو، ڪيس مست درويش هاشم شاهه دعا ڪئي". (جوڻيجو، ٢٠٠٤ع:١٤٠)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ولادت جي تاريخ ڪٿي به لکيل ڪانهي، پر جيڪڏهن مهيني صفر ١١٦٥هه ۾ وفات وقت سندن عمر ٦٣ سال هئي ته پوءِ قمري سال جي حساب سان سندس ولادت ١١٠٢هه جي صفر مهيني جي ١٤ تاريخ ڌاري يا ڪي ڏينهن اڳ پوءِ ٿي هوندي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

"شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَجي ولادت ١١٠٢هه/١٦٩٠ع ۾ ٿي. سندن والده عرس فقير ڏيري جي نياڻي هئي، عرس فقير ڏيرو، حضرت غوث بهاءُ الدين زڪريا ملتانيءَ جي خليفي قندر فقير ڏيري جي اولاد مان هو." (جوڻيجو، ٢٠٠٤ع:١٤١)

## ٢,١,٢ ابتدائي تعليم

ٻاراڻي واري زماني ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي اٿڻ ويهڻ، پرکڻ ۽ ڏسڻ وائسڻ جو مرڪز سندس پنهنجو ڳوٺ هو. ان زماني ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي اچ وڃ سندن ماسي ۽ ٻين جي گهرن تائين يعني گنباٽ واري تر ۾ ڏيرن فقيرن جي راڄن ڳوٺن ۾ ٿيندي رهي. نتيجي طور ننڍپڻ واري زماني ۾ ڏيرن فقيرن جي قبيلي واري نج سنڌي ٻولي جيڪا سندس مادري ٻولي پڻ هئي، سا ننڍڙي عبداللطيف جي ذهن تي نقش ٿي ۽ زبان تي چڙهي ۽ اڳتي هلي، سنڌي ٻولي تي سندس ڪلي طور دسترس ۽ ڪمال لاءِ پيش خيمو بني.

ان زماني ۾ مڪتبي تعليم جو دورو هو، جنهن موجب قرآن شريف، سنڌي ۽ فارسي تعليم، معياري سطح تي ڏني ويندي هئي. والدين ننڍڙي عبداللطيف کي پاڻ کان پري ڪري فوري طور تي ڪنهن مڪتب ۾ ڪو نه ويهاريو. البت سندس گهر ۾ ئي تعليم ۽ تربيت ٿيندي رهي جو نه فقط والد

شاهہ حبيب پاڻ علم پرور ۽ حبِ نظر انسان هو. ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جڏهن ڪجهہ وڏو ٿيو تہ روايتن موجب شاهہ حبيب ڪيس قرآن شريف پڙهڻ لاءِ اهڙن استادن وٽ ويهاريو، جيڪي پاڻ وڏا نيڪ ۽ پرهيزگار هئا، انهن ڪيس اهڙي توجهہ سان پڙهايو جو قرآن شريف،سندس دل تي نقش ٿي ويو. انهن مان خاص استاد ميون نور محمد ڀٽي هو، جنهن پوءِ ڪيس مڪتبي تعليم ڏني. ميون نور محمد گنبات جي ڏيرن واري راڄ ڪي ويجهو انن ميلن جي پنڌ تي ”وانئين“ جو وينل هو.“ (بلوچ، ٢٠٠٩: ٨)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ننڍپڻ وارا ڪم از ڪم ٻارنهن سال پنهنجي ناناڻن ڏيرن فقيرن ۽ سئي قندر ۽ گنبات واري تر ۾ گذريا. انهيءَ عرصي ۾ ٻين ٻارڙن سان گڏ گنبات سان لاڳو اولهہ طرف واريءَ جي ڀٽن واري ايراضي، جنهن ۾ پوءِ هن ڀٽ واري ماڳ ڪي وسايو، ۾ ننڍڙي شاهہ عبداللطف مينهن وسندي رانديون ڪيون هونديون. ان وهيءَ ۾ گنبات جي جُوءِ ۾ هر ماڳ ۽ ڳوٺ ڏنائون ۽ ٻارن توڙي وڏن جو پيار ماڻيائون. ننڍپڻ وارين انهن يادگيرين جو ئي نتيجو هو جو پوءِ وڏي هوندي سارنگ جي هڪ بيت ۾ گنبات تي ڪرم جي ڪڪرن جي گونج جو ذڪر آندائين تہ:

واهندئان وڄ ٿي، ڳڙيون ڏونهہ گنبات (بلوچ،٢٠٠٩:٨)

ان ٻاراڻيءَ وهيءَ ۾ سندس سنگت ۽ رفاقت فطري طور تي ڏيرن فقيرن جي ٻارن سان ٿي، جن سان هو ڪيڏيو ۽ خوش ٿيو ۽ جيڪي پوءِ وڏي هوندي سندن پيارا فقير ۽ معتقد ۽ پيروڪار ٿيا. انهن مان اَڄن فقير ۽ سُک فقير ڏيرو، ٻيئي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حاضرات جا فقير هئا. جاني فقير ڏيرو بہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ننڍي هوندي جو ساٿي هو، جنهن جو پٽ عنايت پڻ ڏانهنس گهڻو مائل ٿيو، پر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سيني ڪان وڌيڪ ويجهو ۽ پيارو ساٿي سندس پنهنجو سڱو ماسات، رب رکئي فقير جو پٽ محمد عالم ڏيرو هو جيڪو پوءِ خاص فقير ۽ خليفو ٿيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

"نندپڻ واري مڪتبي، تعليم بعد بلوغت توڙي نوجواني واري دور تائين شاهه عبداللطيف جي تربيت پنهنجي والد شاهه حبيب جي شفقت ۽ هدايت هيٺ ٿي. هو پاڻ ۾ هميشه گڏوگڏ هئا. شاهه حبيب پاڻ پڙهيل هو ۽ دعا تعويذ لکي ڏيندو هو. بعضي هو حال وارا بيت پڻ چوندو هو. عالمن ۽ عارفن جو صحبتي هو. مير علي شير قانع کيس ڪريمي سلسلي جو ناميارو بزرگ سڏيو آهي." (بلوچ، ٢٠٠٩:٩)

### ٢,١,٣ تربيت

شاهه حبيب پنهنجي سعادتمند فرزند کي پنهنجي صحبت ۽ رفاقت ۾ رکي سچو ڌيان سندس تربيت تي ڏنو، ته جيئن هو ذهني، اخلاقي ۽ روحاني طور اعليٰ درجي کي پهچي سگهي، کيس هميشه پاڻ سان گڏ پئي رکيائين، جتي به ويا پئي اتي وقت جي عالمن ۽ درويشن جي صحبت ۾ پئي ويهاريائون، کيس اباڻي ماڳ مٽياري ۽ خاص طرح ڏاڏي ميين شاهه ڪريم جي آخري آرام گاهه تائين پاڻ سان گڏ نيائون ۽ پاڻ شاهه ڪريم جي فقيرن سان ملايائين. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي نندپڻ ۽ تربيت بابت لکي ٿو ته :

"اهڙي طرح بلوغت ڏانهن اسرندڙ سالم طبع ذهين عبداللطيف پنهنجي والد سان گڏ انهن سفرن مان تمام گهڻو پرايو. شاهه حبيب ساڳئي وقت وڏي سرت سمجهه واري عبداللطيف ڪي پنهنجي خاص توجهه، اعليٰ تربيت ۽ عارفانه نظر سان اعليٰ اخلاق ۽ نيڪ اعتقاد ڏانهن مائل ڪيو. نوجوانيءَ واري دور ۾ قدم رکڻ سان، گڏ کيس طريقت جي راهه ڏسيائين. (بلوچ،٢٠٠٩:١٠)

شاهه عبداللطيف جي تربيت جا سمورا مرحلا سندس مُربي والد بزرگوار شاهه حبيبؒ جي نگرانيءَ ۾ ٿيا. شاهه حبيب پاڻ به وقت جو بزرگ ۽ وڏو فيض وارو عابد ۽ زاهد شخص هو. جڏهن هُو سُئي قندر واري ڳوٺ مان لڏي اچي ڪوٽڙي مغل ۾ وينو ته شاهه لطيف جي اٿا وينيءَ جو دائرو به وڌڻ لڳو. ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي پنهنجي تحقيقي ڪتاب "شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي

شاعريءَ ۾ اسلامي قدر” جي پهرئين ڇاپي (۲۰۱۰ع) ۾ اُن بابت لکي ٿو تہ:

“شاهہ حبيب جڏهن سُئي قندر واري ڳوٺ مان لڏي اچي ڪوٽڙي مغل ۾ وينو تہ نوجوان لطيف جي ڏسڻ وائسڻ جو دائرو اتر طرفان هالن ڪان وٺي هيٺ لاڙ ۾ بُلڙيءَ تائين ۽ اولهہ طرفان ڪوٽڙيءَ واري علائقي ڪان اوپر ڏانهن پٽ (هاٽوڪي) ۽ گنباٽ تائين ۽ اتان ڏکڻ ڏانهن نصرپور تائين وسيع ٿيو.” (جسڪاڻي، ۲۰۱۰ع:۲۸)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، قادر جي قدرت، ڪائنات جي وسعت، خالق ۽ مخلوق جي رشتي جي حقيقت ۽ زميني زندگيءَ جي لاهن چاڙهن ۽ انسان جي اخلاق ۽ ڪردار جي ڪيفيت کي پرجهڻ ۽ پروڙڻ خاطر هڪ جاءِ تي ويهڻ ۽ گهر سنڀالڻ بدران ڏسڻ ۽ ورڻ، گهڻ ۽ ڪشالا ڪرڻ کي ترجيح ڏني. هن دور ۾ هن سنڌ توڙي سنڌ جي ڀر وارن ملڪن ۽ ماڳن کي ڏٺو، تن سڀني بابت معلومات محفوظ نہ رکي سگهيا. البت ڪٿي ڪٿي شاهہ ڪريم جي مريد جتن فقيرن وٽ گهٽو ويو. جيڪي پوءِ سندن ئي مريد ٿي ويا. اپرندي ڏانهن جيسلمير، الهندي طرف ڪوهستان ۽ لسٻيلي جي ملڪ تائين سفر ڪيائون.

## ۲٫۲ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيرح جي دؤر ۾ سنڌ جي حالت

### ۲٫۲٫۱ سياسي حالت

سنڌ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ولادت وارو اهو زمانو هو، جڏهن مغل شهنشاهيت زوال طرف وڃي رهي هئي ۽ سنڌ جا مقامي ڪلهوڙا بلند اقباليءَ ڏانهن اُسهندا پئي ويا. سنڌ جي تاريخ مان اها ڳالهہ ثابت ٿي آهي تہ ڪلهوڙا هتان جا مقامي رهاڪو هئا. جن جي وڏن جو سلسلو پِيري مريديءَ ڪان شروع ٿيو. سندن وڏو ميان آدم شاهہ ڪهراڻي جو مورث اعليٰ هو ۽ ڪافي ماڻهو سندس مريد هئا. هو موجوده لاڙڪاڻي ضلعي جي موجوده تعلقي ڏوڪريءَ جي هنڙي ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪري مهدوي فرقي جي تبليغ ڪرڻ لڳو. ملتان جي سهروردي مشائخن سان

سندس دوستاڻو رستو هو. انهن ڏينهن ۾ مرزا عبدالرحيم خان خانان، ٺٽي ڏانهن مرزا جاني بيگ سان جنگ ڪرڻ پئي ويو ۽ ڏس ملڻ تي آدم شاھ کان دعا گهرائڻ لاءِ آيو. ان موقعي تي مرزا خان خانان چانڊڪي جي زرخيز زمين هن جي حوالي ڪئي هئي، جنهنڪري آدم شاھ جي مريدن جو نالو وڌڻ لڳو.()

وقت جا حاڪم هونئن به مهدوي تحريڪ کان خائف هئا، نيٺ ڪن پاڙيسري زميندارن جي شڪايت تي بکر جي حاڪم، ميان آدم شاھ کي گرفتار ڪري ملتان موڪليو، جتي هن کي شهيد ڪيوويو. سندس وصيت مطابق ڪيس سکر ۾ هڪ ٽڪريءَ تي دفن ڪيو ويو. جيڪا پوءِ سندس نالي سان آدم شاھ جي ٽڪري سڏجي ٿي. سندس اولاد زميندارين، پيري ۽ مريديءَ جي ڪري نالو ڪڍيو. هنن پنهنجا ڪيئي ڳوٺ ٻڌايا. بکر ۽ ٺٽي جا مغليه نواب ۽ سندن حامي زميندار ۽ عامل، ڪلهوڙن کي وڏيون تڪليفون ڏيندا رهيا، پر پوءِ به هنن ڪيترن ئي پرڳڻن تي قبضو ڪري ورو. هوڏانهن هندستان جون حالتون مٽجي چڪيون هيون. ١٧٠٠ع ۾ اورنگزيب عالمگير مري چڪو هو ۽ مغل سلطنت زوال ڏانهن تڪڙي وڌڻ لڳي. ان موقعي مان فائدو وٺندي ميان آدم شاھ جي پوئينرن مان ميان دين محمد ۽ ميان يار محمد، سنڌ ۾ سياسي طرح زور وٺڻ لڳا ۽ هو هڪ هٿ ۾ ڏنڊو ٻئي هٿ ۾ تلوار کڻي سنڌ جا پرڳڻا مغلن کان آزاد ڪرائيندا رهيا. ١٧٠٠ع ۾ مغل شهزادو معزالدين پاڻ اچي ڪلهوڙن تي حملي آوار ٿيو ۽ ڪلهوڙن جي سربراھ ميان دين محمد کي پاڻ سان گڏ ملتان وٺي ويو، جتي هن کي مارائي ڇڏيائين. ان کان پوءِ، ميان دين محمد جو ننڍو ڀاءُ ميان يار محمد قلات جي بروهين جي مدد سان مغلن کي سنڌ مان ڀڄائي ڪڍڻ ۾ سرخرو ٿيو ۽ آخر ١٧٠٠ع جي شروع ۾ اتر سنڌ مغلن، ڪلهوڙن جي حوالي ڪري ڇڏي، جتان ڪلهوڙا، ميان محمد ڪلهوڙي جي سربراهيءَ ۾ اترين سنڌ تي آزاد حڪومت قائم ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا.

اهو دؤر شاھ عبداللطيف جي ڦوھ جوانيءَ وارو دؤر هو. ان وقت سنڌي سماج مغل حڪمرانن جي سفاڪ نوابن جي ظلم و ستم مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري رهيو هو. سنڌ کي انهيءَ صورتحال مان ڪڍڻ لاءِ سنڌ جي ماڻهن ۾ اجتماعي

شعور اُڀري رهيو هو. سنڌ ۾ سنڌ واسين جي بقا ۾ ڌارين کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هتان جي رهواسين ۾ سنڌ جو هيءُ عظيم صوفي شاعر قومي شعور اُڀاري رهيو هو. شاهه لطيف ان سڄي صورتحال جو شاهد آهي. سندس حساس طبعيت سنڌ جي جاکوڙي عوام لاءِ محبت ۽ عقيدت پيدا ڪئي. شاهه صاحب هينئر پنهنجو گهڻو وقت سير سفر ۽ مشاهدي ۾ گذاريندو هو ۽ هيڏانهن ڪلهوڙا سنڌ جي آزاديءَ جا اڳواڻ هئا.

١٧٣٤ع ڌاري مغل بادشاهه محمد شاهه رنگيلي ڏاڪڻي سنڌ ٻه ڪلهوڙن جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ پوءِ سڄي سنڌ مغلن جي تسلط کان آزاد ٿي ڏيهي حڪمرانن جي هٿ آئي. هيءُ دؤر شاهه لطيف جي فڪري شاعريءَ جو دؤر ليکجي ٿو، جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سنڌ جي حالات جو سفر دؤران پنهنجين اکين سان وچي مشاهود ڪيو ۽ پنهنجي ڪلام کي ڀٽيائين. شاهه صاحب غالباً ٤٨ سالن جي ڄمار ۾ هو تہ نادر شاهه سڄي هندستان کي تاراج ڪندو اچي سنڌ ۾ پهتو. انهن ڏينهن (١٧٣٩ع) ۾ سنڌ تي ميان نور محمد ڪلهوڙو حڪمران هو. جنهن ايراني فاتح کي ساليانو 20 لک رپيا ڍل طور ڏيڻ قبول ڪيا. نادر شاهه کان پوءِ احمد شاهه ابدالي ڍل وٺڻ شروع ڪئي. شاهه لطيف طرفان دعا ڪيل حڪمران ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پنهنجي والد مان نور محمد جي وفات بعد آزاد سنڌ تي دٻدٻي سان حڪومت ڪئي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ انقلابي اڳواڻ هو. جڏهن سندس پيدائش ٿي تہ ان وقت سنڌ ۾ مغل شهنشاهيت خلاف عام بغاوت جا آثار هئا، آزاديءَ جي جاکوڙ ۾ سنڌ جا ماڻهو، ڪلهوڙن جي سربراهيءَ ۾ مغلن خلاف جنگ وڙهي رهيا هئا. آخرڪار سنڌ جي حڪومت ڪلهوڙا خاندان جي هٿ هيٺ آئي. ڪلهوڙن جي سياسي دور بابت دين محمد ڪلهوڙو پنهنجي ايم. فل ٿيسز بعنوان "سنڌي نثري ادب جو فني اڀياس (١٩٣٢ع کان ١٩٨٠ع)" ۾ لکي ٿو تہ:

"سنڌ جي ڪلهوڙا گهراڻي سن ١٥٢١ع ۾ سمن ڄامن جي زوال اچڻ کان وٺي ارغونن، ترغانن ۽ مغلنجي پڇاڙيءَ، يعني سن ١٧٠٠ع تائين، ڪي منيون ٻه صديون سنڌ جي گاديءَ تي ٻالم ٿي ويهندڙ ڌارين حڪمرانن سان لڳاتار گوريلا جنگيون پئي وڙهيون. آخر

سن ١٧٠١ع ۾ هيءُ گهراڻو، ميان يار محمد ڪلهوڙي جي سربراهيءَ ۾ ڌارين ڪان آزادي ماڻي، سنڌ ۾ پنهنجي ڏيهي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿي.” (ڪلهوڙو، ٢٠١٦ع : ٥٠)

جڏهن مغل سپهه سالار عبدالرحيم خان خانان سنڌ فتح ڪرڻ آيو ته ميان آدم شاهه جي خانقاهه تي حاضر ٿي، ڪاميابيءَ جي دعا گهري، بعد ۾ خانقاهه ۽ مريدن جي خرچ پکي لاءِ (چانڊڪي) ۾ زمينون عطا ڪيون ويون. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي پنهنجي هڪ مضمون “شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح حيات ۽ سندس ڪلام جو پسمنظر ۾ لکي ٿو ته: “تاهم جڏهن ڪلهوڙن جو اقتدار وڌڻ لڳو ته ملتان جي مغل گورنر ميان آدم شاهه کي ڦاسي چاڙهائي ڇڏيو. سنڌ جي مغل سرڪار کان آزادي جي تحريڪ جو اهو پهريون شهيد هو، جنهنجي ميت کي ملتان مان ڪڍي سکر جي هڪ ٽڪري تي فوجي اعزاز سان دفنايو ويو.” (صديقي، ٢٠٠٢ع : ٣٦، ٣٥ ) سندس فرزند ميان دائود محمد ۽ پوٽن: ميان الياس محمد ۽ شاهل محمد پنهنجي مريدن کي تربيت يافته لشڪر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ميان نصير محمد پهريون ڪلهوڙو (سياسي اڳواڻ) هو، جنهن کلم کلا مغل سرڪار جي خلاف منظم بغاوت جو اعلان ڪيو ۽ موجوده هنڌ غلام شاهه تعلقي لاڙڪاڻي کان پنهنجي خانقاهه ڳاڙهي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ڏانهن منتقل ڪري اتي فوجي صدر مقام قائم ڪيو.

“دادو ضلعو هڪ اڀياس” جي مقدمي ۾ دين محمد ڪلهوڙو مغلن جي سياسي حڪمت عملي ۽ ڪلهوڙن جي اقتدار جي حاصل ڪرڻ بابت لکي ٿو ته:

“مغل، سنڌ ۾ وڏنڌ قوت رکندڙ قبيلي جي سردار کي پنهنجو منصبدار مقرر ڪندا هئا. هڪ ئي وقت سندن ماتحت، مختلف رياستن ۽ پرڳڻن تي ڪيترائي منصبدار مقرر ڪندا هئا، انهن منصبدارن مٿان وري دهليءَ کان هر پرڳڻي تي نواب مقرر هو. ڪلهوڙا هن نظام جي سخت خلاف هئا. هو سنڌ ۾ ڪيتي ڪندڙ کي زمين جو اصل وارث سمجهندا هئا. اهڙو نعرو ميان آدم شاهه، ميانوال تحريڪ جي پليٽ فارم تان بلند ڪيو، پوءِ ان نعري کي سندس اولاد: ميان الياس محمد (وفات: ١٦٢٠)، شاهل محمد (وفات: ١٦٥٧ع)، نصير محمد (وفات: ١٦٩٢ع) ۽ دين محمد (وفات: ١٧٠٠ع) تائين زور وٺرايو ويو، جنهن نعري اڳتي هلي شاهه عنايت الله لانگاهه (١٧١٨ع) تي اچي معراج ماڻيو (ڪلهوڙو، ٢٠١٢ع، مقدمو-ج)

مغل – ڪلهوڙا سرڪار جڏهن سنڌ جي آزاديءَ جي هڪ اهم سرواڻ صوفي شاهه عنايت کي شهيد ڪرايو، ان وقت شاهه عبداللطيف جي عمر ٣٠ سال هئي ۽ سنڌ جي ٻين نوجوانن وانگر هو پاڻ سنڌ جي آزاديءَ جو متمني ۽ پنهنجن جي زماني سازي ۽ غداريءَ تي ملول ۽ ڏکارو هو ۽ ان وقت هو ڪوٽڙيءَ ۾ هو ۽ شاهه عنايت جي شهادت واري صدمي ۾ سنڌ واسين سان شريڪ هو. هاڻي جهوڪ جا فقير بہ شاهه لطيف وٽ اچڻ لڳا. ان وقت شاهه لطيف سُر مارئيءَ کي بيتن ۾ واين جي صورت ۾ آڻي وڏي سوز ۽ فراق سان ڳائڻ لڳو. انهيءَ حوالي سان ڊاڪٽر حبيب الله صديقي متي ڄاڻايل مضمون ۾ لکي ٿو تہ: ”ان وقت تائين سندس اندر جو شاعر وطن جي ماحول جي ٻوسٽ سبب نڪري نروار ٿي چڪو هو.“(صديقي، ٢٠٠٢: ٣٦)

ان دؤر ۾ سنڌ اندر قومي سطح تي ڪلهوڙا ۽ بروهي بہ قوتون ابري آيون ۽ طبقاتي سطح تي شاهه عنايت ۽ ٽالپرن کي اڳتي آندو ويو. شاهه عنايت جي جماعت لاڙ ۾ بلڪل ڪلهوڙن جي فڪر ”جو ڪيڙي سو کائي“ تحت وڌي رهي هئي.

شاهه عنايت ۽ ڪلهوڙن جي تنازعي بابت اسلم عباسيءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب، ”ڪلهوڙا دور هڪ مطالعو“ ۾ مقصود قاضي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ :

”مغلن هڪ طرف شاهه عنايت جي هٿ هيٺ زمين تان ڍل معاف ڪري ڇڏي هئي ۽ ان کي هو پنهنجي اجتماعي مقصد لاءِ استعمال ڪري رهيو هو. ٻئي طرف سندس حريف قوت، ٽالپرن جي سربراهه مير شهداد خان کي ديراجات ۾ جاگيرون ڏنيون ويون، مغلن پاران هنن ٻنهي طاقتن تي هٿ رکڻ جو مقصد ڪلهوڙن جي مقابلي ۾ سنڌ اندر پنهنجي طاقت جو توازن برقرار رکڻ هو“. (قاضي مقصود، ٢٠٠٦ : ٩٢)

هن سلسلي ۾ مغلن جي سياست، هڪ اهڙي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي هئي، جنهن ۾ ساڳئي نظريي ۽ فڪر جا ماڻهو، هڪٻئي جي سامهون اچي بيٺا، نتيجي ۾ هڪ قوت کي مغلوب ٿيڻو هو ۽ ١٧١٨ع ۾ شاهه عنايت کي شهادت پلئہ پئي.

شاهه عنايت صوفي جي شهادت کان متاثر ٿي شاهه عبداللطيف جيڪي بيت چيا آهن، سي سندس پختہ شاعريءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿا.

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

(سر رامڪلي)

ڪلهوڙا دور ۾، جن عالمن ۽ فاضلن، مطلق العنان حڪومت جي ملازمت ۽ پنيرائي ڪئي، تن جي هدايت لاءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ فرمايو تہ:

جنهن سناسي سانڍيو گندي ۾ گراهہ،
انهن ڪان الله، اڃان اڳاهون ٿيو.

(سر رامڪلي)

هي ظاهر پرست ديني عالمن ۽ فاضلن تي سڌو حملو هو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ظاهري مذهبي طور طريقن جي دستور کي ترڪ ڪيو، جنهن ڪري مير علي شير قانع کيس ”تارڪ“ جو خطاب ڏنو. وقت جي پيرن بزرگن طعني طور چيو تہ: جن جا ڪوري موچي پير، سي ڪيئن لنگهندا سير، شاهه عبدللطيف ڪٿي بہ پاڻ کي پير ڪري پيش نہ ڪيو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ سنڌ سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ مذهبي ڇڪتاڻ ۾ ڦاٿل هئي. سندس شاعري ۽ ذاتي ڪردار، انهيءَ ڇڪتاڻ کي ختم ڪري، سنڌ کي هڪ خوشحال ۽ آزاد معاشرو بنائڻ ۽ جمهوري طرزِ حڪومت طرف راغب ڪرڻ لاءِ هڪ فڪري ۽ عملي جدوجهد ڪئي. انهيءَ حوالي سان ڊاڪٽر حبيب الله صديقي لکي ٿو تہ:

”انهيءَ طرزِ عمل خلاف وقت جا حاڪم ۽ اجاره دار جهڙيءَ طرح شاهه عنايت صوفيءَ جي خلاف ٿيا ۽ کيس پنهنجي راهه جي مخصوص گادي نشينن هڪ طرف مارائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ٻئي طرف عوام ۾ سندس مقبوليت گهٽائڻ لاءِ مٿس طرح طرح جا الزام لڳايا ويا، تاهم شاهه جا فقير ۽ عوام الناس انهن ڪِريل حرڪتن کان متاثر نہ ٿيا ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي طبعي موت سان وصال حاصل ڪيو“. (صديقي،٢٠٠٢: ٣٧)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَجي دور اندر سنڌ ۾ مذهبي جنونيت چوٽ چڙهيل

هئي. ”خدائي تحريڪ“ هيٺ، هندن کي زوري مسلمان ڪيو ويندو هو. عذر اهو ڏنو ويندو هو تہ هن زبان سان ڪلمي توحيد جو ڪو لفظ يا اکر اچاريو آهي، تنهنڪري هو پاڻ مسلمان ٿي چڪو آهي، ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪو هندو ’رسو‘ لفظ زبان مان ڪُڇيو تہ چوندا هئا تہ هن ’رسول‘ جو نالو ورتو آهي، هاڻي طهر ڪري مسلمان ڪريوس. هندن ’رسو‘ چوڻ ڇڏي نوڙي ۽ نوڙ لفظ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ تڏهن چيو تہ:

”جي رهڻي نہ رهيو سپرين تہ ڪهڻي ڪبو ڪوهہ.“

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي لکي ٿو تہ:

هن مثيارين ۾ هڪ هندو کي زوري مسلمان ڪرڻ وقت پاڻ وچي ان مُلي کي روڪيو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اکثر واقعاتي شاعري ڪئي. تر جا وڏيرا شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا مخالف هئا. هڪ وڏيري زميندار جاني خان جو پٽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مريد ٿيو. سندس والد جاني خان ڪيس زوريءَ پٽ شاهہ تان ونئي ويو، پر هو وري موٽي آيو. ائين ڪيترا دفعا ٿيو. آخرڪار شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، جاني خان کان پڇيو تہ: هو ائين ڇو ٿو ڪري، تنهن تي جاني خان چيو: مون ساري ڄمار عزت آبرو سان گذاري آهي، هاڻي پنهنجي پٽ کي پينو فقيرن سان گڏ رلندو پنندو ڏسي، جيءُ جلي ٿو.“ (صديقي، ٢٠٠٢: ٣٨)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ بروقت هيءُ بيت چيو تہ:

عناتا! اتاهين جاني جڙي ٻنڌ،
آهي گهڻو اهڪو فقيري جو فند،
چکين تہ چريو ٿئي ميخاني جو مند،
ڪين ڪڍيو ڪنڌ، منجهان سڪ سيد چي.

(سُر سسئي آبري)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اکثر حضرت قلندر لعل شهباز جي مزار تي ويندو رهندو هو، اتي پاڻ فقيرن کان بودلي بهارجي ڪسجڻ جو واقعو ٻڌائين، عنود ڪاسائي، بودلي

فقير کي ڪُهي ٻوٽيون ٻوٽيون ڪري سندس گوشت شهر ۾ وکرو ڪيو هو. اهو ٻڌي شاهه عبداللطيف بيت چيو ته:

سر ڍونڊيان ڌڙ نه لهان ڌڙ ڍونڊيان سر ناهه،
هٿ ڪرايون آڱريون ويا ڪپجي ڪانهه،
وحدت جي وهانءُ، جي ويا سي وڍيا.

## ٢,٢,٢ سماجي حالت

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو دور سن ١٦٨٩ع کان ١٧٥٢ع تي يعني پيدائش کان وفات تائين ختم ٿئي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ مغل سلطنت جا گورنر اڪبر جي زماني کان مقرر ٿيندا ايندا هئا، تن جو سلسلو شاهه جي سامهون ختم ٿي ويو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي جنم کان وصال تائين سنڌ جي اتهاس ۾ تمام وڏي اٿل پٿل آئي. سن ١٧٠٧ع ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي تي اورنگزيب طرفان عنايتون ۽ نوازشون ٿيون ۽ اتر سنڌ ۾ دائود پوٽن کي شڪست نصيب ٿي. سن ١٧١٨ع ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي وفات ڪئي. ميان يار محمد کي "خدا يار خان" جو لقب مليو. سنڌ کي ڌارين جي حملن سبب هتان جي عوام ۾ ڌاڙ ۽ ڌهڪاءَ سبب غير يقيني واري صورتحال پيدا ٿي هئي. سنڌي سماج ڌارين جي رحم و ڪرم تي هو. ڪڏهن هو ٻاهرين فوجن جي حملن جو شڪار بڻجي ويندا هئا ته ڪڏهن قيد و بند، ڏڪن، بکن ۽ بدحاليءَ جو شڪار رهندا هئا.

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ پنهنجي ڪتاب، "شاهه جي ڪلام ۾ هدايتون" ۾ شاهه جي سماجي دور بابت لکيو آهي ته:

"سماجي نُڪته نگاهه کان هي دور، سنڌ ۾ مغل حڪومت جي زوال وارو دور هو ۽ ڪلهوڙن جي اوج وارو دور هو. انهيءَ کان اڳي نادر شاهه جي خونخوار حملن ۽ احمد شاهه ابداليءَ جي تباهه ڪُن ڪاهن، سنڌ جي زمين کي تباهه ۽ تاراج ڪري ڇڏيو هو، انهن ڪاهن ۾ عوام جو خون پاڻيءَ وانگر وهايو ويو. افراتفري، قرلٺ، غريبان مار اوج تي هئي، ڪمي ڪاسبيءَ کي نفرت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو.

اهڙين حالتن کي ڏسندي شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪري پيلن جو پاسو ڪنيو، غريبن کي اُٿاريو ۽ اڀاريو، اخلاقي نڪتا ۽ روحاني راز نروار ڪيا ۽ هٽين کي همٿ ڏني ۽ مذهب کان وڌيڪ پنهنجي ذاتي پاڪائي ۽ بزرگي جتائي، نون طريقن جي وسيلي انسانن کي هڪ مذهب ۾ داخل ڪري، انهن جي ذهنن مان خوف خطرا دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي." (پناڻ، ٢٠٠٧ : ١٠)

مغلن جي ڪمزور ٿيڻ ڪري، ڪلهوڙا جيڪي پهريان پِيري مريديءَ جو ڌنڌو ڪندا هئا، سي حڪومت قائم ڪري وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿيڻ تائين، ارغونن کان وٺي مغلن جي حڪومت تائين وارو دور اٽڪل اڍائي سئو سالن جو ٿئي ٿو، اهو پورو عرصو مسلسل سنڌي عوام غلاميءَ جي حالت ۾ اچي چڪو هو، هنن جي ذهنن ۽ اندر ۾ آزاديءَ جي وسعت ۽ ڪشادگي جيڪا آزاد قوم کي گهربل هئي، سا غائب ٿي ويئي هئي.

ان دور جي سنڌي سماج تي نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو ته سنڌين جي رهڻي ڪهڻي سادي هوندي هئي. مهمان نوازي سندن خاص خوبي هئي. هر ڳوٺ ۾ اوطاقون هونديون هيون، جتي مهمان ترسندا هئا، اتي ڪچهريون به ٿينديون هيون، سماجي مسئلن جا فيصلا به ٿيندا هئا. ساڳئي وقت انهن اوطاقن تي راڳ رنگ جون محفلون پڻ مچنديون هيون. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ آباديءَ جو وڏو طبقو ٻهراڙين ۾ رهندو هو، جتي کين صاف سٿرو ماحول، تازي هوا، کير، لسي، مکڻ، سبزين، ميون ۽ اناج جون سهوليتون ميسر هيون، ڳوناڻا خوشحال زندگي گذاريندا هئا. ان دور ۾ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ٺٽو، لاهري بندر، مغلبين، بدين، بلڙي، هالا، سيوهڻ، نصرپور، خدا آباد، روهڙي، لاڙڪاڻو ۽ شڪارپور وڌيڪ مشهور شهر هئا. سنڌ جي سماجي ۽ معاشرتي صورتحال تي غير ملڪي سياحن ۽ تاريخدانن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ڄاڻايو آهي ته: هيءُ پرڳڻو هر لحاظ کان خوشحال آهي، ابنِ حوقل لکيو آهي ته:

"سنڌ پرڳڻو هڪ بيٺ وانگر آهي، اتان جا رهواسي اڪثر مسلمان آهن،

ڪجين جا وڻ جام آهن، جنهن جاءِ تي هڪ ميوو پيدا ٿيندو آهي، جنهن کي انبج (انب) چوندا آهن”.

اُن دؤر جي سماجي جوڙجڪ ظاهري طور اڄ ڪان بہ وڌيڪ مذهبي هئي. اقتصادي حالتون ڏاڍيون ساديون هيون. عام طور تي ڪنهن مصيبت يا تڪليفن جو شڪار ٿيڻ جي صورت ۾ مقدر ۾ پروسو ۽ ان تي تنقيد نہ ڪرڻ وارو رويو هوندو هو. ان ڪري ان دور جا ماڻهو ڏکيائين کي وڏي صبر سان سهي ويندا هئا. تنهنڪري اهو چوڻ صحيح آهي تہ اقتصادي جدوجهد انسان جي روحاني قوت کي ائين جهٽي ڪو نہ ٿي ورتو جيئن اڄ آهي. هترادو پيدا ڪيل آسودگيءَ کي ماڻڻ لاءِانسان اڄ وڌيڪ پريشان آهي، خاص ڪري جڏهن اهو ڏسي ٿو تہ اڳي جي ڀيٽ ۾ هاڻي اوچي معيار جي زندگي گذارڻ ڪا اهڙي مشڪل نہ آهي پر معاشرو ان وقت جامد هو ۽ گهٽن طبقن ۾ ورهايل هو. تنهنڪري انسان مقدر جا سور ڏاڍي صبر ۽ تحمل سان سهندو رهندو هو. ڇاڪاڻ تہ اهو احساس ڪو نہ هو، تہ انساني ڪوشش سان حالتن کي ڦيرائي بہ سگهجي ٿو، جن ۾ ماڻهو گذارين ٿا.

### ٢,٢,٣ اقتصادي حالت

سنڌ جي سرزمين، سنڌو درياهہ جي ڪري زرخير هئي ۽ زرخيزيءَ سبب مغلن، ارغونن، ترخانن، پناڻن ايرانين، انگريزن ۽ ٻين ڌارين قومن جون اکيون هميشہ سنڌ تي ڪتل رهنديون هيون.سنڌو درياهہ سنڌ ۾ پنهنجي آب حيات سان گڏ ڇڙواڳ ٻوڏ بہ آڻيندو هو، جنهن سبب رات ڀيٽ ۾ ڪيترائي ڳوٺ مِٽجي ويندا هئا ۽ ساڳئي وقت نوان وهڪرا ۽ گس پڻ ٺهي ويندا هئا. ڪلهوڙن جي حڪومت جي دور ۾ سنڌ ۾ آبپاشيءَ جو نظام ننڍين واهن ۽ شاخن ذريعي قائم ڪيو ويو هو، ان دور ۾ زراعت پوکي راهيءَ لاءِ بہ ترقي ڪئي. زمينن تائين پاڻي پهچائڻ خاطر پراڻ واهہ، نارو، اڙل، ڦليلي، گوني، پڃارو، گهانگهرو، لکي، سهتا، ٻگهاڙ، داديجي، گهاڙ، امرڪس ۽ نور واهہ پڻ کوٽايا ويا. ان دور ۾ واهن سان گڏ موڪي چرخي ۽ ٻوسي ذريعي بہ ريج ڪيو ويندو هو.

اها سنڌ، جنهن ڌرتيءَ مان شاهه عبداللطيف جي شاعري ڦٽي نڪتي جڻ ته ان دور جي خوشحال انگلينڊ (Merrie England) جيان هئي، جنهن جو هر ڳوٺ، ننڍو شهر ۽ مقامي صنعت اقتصادي طور تي پاڻ ڀرا هئا. اهو زميندارن، ڪڙمين، ڪاسبين، ڌنارن، ڪاريگرن ۽ واپارين جو معاشرو هو، جنهنکي ٻاهرين دنيا جي ڪا به خبر ڪا نه هئي. هنن جي سماجي زندگي ميلن ملاکڙن، مندبين، مارڪيٽن ۾ شرڪت ۽ صوفي بزرگن جي درگاهن تي عرس ملهائڻ جي موقعن تي گڏ ٿيل ميڙاڪن مان ظاهر هئي. اسلام ۾ وچئين دور وارن عيسائي پروهتن جي تنظيم جهڙي قوت ڪا نه هئي. عام ماڻهو ڏوراهن علائقن ۾ پکڙيل مذهبي نظرئي واري ثقافت ۾ گهڻو حصو وٺي رهيو هو. زندگي سخت ضرور هئي پر ان جا پنهنجا انعام به هئا، جيڪي ڪن سماجي رواجن ذريعي ملندا هئا،جن سان سندن ڏکويل زندگين ۾ ٿوري آسودگي ۽ سک ايندو هو. اهڙي سماج ۾ قرآن شريف جي سولي سمجهاڻي ڏيندڙ صوفي بزرگ انسان مليو، شيخ، آخوند، استاد ڪنهن حد تائين چڱا اختيار رکندا هئا. اهي اختيار تڏهن ختم ٿي ويا جڏهن زندگي وڌيڪ پيچيده ٿي وئي ۽ انسان جون ذهني قوتون اقتصادي جدوجهد ۾ وڌيڪ ڪتب اچڻ لڳيون. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ واري زماني ۾ چٽيءَ ريت اهڙون نشانيون ڏسجن ٿيون، جيڪي ٻڌائين ٿيون ته پراڻو نظام ٽُٽي رهيو هو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دؤر ۾ سنڌ اقتصادي طور تي خوشحال هئي. هتي سوٽي ڪپڙي جي صنعت ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندڙ هئي. ٺٽو هڪ وسيع واپاري مرڪز هو ۽ ان جي ڀر ۾ لاهري بندر تمام گهڻو مشهور هو. ڪن مؤرخن جي راءِ آهي ته لاهري بندر پراڻي زماني جو ديبل بندر هو. ان جي آسپاس لوهه ۽ لوڻ جون ڪاڻيون هيون، جيڪي سرڪار لاءِ محصول جي خيال کان وڏي فائدي واريون هيون. ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي پنهنجي تصنيف “شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر” جي باب چوٿين ۾ لاهري بندر جي واپاري حيثيت بابت لکي ٿو ته:

“سنڌ جي اقتصادي ترقيءَ ۾ ٺٽي لڳ لاهري بندر جو به وڏو عمل دخل هو.

هيءُ سنڌ جو هڪ اهم بندر هو، جتي ٻه سؤ ٽن کان وڌيڪ وزني جهاز بيهي سگهندا هئا، جيڪي ان دؤر ۾ وڏي ۾ وڏا جهاز هئا ۽ ان سان گڏ هتي تجارتي انتظام اعليٰ ۽ اوچو هو، جنهن کي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن ٻه ساراهيو آهي.” (جسڪاڻي، ٢٠١٠ع: ١١٤)

اُن لاهري بندر ۾ لَٽَ پوڻ سبب جڏهن لٽجڻ لڳو تہ ان جي پرسان اورنگا بندر نالي هڪ ٻيو بندر تعمير ٿيو. ان سان گڏ، وسطا بندر ۽ شاهه بندر بہ اُن وقت موجود هئا، جتان ايراني نار طرف واپاري وڏي ترقي ڪئي. سنڌ جا واپاري لاڳاپا هڪ طرف بصري، بندر عباس، مسقط، بحرين سان هئا تہ ٻئي پاسي گجرات، ڪامپبي، سورت ۽ ان کان اڳتي ڏورانهن علائقن سان هئا. اها تجارت مسلمانن جي هٿ ۾ هئي. ان کان علاوه، سنڌ جي ٻيڙن ۽ جهازن جي صنعت تمام پراڻي آهي. تاريخ جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ سنڌ جي بندرن تان دنيا جي هر علائقي ڏانهن واپاري ٻيڙا مال سان پرجي ويندا هئا. عرب ملڪن جا ساحلي بندر تہ خاص طور تي سنڌي ٻيڙن ۽ واپارين جا مرڪز هوندا هئا. ان سلسلي ۾ جنرل هيگ (General Haig) لکي ٿو تہ: “عرب ملڪن جي بندرن تي عيسوي صدي شروع ٿيڻ کان ٽي چار سؤ ورهيہ اڳ سنڌ جا واپاري ٻيڙا ايندا هئا، جن جي شهرت يونان تائين پهتي هئي ۽ اهوئي سبب هو جو سڪندر يوناني هندستان تي حملو ڪيو هو.” (هيگ، ؟: ٢٥)

اهڙي طرح پنهنجي ملڪ ۾ سنڌو نديءَ جي ذريعي واپار هلندو هو، جيڪو ٺٽي کان ملتان ۽ لاهور تائين اچ وڃ ۽ واپار جو مکيہ ذريعو هو. ساڳئي وقت اها سنڌو ندي، سمنڊ سان بہ ڳنڍيل هئي. سنڌ ۾ انهن ٻنهي رستن کان علاوه خشڪيءَ جو بہ رستو هو. انهن ۾ ٺٽي کان احمد آباد وارو خشڪيءَ جو رستو، جيڪو ٺٽي کان پالي ۽ بعد ۾ جيسلمير بہ ويند هو، هڪ تجارتي رستو بکر کان ايران ۽ افغانستان ويندو هو.

سنڌ ۾ آبي ۽ خشڪيءَ وارن انهن رستن سبب خوشحالي ۽ ترقيءَ جو دؤر هو. ڇو تہ ڪنهن بہ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ آمد و رفت جو نظام ۽ صنعت و حرفت ڪي بنيادي حيثيت حاصل هوندي آهي. انڪري سنڌ جي اها خوش نصيبي هئي جو ڪيس اڇ وچ لاءِ اهي ٻئي رستا ۽ ترقي يافتہ ڪپڙي جي صنعت ميسر هئي. سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ جي تجارتي حالتن مان پتو پوي ٿو تہ ان دؤر ۾ سنڌ اندر سوٽي ڪپڙي جي صنعت عروج تي هئي. جن شهرن ۾ سوٽي ڪپڙي جي صنعت اوُج تي هئي، انهن ۾ بکر، روهڙي، نصرپور، دربيلو، ڪنڊيارو، سن، سيوهڻ وغيره وڏيڪ مشهور هئا. ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌ ۾ سوٽي ڪپڙي جي صنعت متعلق لکي ٿو تہ:

“جنهن زماني ۾ ڪيترين ئي قوم ڪي اجا پنهنجي ٻُت ڍڪڻ جي بہ سُڌ ڪانہ هئي، تنهن زماني ۾ سنڌو ماتريءَ جا رهاڪو ايتريقدر ترقي ڪري چڪا هئا جو هو شاهاڻيون پوشاڪون پهريندا هئا ۽ ٻين ڪي بہ خلعتون ڍڪائيندا هئا.” (ڀيرو مل، ١٩٩٩ع: ٣١٥)

شاهہ عبداللطيف بہ سنڌ جي انهن واپارين ۽ سندن سامونڊي سفرلاءِ ٻاهرين ملڪن ڏانهن اُسهڻ جي منظر ڪي پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت بيان فرمائي ٿو:

ناڪُئو نِگهبانُ، مُنجهي مُهلَم خبرُون،
جن ساري ڪنيو سمنڊَ ۾ سفر جو سامانُ،
لطف ساڻ لطيف چَئي، تَنِ لَنگهئو طوفانُ،
سنياري سبحانُ، وجي عَدَنِؤُن اُڪتا.

(سُر سامونڊي)

مٿئين بيت جي ڪيفيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سنڌ جي سامونڊي بندرن، سنڌ جي تجارت ۽ جهاز رانيءَ جو وڏي غور ۽ فڪر سان مطالعو ڪيل آهي ۽ ان مطالعي ڪي پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو اٿس. هو نہ رڳو هڪ صوفي درويش ۽ شاعر هو، بلڪ سنڌ جي تجارت ۽ صنعت جي اهميت ڪان بہ

مڪمل طور تي واقف هو.

مَ ڪين هيجَ مَ هوجَ، ترسُ مَ تاڻ طراز ڪي،
چؤ ڪلمو محمد (ﷺ) تي، تہ اڳيان اچي اوجَ،
سُهڪيءَ يَتِ سِبوجهہ، تنهنجي مَڪي ڏُڪي مَڪُڙي.

(سُر سريراڳ)

مٿئين بيت مان سنڌ جي وڻجارن جي مڪي مڪرمہ تائين تجارت جو پتو بہ پوي ٿو ۽ توڪل ڪري ڪلمي طيب سان تيار ڪرڻ جهڙن اسلامي قدرن جو بہ اندازو ٿئي ٿو، جيڪو شاهہ ۽ سنڌ واسين جي اسلامي دوستيءَ جو چِٽو دليل آهي.

سنڌ مان جيڪو تجارتي سامان پرڏيهہ ويندو هو، ان ۾ چانور، ڪپهہ، سوٽي ڪپڙو، لؤنگ، قوتا، ڪارڪون، نير، شورو ۽ موتي وغيره شامل هوندا هئا. شاهہ عبداللطيف سنڌ جي ان تجارت کان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ ان جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت ڪيو اٿس:

ڪَرڦُلَ، قوتا، پارچا، پاٽيث پاتائُون،
ڪُونيون قيمت سَنديُون تر ۾ طاقيائُون،
بيرڦُون بَحرن ۾ چوڙي چڏيائُون،
لاڄُن منجهہ لطيف چئي، ٻيڙا ٻَڏائُون،
نذر نبيءَ جام جو چَڙهندي چيائُون،
جي چوهي چوڙيائُون، سي ٻيڙيُون رکين ٻاجهہَ سين.

(سُر سريراڳ)

زرعي پيداوار جي لحاظ کان سنڌ ان دؤر ۾ خوشحال هئي. هتي چانور، ڪڻڪ، ٻاجهر، جوئر، مڪئي، نير، ڪپهہ، سڻي، ڪمند، مڱ، چؤنرا، مٽر، چڻا، گدرا، ونگا، ميها ۽ تماڪ وغيره جام ٿيندو هو. ميون ۾ انب ۽ نارنگيون وغيره ٿينديون هيون. ٻيلن مان عمارتي ڪاٺ، ٻارڻ لاءِ ڪانيون ۽ ماکي وغيره حاصل ٿيندي هئي.

شاهہ جي دؤر ۾ سنڌ اندر وڏا ڪاريگر ۽ هُنرمند هوندا هئا، جن ۾ ڊکڻ، لوهر، رازا، درزي، ڪنير، سونارا، اوڏ، ڪتي، رنگريز، ڪوري، واپاري، پاڳيا، صراف، ڏنار ۽ ميربحر وغيره جام هئا. گهرن ۾ چرخو عام طور تي هلندو هو. ”ناڻي طور ملڪ ۾ اشرفيون، رپيا، پئسا، آڌيلا، ڪيسرا، دمڙيون ۽ ڪوڏيون رائج هيون. ماپ ۽ وزن لاءِ ڏُڪو، چوٿائي، سير، پاٽي، ٽويو، ڪاسو، مڻ، ڪنڊي ۽ خرار تہ ڪپڙي ماپڻ لاءِ آڱر، چاڙڪي، نَري، هٿ ۽ گز استعمال ٿيندو هو. پاڻيءَ مان ميڃي، سِپ، موتي، بهہ، لوڙهہ حاصل ٿيندا هئا.“ (چنا، ۱۹٦۰ع: ۲۹)

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ هتي سُٽ ڪتن ۽ اُٽڻ سان گڏ چمڙي جي رڱائي ۽ ميڃيءَ جو شڪار بہ ٿيندو هو. شوري کي صاف ڪرڻ ۽ ڪاشيءَ جي ڪم جا بہ وڏا ماهر موجود هوندا هئا.

پيش ڪيل متين حوالن ۽ بيانن مان ثابت ٿئيٿو تہ سنڌ ۾ شاهہ جي دؤر ۾ ڪپڙي جي صنعت عروج تي هئي ۽ ان سان گڏ وڻج واپار، سامونڊي بندر ۽ بازارون اقتصادي ترقي بہ اوُج تي هئي، جنهن جي شآهدي شاهہ جي رسالي جا ٽي سُر سريراڳ، ساموندِ ۽ ڪاپائتي ڏين ٿا.

## ۲,۲,٤ علمي ۽ ادبي حالت

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جي آغاز وقت سنڌين جون مغلن سان جنگيون لڳيون. اُن ڪان پوءِ ۱۷۳۹ع تي ايراني بادشاهہ نادر شاهہ افشار سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ لاڙڪاڻي ڪان عمرڪوٽ تائين سنڌ کي تاراج ڪري ڇڏيو. ان ڪان سواءِ، سنڌ ۾ ٻيا بہ مسئلا ۽ مونجهارا پيدا ٿيندا رهيا، پر انهن انقلابن مان سنڌ جي مٽيءَ مان بلند پايہ عالم، اديب، مفڪر ۽ شاعر پيدا ٿيا. سنڌي شاعرن جي ادبي محفل اهڙي تہ رونق ورتي جو موجوده ترقيءَ جو دؤر، شاندار ماضيءَ جي ان زرين عهد اڳيان ڦڪو پيو لڳي. اهو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو زمانو هو، جڏهن شعراء ڪرامن ۽ اديبن سنڌ ۾ علم و ادب کي نئون ويس پهرايو. سنڌ ۾ لاڙ ڪان وٺي سري تائين قدم قدم تي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا حلقا موجود هئا. ”هن دؤر ۾ سنڌي زبان جي

عظيم ترين صوفي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مبارڪ نالو بہ ملي ٿو، جنهن ڪري هن دؤر کي سنڌي علم و ادب جو 'سونهري دؤر' سڏيو وڃي ٿو. سندس شاعري عجيب ۽ بي مثال آهي." (مولائي شيدائي، ١٩٩٣ع: ٥٦٣)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام مختلف رنگن ۾ رچيل آهي، جنهن ڦهريون ڀيرو ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي ٻوليءَ کي تمام گهڻي سونهن جي تصور ۽ مذهبي فلسفي جي خيالن کي سمجهائڻ لاءِ ڪتب آندو آهي. شاهه لطيف اسلام جي صوفياڻي علم ۽ فڪر جي گهري ڄاڻ رکندڙ هو ۽ ساڳئي وقت هن کي فارسيءَ جي قادر الڪلام شاعرن جي ڪمال کي ڀهتل فڪر جي انداز سان بہ پوريءَ ريت واقفيت هئي. سندس ڪلام ۾ عام ماڻهن جي خيالن جو سچو جذبو سمايل آهي.

سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ واري سنڌ ۾ علم و ادب جي حوالي سان ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جا نالا ملن ٿا، جن ۾ قاضي نعمت الله، مخدوم فيروز، مخدوم آدم، مولانا محمد طاهر، مُلان عبدالرشيد، مُلان محبت علي ۽ مُلان يار محمد وغيره جا نالا مشهور آهن. ٺٽو ان زماني ۾ علمي ۽ ادبي اعتبار کان عروج تي هو ۽ ان وقت اُتي چار سؤ اسڪول ۽ ڪاليج (مڪتب ۽ مدرسا) قائم هئا. هي شهر مذهبي علم، زبان جي علم ۽ سياست جي علم جي حوالي سان تمام گهڻو مشهور هو. هن دؤر ۾ تمام ناليوارا عالم، مفڪر، شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا، جن سنڌ جو نالو روشن ڪيو. انهن مشهور شخصيتن مان جن علم ۽ ادب جي ميدان ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون، انهن ۾ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم ضياءُ الدين، محمد معين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي وغيره سرفهرست آهن.

ڪلهوڙن جي دؤر کي سنڌي علم و ادب جو سونهري دؤر سڏڻ جو اهم سبب شاهه لطيف ۽ سندس گوناگون ڪلام تہ آهي ئي، ڇو جو سندس پورو رسالو سنڌي ٻوليءَ جي عظمت ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو شاهڪار دستاويز آهي، جنهن ۾ تمثيلي، نيم تاريخي داستانن تي شاعري، اسلامي قدر ۽ صوفياڻي فڪر جا سچا موتي منجهس سمايل آهن، ليڪن هن دؤر ۾ ٻيا بہ ڪيترائي بلند پايہ عالم،

اديب، شاعر ۽ مفڪر ملن ٿا، جن سنڌ جي مان مٿاهين ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آهي. هن دؤر ۾ لوڪ شاعريءَ جي صنف – وائي ۽ ڪافيءَ کي ترقي ملي، مذهبي شاعريءَ ۾ مداح، مولود، مناجات، معجزا ۽ مناقبي جو رواج پيو. مخدوم ابو الحسن جو "مقدمة الصلواة" (١٧٠٠ع) نالي ڪتاب مذهبي نظم جو شاهڪار ثابت ٿيو. بيت جي مصرعن ۾ واڌ ٿي، منجهس هندي صنف سينگار جو اضافو ٿيو. مخدوم ابوالحسن جي سنڌي صورتخطي تيار ٿي، جنهن ۾ نيٺ سنڌي لفظن لاءِ نيون صورتون اختيار ڪيون ويون. سنڌي عروضي شاعريءَ ۾ غزل جو بنياد پيو. حافظ عالي، ميان چتن، نور محمد خستہ ۽ ٻين غزل تي طبع آزمائي ڪئي. ان کان علاوه، ٻين بہ ڪيترين ئي صنفن ۾ اديبن ۽ شاعرن خوب طبع آزمائي ڪري هن دؤر کي سنڌي علم و ادب جو مثالي دؤر بڻايو.

علمي حوالي سان ٺٽي ۾ جيڪي مڪتب ۽ مدرسا هئا، انهن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم معين ٺٽويءَ جي مدرسن جو وڏو نالو هو، جتي سنڌ کان علاوه ٻاهرين ملڪن جا شاگرد بہ هنن وٽ تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا. درس ۽ تدريس، تصنيف ۽ تاليف عروج تي هئي ۽ تحقيق ڪري ڪيترائي اسلامي ڪتاب، تفسير ۽ ترجما ڪيا ويا. ان دؤر ۾ ٺٽو ۽ روهڙي علم جا وڏا مرڪز هئا. انهن شهرن جو درجو موجوده يونيورسٽين جي برابر هو. هندن توڙي مسلمانن جي ٻارن لاءِ آخوندن جا "ختاب" يا مڪتب هوندا هئا، جتي ڪريما، گلستان، بوستان ۽ ٻيا فارسي زبان جا ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. "جيڪڏهن طالب کي عالم ٿيڻ جو ارادو هوندو هو تہ مدرسي ۾ داخل ٿيندو هو، جي مخدوم هن کي صرف و نحو، منطق، فقه، تفسير، حديث، علم معاني، بديع ۽ بيان پڙهائيندو هو. ان کان علاوه ٻيا علم جهڙوڪ: قرائت، مناظرو، عروض، طب، تاريخ، حڪمت يا فلسفو وغيره بہ پڙهايا ويندا هئا. انگريز حڪومت جي قيامت تائين مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو لکيل تفسير هاشمي ۽ ڪي ٻيون تصنيفون بہ پڙهايون وينديون هيون." (جويو، ٢٠٠٥ع: ٢٠٢)

شاهہ عبداللطيف جي دؤر ۾ سندس دوست ۽ ساٿي ڪامل ولي ۽ عالم باعمل مخدوم محمد معين ٺٽوي جو سندس اعليٰ علمي بصيرت لاءِ هڪ مثال

ڪافي آهي، جيڪو "رسالہ اويسيہ" (فارسي) جي نالي سان مشهور آهي، جنهن ۾ شاهہ لطيف پاران اويسي سلسلي ۽ بين شرعي مسئلن متعلق پڇيل سوالن جي جوابن تي مشتمل آهي، جنهن مان انهن بزرگن جي علمي مرتبي ۽ سنڌ ۾ روحانيت ۽ شرعيت جي معيار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

شاهہ لطيف جي دؤر ۾ جن عالمن ۽ اديبن قلمي پورهيو ڪيو هو، ان جو مختصر احوال هن طرح پيش ڪجي ٿو:

(۱) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (وفات: ۱۱۷٤هہ — ۱۷٦۰ع): تقريباً ۱۵۰ عربي، فارسي ۽ سنڌي ڪتاب تاليف ڪيا، تن مان ڪجهہ ڪتاب هي آهن: (۱) تفسير عم، (۲) تفسير سورت تبارڪ (الملڪ)، (۳) مظهر الانوار في الصيام، (٤) حيات القاري بلطراف البخاري، (۵) فرائض الاسلامي فتح الڪلام، (٦) حيات القلوب، (۷) وصيت نام، (۸) الطريقہ الاحمديہ، (۹) تمام الغايہ، (۱۰) السيف الجلي عن ساب النبي (۱۱) تفسير هاشمي وغيره.

(۲) علامہ محمد معين ٺٽوي: (۱) دراسات اللبيب، (۲) الحجة، (۳) نورالعين، (٤) رفع الشڪال، (۵) ايقاظ الوسنان، (٦) وحدت الوجود والموجود، (۷) رسال اعتدالات الاربع، (۸) زيدة المنطق، (۹) الابداح، (۱۰) الحق الصريح، (۱۱) رفع العين وغيره.

(۳) شيخ محمد حيات السندي مدني (م: ۱۷۵۱ع): (۱) تحفة الانام في العمل بحديث النبي عليہ ........ (۲) الايغاف علي سبب الاختلاف، (۳) شرح اربعين نووي، (٤) رسالہ رد بدعتهہ تعزيہ، (۵) شرح ترغيب ترهيب منذري، (٦) النهي عن عشق المردان اولنسوان وغيره.

(٤) حاجي فقير الله علوي (وفات: ۱۱۹۵ع): (۱) قطب الارشاد، (۲) طريق الارشاد، (۳) جواهر الاوراد، (٤) تڪميل المؤمنين والاولاد، (۵) فتوحات غيبيہ شرح عقائد صوفيا، (٦) فتح الجميل في مدارج التڪميل، (۷) فتوحات الاهي، (۸) براهين النجاب من صائب الدنيا واعصرات، (۹) منتخب الاصول، (۱۰) وثيقة الاڪابر، (۱۱) قصيده مبرورتہ، (۱۲)، مڪتوبات سيد محمد وفا لڪوي وغيره.

(٥) مير علي شير قانع ٺٽوي (وفات: ١٢٠٣ع): (١) زينت الاخلاق، (٢) نسخہ غوثيہ، (٣) مڪلي نامہ، (٤) مثنوي ختم الملوڪ، (٥) قصاب نامہ، (٦) زبدة المقامت، (٧) زين الافڪار، (٨) تهذيب الطباع، (٩) مختار نامہ، (١٠) معيار سالڪان طريقت، (١١) قيہ ڪامروپ، (١٢) چهار منزلہ، (١٣) مثنوي ڪرشمہ قدرت، (١٤) حديقة الانبياء، (١٥) مثنوي قضا و قدرت، (١٦) رسالہ درضاع و بداع، (١٧) روضة الانبياء، (١٨) بوستان بهار، (١٩) لب لباب تاريخ ڪلهوڙه، (٢٠) رسالة شرح معما، (٢١) ديوان قانع، (٢٢) مقالاتِ شعراء، (٢٣) تحفة الڪرام وغيره.

ان ڪان علاوه هن دؤر جي سوين اديبن، عالمن ۽ شاعرن جون تصنيفون نہ رڳو سنڌ بلڪ عرب و عجم جي ڪتبخانن جي زينت بڻيل آهن.

## ٢,٢,٥ مذهبي حالت

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي دؤر ۾ سنڌ مذهبي طور تي دين اسلام جي اثر هيٺ هئي. انڪري هتي مذهب سان لاڳاپيل عالمن، پيرن، فقيرن ۽ بزرگن جو تمام گهڻو احترام ڪيو ويندو هو. ماڻهو پيرن فقيرن کي نذراني طور روڪ رقم ۽ ٻيو سامان سڙو بہ ڏيندا هئا. جنهن مان سنڌ واسين جي مذهبي عقيدت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهو سلسلو مغلن کان اڳ ۾ بہ هلندڙ هو، پر ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندو رهيو.

مذهبي تعلق سبب پير، فقير، صوفي، قلندر ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي هن ڌرتيءَ جي اصل طاقت بڻيل هئا. ڪو بہ حڪمران انهن کي نظرانداز ڪرڻ جو خطرو ڪونہ ڪڻندو هو. سڀ انهن کان ڊڄندا هئا. انهيءَ جو سبب سنڌي مسلمان هاري يا هيٺين طبقي جي خاص نفسيات هئي. پير ۽ مرشد آڏو مريد پاران تقدس ۽ احترام مان هٿ جوڙڻ سنڌ جو جڻ معاشرتي مذهب هو. مشهور عرب سياحن، تاريخدانن ۽ يورپي صاحبلوڪن کان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي ان وقت مذهبي حالت ڪهڙي هئي. ان سلسلي ۾ سر اليگزينڊر برنس ٻڌائي ٿو تہ: ”هڪ نئين ماڻهوءَ جو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ وقت هڪ خاص ڳالهہ ڌانهن ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو. اها ڳالهہ هتان جي

ماڻهن جي مذهب ڏانهن بي انتها رغبت آهي، جيئن عرب جي پيغمبر کي به هئي.” (برنس، ١٩٩٢ع: ٢١٥)

اڳتي هل مسٽر برنس وڌيڪ لکي ٿو ته: “مون هڪ ٻيڙائتي کي ڏٺو، جنهن درياءَ ۾ سخت تڪليف سان اوياري ويندڙ ٻيڙيءَ کي ڇڏي آلن ڪپڙن ۾ مٽيءَ لڳل بدن سان وجي نماز پڙهي. ننڍين ڳوٺن ۾ به ٻانگي جي ٻانگ ٻُڌبي آهي. مسلمان جڏهن اهو آواز ٻڌندا آهن ته هر ڪم ڪهڙيءَ کن لاءِ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ جڏهن ٻانگ ختم ٿي ويندي آهي تڏهن آمين چئي، ان سڏ جي پڇاڙي ڪندا آهن.(برنس، ١٩٩٢ع: ٢١٥)

سر اليگزينڊر برنس جي مٿين روايتن مطابق ان دؤر ۾ سنڌ اندر دين اسلام ۽ دين سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ ادارن جي محبت ۽ عقيدت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ جي مسلمانن کي اسلام سان ڪيتري نه عقيدت هئي.

سنڌ ۾ سيدن جو وڏو انگ آباد هو ۽ سندن سنڌ ۾ آمد جو سلسلو مسلسل جاري هو. ان جو سبب اهو هو جو سنڌي سيدن جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ سيدن جي عزت ۽ احترام جو اهم سبب پيغمبرِ اسلام جي خاندان يعني اهلبيت سان تعلق هو. اسان جي معاشري ۾ پير پرستي تمام گهڻي هئي، جنهن کي ٻاهران ايندڙ ماڻهن به شدت سان محسوس ڪيو. سنڌ ۾ سيدن جي عزت ۽ احترام جي باري ۾ ڊاڪٽر جيمس برنس لکي ٿو ته:

“جيڪڏهن ڪو مسڪين ترين ۽ اياڻو ماڻهو به پاڻ کي مقدس خاندان مان سڏائي وجهي ته سماج ۾ سندس وڏو رتبو ٿي پوندو ۽ هن جا جاوا ٿي ويندا هئا. ماڻهن جا ميڙاڪا مون وٽ دوا لاءِ ايندا هئا، سيد سيدن کي اڳ ۾ جاءِ ڏيندا هئا. ڪو به ماڻهو سيدن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ يا ڏک هڻڻ تي دل نه ٻڌي سگهندو هو. او اهڙين رعايتن ڪري هو پر وارا ملڪ ڇڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿين ٿا ۽ هتان جي غريبن مٿان بار آهن.” (برنس بحوالو پٺ جو شاهه، ٢١٦/٧٥)

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڏينهن ۾ سنڌ ادب دين اسلام ۽ علم جي روشني پکيڙڻ لاءِ ڪيترائي عالم، بزرگ ۽ ولي الله نظر اچن ٿا. جيڪي قاضي، مخدوم، مولانا، مُلان ۽ آخوند جي لقبن سان مشهور هئا. انهن ۾ - قاضي حماد، قاضي محمد عثمان، مخدوم عبدالجميل، مخدوم محمد هاشم، مُلان سلامي، مُلان يار محمد وغيره وڏيڪ مشهور هئا. مغلن جي دؤر کان وٺي سنڌ اندر اسلامي تعليم جو نظام هلندو نظر اچي ٿو ۽ ان نظام جي مدد علم وارن ماڻهن کي انعامن جي صورت ۾ ملندي هئي، جيڪي مسجدن ۽ مڪتبن سان لاڳاپيل هوندا هئا.

## ٢,٣ شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زماني ۾ سنڌي سماج جا قدر

### ٢,٣,١ ساڻيھ جي سِڪ

وطن سان محبت ۽ پيار جو جذبو هڪ فطري امر آهي. سنڌ جي سدا حيات شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنڌين ۾ جيڪي خوبيون ڏنيون، تن ۾ پهرين سندس ساڻيھ سان پيار ۽ محبت هو. هن عام ڀٽن ۽ مگڻهارن کي بهادريءَ سان ڪٽجي مرڻ وارو،دودي سومري جو قصو ماڻهن کي چاھ سان ٻڌندي ڏٺو هو. شادين ۽ خوشيءَ جي موقعن تي مارئي جي وطن ۽ مارن جي اڪير جا گيت گهرن ۾ دلچسپيءَ سان ڳائجندي ٻڌا، هن عام سنڌين جي ڳوٺن ۽ ڀٽن جي محبت جا داستان ٻڌا ۽ ڏٺا، هن ڏٺو تہ سنڌ جا ماڻهو اڪثري وطن ڇڏي ٻين ملڪن ۾ وڃي گهڻي وقت تائين رهڻ لاءِ خوشيءَ سان تيار نہ هئا. جيڪڏهن ڪي مسافرين ۾ ويندا هئا تہ سرھ وانگر اکيون هميشہ سنڌ ڏي کنيو پيا نهاريندا هئا. سندن آس اميد هميشہ اها پئي رهي تہ ڪڏهن ٿو مولا واڳ وطن تي واري. انهن ڳالهين جو مٿس وڏو اثر ڪيو ڏسجي ٿو.

سُر مارئيءَ ۾ تہ شاھ لطيف وطن جي ۽ ان جي عظمت کي بيان ڪندي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آھن. ھن تمثيل لاءِ عمر ۽ مارئي جو قصو بيان ڪندي وطن جي محبت، اھميت ۽ ان سان لاڳاپيل ھر شئي سان پيار جو جيڪو منظر پيش ڪيو آھي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آھي. ھن سُر ۾ ملير کي روحاني وطن، عالم ارواح ۽ عرش عظيم سان، عمر کي نفس سان، عمرڪوٽ کي ھن دنيا سان ۽ مارئيءَ کي ھڪ عقلمند عاشم سان تشبيھہ ڏني آھي.

ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي لکي ٿو تہ:

"ڀٽائيؒ ھن سُر ۾ مختلف ڪردارن ذريعي انسانن کي دنيا جي ٻاھرين ڏيک ويک تي نہ ڀلجڻ پنھنجي مقصد تي اٽل بيھي اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جو مظاھرو ڪندي ظلم، ڏاڍ ۽ ڏھڪاءَ خلاف آواز اٿارڻ ۽ پنھنجي ماڳ مٽيءَ ۽ وطن تان قربان ٿيڻ جو سبق ڏنو آھي." (جسڪاڻي، ٢٠١٠ع: ٤٢٦)

اِيءَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائين سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪان ڪُريتِ،
پکين جي پريت، ماڙي سين نہ مٽيان.

(سُر مارئي، ١١/٩)

شاھ لطيف ھن بيت ۾ ھن دنيا ۾ اچي پنھنجي اصلي وطن سان محبت قائم رکي ٿو ۽ پکن جي پريت کي ماڙين سان نہ مٽائڻ جو اعلان ڪري ٿو. جڏھن تہ وطن سان محبت کي حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن "حب الوطن من الايمان" (وطن جي محبت ايمان جو حصو آھي) قرار ڏنو آھي، انڪري انسان کي گھرجي تہ ھن دنيا ۾ اچي ڪچي رسم نہ ڪري. شاھ لطيف پنھنجي مالڪ حقيقي ۽ اصلوڪي و طن سان محبت جو اظھار ڪندي الله تعاليٰ جي انسان سان قربت واري آيت کي ھن ريت بيان فرمايو آھي:

قسمت قيد ڪياس، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
"ونحق اقرب اليه من حب الوريد" وطن آءٌ ويندياس،
مارُنِ ڪي ملندياس، ڪوئيون ڇڏي ڪوٽ جون.

(سُر مارئي، ١٦/١)

شاهه لطيفؒ مارئيءَ پاران وطن جي سڪ ڪي اهڙي ته خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو مارئي مرڻ کان پوءِ به پنهنجو مڙهه ملير (وطن) موڪلڻ لاءِ ٻاڌائي ٿي:

واجهائي وطن ڪي آءٌ جي هِتِ مُياس،
گور منهنجي سومرا، ڪچ پهنوار پاس،
ساري ڏين سرتيون، منجهان ولڙين واس،
مُيائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

(سُر مارئي، ٥-١٥)

مارئيءَ جي سر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙي نموني ساٿيهه جي اڪير ۽ پيار ڪي ظاهر ڪيو آهي، سو جڻ ته سنڌي ڳوٺاڻي زندگي جي حقيقي اڪئين ڏٺي تصوير چٽي اٿس. هن تي ڌارين جي تهذيب، تمدن، علم ۽ ترقيءَ جو ڪو به اثر نه ٿو ٿئي. هو ٻين جا بنگلا ڏسي پنهنجيون جهوپڙيون مٽائڻ عيب سمجهندا هئا، هن وٽ ڌارين جي دنياوي لباس 'ناٽ' محلاتن، ڪاڏن خوراڪن، شاهوڪاري قلعن ۽ ڪوٽن، لشڪر ۽ سپاهه، هار ۽ سينگارن (طرح طرح جي سياسي ۽ مذهبي نظرين) کان پنهنجي ملڪ جي ماٽهن جي ساڳي خانہ بدوشي، مسڪيني، بي سرو سامانيءَ جي عملي اٻوجهائي، هزار ڀيرا وڌيڪ پسند هئي. هو ور ور ڪريو عمر (حڪمران قوم) ڪي چئي ٿو:

پٽ نہ پهريان سومرا جي نڪتيان جيان،
آءٌ ڪيئن لوئي لاهيان ڪارڻ ٻن ڏينهان،

تي جيان كانڌ نہ كنديس كو ٻيو.

(سُر مارئي)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي وقت حقيقتن كي انسان جي نفسياتي حسن سان ملائي، اهڙي تہ موزون انداز ۾ اظهار جو ذريعو بڻايو آهي جو اهو هر دور، هر دل جو آواز بڻجي ويو آهي، تنهنكري سندس فكر جو اثر هر سنڌيءَ جي زندگيءَ تي اهڙو تہ ڇانئجي وڃي ٿو جوهر سنڌي سندس كلام مان متاثر ٿيڻ كان سواءِ رهي نٿو سگهي.

## ٢,٣,٢ رواداري

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زماني ۾ سنڌي سماج ۾ رواداري جا مثبت قدر موجود هئا.

ڀِريان سندي پار جي مڙيئي منائي.

ان كري هن جيڏانهن نظر ٿي كئي تيڏانهن سڄڻ سامهون ٿي آيس.ڇوي ٿو تہ كر ڀلي جيئن ۽ سندس پرين جي ملڻ جون اميدون ڏسي ساڙ ۾ سڙن. كر جي كارجڻ جو كيس ذرو بہ خطرو نہ هو.

شاهہ عبداللطيف كي سنڌي ماڻهن ۾ جيكا خوبي ڏسڻ ۾ آئي سا سندن سهپ ۽ روادariءَ واري خوبي هئي. جيتوڻيك سندن وڏيركو طبقو چند مفادپرستيءَ جي خرابين ۾ غرق ٿيو پيو هو. ليكن غريب طبقو هر قسم جي مشكلاتن، مصيبتن ۽ تكليفن كي منهن مقابل ٿيڻ جو عادي هو. جنهن كري منجهن سهپ، رواداري، برداشت ۽ قربانيءَ جو عظيم الشان مادو موجود هو. راءِ ڏياچ جي سخا ۾ سر ڏيڻ، سسئي جا پنهونءَ جي خاطر جهنگ ۽ جبل جهاڳڻ، مومل جون راتي لاءِ راتيون وهائي ڏينهن كرڻ، ليلان جو چنيسر لاءِ ليلائڻ، سهڻي جو ميهار لاءِ كاري رات كُنن ۾ گهڙڻ، وڻجاري جي ونيءَ جو ورلاءِ جر تڙ تي ڏيا

ٻارڻ ۽ وڻ ٽڻ وايون ٻڌڻ وغيره سنڌين جي صداقت ۽ قربانيءَ جا مثال سندن اکين اڳيان هئا.

سهپ ۽ رواداريءَ جي روش سان معاشري ۾ محبت ۽ ڀائيچاري جا جذبا پيدا ٿين ٿا، جنهن ڪري هر ڪو سُک جو ساهه کڻي ٿو، ڇو ته حقيقي انساني معاشرو اهو آهي، جنهن ۾ سهپ، رواداري، امن ۽ محبت قائم هجي. شاهه لطيفؒ جو ڪلام عوام لاءِ نه رڳو مادي سڪون ۽ راحت جو سبب بڻيو، بلڪ روحاني، اخلاقي، معاشري ۽ معاشرتي مسئلن جي حل لاءِ به شاهه لطيفؒ سنڌ جي عوام کي سجاڳ ڪيو. هو هر وقت سهپ، رواداري ۽ درگذر ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته اگر تون خوشي ماڻڻ چاهين ٿو ته ويڻ ورائي سامهان نه ڏج.

چُوندن ڪِيم چِئيجُ، ويڻ ورائي سامُهان،
ڪا مت قيمت جهڙي، روز ڏمر کي ڏيجُ،
ويڻ مَ ورائيج، ته سڀ در سُهاڳي ٿئين.

(سُر آسا، د ٧، ب ١٣)

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

هو چوندئي تون مَ چئه واتان واري ويڻ،
سين سين سيد چئي، من ماري ڪرهيڻ،
ڪاند وڏو ئي ڪيڻ، ڪِيني منجهان ڪِينَ ٿئي.

سُر آسا، د ٧، ب ١٧)

شاهه لطيف جي هن صلاح تي عمل ڪندڙن لاءِ رب پاڪ جي بارگاهه مان به دوستيءَ جي خوشخبريءَ جو پتو پوي ٿو. انڪري جيڪڏهن ڪو چاهي ته ڪيس الله جو قرب ۽ محبت نصيب ٿئي ته پوءِ ان کي ڀٽائيءَ جي مٿين صلاح تي عمل ڪرڻ گهرجي.

الله پاران محبت جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

والعافين عن الناس والله يحبّ المحسنين"

ترجمو: ۽ ماڻهن جي ڏوهه کان ٽارو ڪندڙ آهن ۽ الله پلارن کي دوست رکندو آهي.

### ٢,٣,٣ سچائي

انساني معاشري ۾ سچائيءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. معاشرتي زندگي، ڪاروبار، وڻج واپار ۽ ڏيتي ليتي هجي يا سماجي، سياسي ۽ مذهبي معاملا هجن، هر معاملي ۾ سچائيءَ کان سواءِ ڪاميابي ناممڪن آهي. سچ اهڙو ته اخلاقي گڻ آهي، جنهن کي اختيار ڪرڻ سان انسان نه رڳو پاڻ عزت، احترام ۽ سکون سان رهي سگهي ٿو، پر هو سماجي زندگيءَ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ به سچ جهڙي سهڻيءَ صفت کي وڏي اهميت ڏئي ٿو. سندس فڪر ۽ تعليم موجب جن هن دنيا ۾ پنهنجو وکر سچ سان وهايو، انهن لاءِ خوشخبري آهي ۽ اهي ئي ڪاميابي ماڻيندا.

جني سودي سچ وکر وهايو،
بخر ولهم البشري، جو اُني لاءِ آيو،
تن کي لالڻ لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

سُر سريراڳ، د ١، ب ١٦)

شاهه لطيفؒ سچ سان سودو ڪندڙن لاءِ "لَهُمُ البُشريٰ" جي جنهن بشارت جو ذڪر ڪيو آهي، اها بشارت جنت ۽ الله جي رضا جو حاصل ڪرڻ آهي. يعني شاهه لطيفؒ سچ ۽ سچائيءَ جو قدر ڪرڻ جي تلقين ڪندي چوي ٿو ته جن وٽ سچ جو قدر ۽ سڃاڻ نه آهي، تن سان ڪو لاڳاپو نه رک، ڇو ته انهن کي سچ جهڙي قيمتي املهه ماڻڪ جي ڪا پرک نه آهي.

جي نہ سچاڻن سچ کي، ويھہ مَ تني وَٽِ،
امل کي اڏ کري، پاڻان ھڻندا پَٽِ،
وڃي ماڻڪ تن سان مَٽِ، جي پارکو پاڻيٹ جا.

(سُر سريراڳ، د ٤، ب ١٠)

شاھہ لطيفؒ پنھنجي ڪلام ۾ سچن ۽ سچائي بيان ڪندڙن جي شان کي بيان ڪندي فرمايو آھي تہ لعلوم يعني ھيرا، موتي ۽ جواھر اُھي لھي سگھن ٿا، جن جو سودو سچ سان ھوندو.

سمنڊ ڪين سُڪن، ڪوڙين جي ڪانو ٿئي،
پاڻيءَ سين پيڪ ڪئو، تيلاھ وڻجارن،
لعلون سي لھن، جنين سودو سچ سين.

(سُر سامونڊي، د ١، ب ١٧)

ان ڳالھہ جي تصديق حضور پاڪ ﷺ جن جي ھيٺين حديث مان ٿئي ٿي:

"عن عبدالله ابن مسعود ؓ عنھ عن النبي صلي الله عليہ وسلم قال اِن الصدق يھدي الي البرو اِنّ البر يھدي اِلي الجنة."

ترجمو: حضرت عبدالله ابن مسعود ؓ عنہ کان روايت آھي تہ حضور پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ سچ، يلائي ۽ نيڪوڪاري ڏانھن وٺي ويندو آھي ۽ نيڪي ۽ يلائي (انسان کي) جنت جي رستي تي وٺي ويندي آھي. (محي الدين، امام، ؟: ٤٨)

شاھہ لطيفؒ انھيءَ حديث پاڪ جو تفسير ھيٺئين بيت ۾ ھن طرح بيان ڪري ٿو:

صاحب وڏي سچ سين، تي دانا ديوانا،
جي تحقيق ٿئا تسليم سين، اُوءِ ڪئن امانا.

(سُر سريراڳ، د ٢)

## ٢,٣,٤ اتحاد ۽ اتفاق

اتحاد ۽ اتفاق مان مراد آهي هر ڳالهه ۾ پاڻ ۾ متحد ۽ متفق ٿيڻ. اتحاد اهو روح آهي، جنهن سان قومون، ترقي ۽ ڪاميابيءَ جون منزلون طئه ڪن ٿيون. قومن جي ڪمال ۽ زوال، ترقي ۽ تنزل جو دارومدار اتحاد تي ئي آهي. شاهه لطيفؒ به جيئن ته انساني ترقي ۽ خوشحاليءَ جو حامي هو، ان ڪري سندس ڪلام ۾ اتحاد ۽ اتفاق تي زور ڏنل آهي. ساڳئي وقت اتحاد ۽ اتفاق ۾ برڪت ۽ قوت پڻ آهي. شاهه لطيفؒ انسانن کي پاڻ ۾ اتحاد ۽ محبت قائم ڪرڻ لاءِ انهن پکين کان سبق وٺڻ جي نصيحت ڪئي آهي، جيڪي متي آسمان طرف ٽولا ڪري اُڏامن ٿا ۽ قطار کان ڇڄن نٿا. پاڻ چوي ٿو ته:

وڳر ڪِئو وَتَن، پرت نه ڇنن پاڻ،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئون ميٺ گهڻو.

(سُر ڏهر، د ٥، ب ٢)

يعني پکين ۾ به ايتري ساڃاهه آهي جو پاڻ ۾ ايتري پريت رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي کان ڇڄن نٿا، پر هو وڳر يعني قطار جي صورت ۾ رهنتا ۽ پاڻ ۾ ميٺ ۽ محبت جو مظاهرو ڪن ٿا. ٻئي طرف الله پاڪ انسان کي عقل ۽ شعور جي وڏي دولت سان مالامال ڪيو آهي، ليڪن ايڏي وڏي نعمت ميسر هئڻ جي باوجود انسانن ۾ انتشار ۽ نفاق آهي. انڪري انسان اڄوڪي دؤر ۾ مادي لحاظ سان ته ترقي حاصل ڪئي آهي، پر اتحاد ۽ اخلاق جي لحاظ سان تنزليءَ طرف وڃي رهيو آهي. انسانيت کي جيتري اڄ سماجي طرح اتحاد، اتفاق ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جي ضرورت آهي، ايتري اڳ ۾ ڪڏهن به نه هئي. اتحاد، اتفاق جي اها دولت دين اسلام جي تعليم مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي، ڇو ته اسلام، اتحاد، اتفاق ۽ انسانيت جي احترام جو دين آهي. اهو ئي سبب آهي جو رب ڪريم به انسانن کي پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪري الله جي دين کي مضبوطيءَ سان پڪڙڻ ۽ انتشار کان بچڻ لاءِ تاڪيد فرمائي آهي ته:

"واعتصموا بحبل الله جميعًا وَّلا تفرقوا"

(امروٽي، ١٩٩٩ع: ٧٧)

ترجمو: "الله جي رسيءَ کي سيئي چنبڙي وٺو ۽ ڌار نہ ٿيو."

هن قرآني آيت مان مراد آهي تہ الله پاڪ جي قرآن يعني دين اسلام کي سڀ انسان (رڳو مسلمان نہ) متحد ۽ متفق ٿي وٺو ۽ ٽولين ۾ ٽي تفرقي جو شڪار نہ ٿيو. شاھ لطيف ان آيت سڳوريءَ جو تفسير هن بيت ۾ بيان ڪيو آهي تہ:

چڄ مَ قطارا، ساٿ چڙهندو لَڪيين،
مَڇڻ تئين پُٺا، وڳ وانئڻ ئي نہ لهين.

(سُر حسيني، د ٨، ب ٧)

شاھ لطيفؒ مٿئين بيت ۾ اتحاد ۽ اتفاق واري قطار ۽ ٽولي کي ڇڄي ڌار نہ ٿيڻ جي هدايت ڪئي آهي. ڇو تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اهو اتحاد وارو قافلو اڳتي نڪري وڃي ۽ تون پوئتي رهجي سڌي رستي کان ڀُلجي گمراھ نہ ٿي وڃين.

## ٢,٣,٥ نيڪي

نيڪيءَ مان مراد، نيڪ عمل ۽ سھڻي سيرت ۽ ڪردار جو مظاهرو ڪرڻ آهي. حقيقت ۾ نيڪي الله تعاليٰ ۽ سندس رسول پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو نالو آهي. انسان جيڪو بہ ڪم الله ۽ سندس رسول جي رضا لاءِ سندن ڏنل تعليم مطابق سرانجام ڏئي ٿو تہ ان کي نيڪيءَ جو ڪم يا عمل چئجي ٿو. انساني معاشري ۾ نيڪ عملن ۽ نيڪ نيتيءَ کي بنيادي اهميت حاصل آهي. معاشرتي ترقيءَ جو دارومدار نيڪ نيتيءَ سان ڪيل نيڪ عملن تي آهي. ساڳئي وقت انسان جي آخرت واري زندگيءَ ۾ ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو دارومدار بہ هن دنيا ۾ ڪيل نيڪ عملن، ڪردار ۽ سيرت تي منحصر آهي. انڪري شاھ لطيفؒ بہ انسان کي دنيا واري هن مختصر زندگيءَ ۾ نيڪين جي وڪر وهائڻ جي صلاح ڏئي ٿو تہ جيئن اڳتي هلي آخرت واري زندگيءَ ۾ سرخرو ٿي سگهي:

وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچينديِ ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضاع،
سا ڪا هَڙَ هلاءِ، آگهه جنهن جي اُبهين.

(سُر ڪارايل، د ٢، ب ٣)

يعني لطيفي فڪر موجب، اهڙو وکر هٿ ڪجي، جيڪو پئي پُراڻو بہ نہ ٿئي ۽ ان مان ڪو ذرو ضايع بہ نہ ٿئي، تہ پوءِ ان وکر واريءَ هَڙ سبب، انسان خداوند عالم جي بارگاهہ ۾ سرخرو ٿي سگهي ٿو. ان سلسلي ۾ قرآن مجيد مان بہ اها رهنمائي ملي ٿي تہ جن ايمان وارن نيڪ عمل ڪيا، تہ انهن جي نيڪين مان هڪ ذرو بہ زيان نہ ٿيندو ۽ انهن کي نيڪين جي بدلي ۾ جنت ملندي. قرآن مجيد ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو تہ:

وَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓىِٕكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ
وَلَا يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ﴿١٢٤﴾

ترجمو: ”۽ جيڪي ماڻهو مرد يا زال مؤمن ٿي چڱا (نيڪ) ڪم ڪندا، سي بهشت ۾ گهڙندا ۽ ترَ جيترو بہ ظلم نہ ڪبُنِ.“ (امروٽي، ١٩٩٩ع: ١١٩)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ هن دنيا جي سمنڊ مان انهن پونجارن جي تعريف ٿو ڪري جن سمنڊ کي سيوئو ۽ ان مان قيمتي جواهر، موتي ۽ نيڪيون هٿ ڪيون.

سي پونجيارا پُر ٿِئا، سمنڊ سيوئو جن،
آندائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لعلون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، مُل مهانگو اُن جو.

(سُر سريراڳ، د ١، ب ١٠)

هن دنيا مان نيڪ ۽ چڱن ڪمن جا جيڪي هيرا ۽ جواهر هٿ ڪندا، انهن

ڪي قيامت ڏينهن انهن جي بدلي جيڪي ڪجهه عطا ڪيوويندو، اهو ايترو ته قيمتي آهي جو ان جو ڪو مُلهه ئي ڪونهي. اهڙي تصديق الله تعاليٰ جي پاڪ ڪلام مان هن ريت ملي ٿي:

"ومن ياته مومناً قد عمل الصلحت فا اولئِكَ لهُم الدرجات العليٰ ط جنٰتُ عدنٍ تجري من تحتها النهٰر خلدين فيها ط"

ترجمو: "۽ جيڪي مؤمن ٿي وٽس چڱا ڪم ڪري ايندا سي اهي آهن، جن لاءِ وڏا مرتبا آهن. سدائين رهڻ جا باغ جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٣٨١)

هن دنيا ۾ انسان کي نيڪين ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي، ڇو ته انساني نفس ۽ شيطان، انسان کي هر وقت نيڪيءَ کان هٽائي برائي ۽ بُرن ڪمن ڏانهن مائل ڪندا رهن ٿا، ليڪن جيڪو ٻانهو الله پاڪ ۽ سندس رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي اطاعت ڪندي، نيڪيءَ تي قائم رهندو ته ان لاءِ وڏا انعام اڪرام رکيل آهن.

شاهه لطيفؒ هن جهان ۾ نيڪ عمل ڪرڻ کي سمنڊ جي تهه مان ماڻڪ ۽ موتي ميڙڻ سان تشبيهه ڏيندي چوي ٿو ته:

اِي گت غواصن، جيئن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هِيرا لعل هٿن سِين.

(سُر سامونڊي، د ١، ب ١٢)

اهڙن غواصن (ٽوٻن) لاءِ رب پاڪ پاران نيڪ عملن جو پورو بدلو ان کان به وڌيڪ عطا ڪرڻ جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:

"فامّا الذين امنو وعملو الصلحت فيوفيهم اُجورَهم ويزديهم من فضلِهٖ."

ترجمو: "پوءِ جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن، تن کي سندن اجر پورو ڏيندو ۽ پنهنجي فضل سان کين وڌيڪ ڏيندو. (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٥٣)

### ٢,٣,٦ حُسنِ اخلاق

اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار کي انساني معاشري ۾ وڏي اهميت حاصل آهي، جو ته اخلاق جي درستگيءَ ۾ ئي انسان ذات جي ڪاميابيءَ جو راز سمايل آهي. انهيءَ ڪري شاهه لطيفؒ به انسانن کي ادب ۽ اخلاق ۽ فضيلت واري سماجي قدر کي اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو ته:

سِٽون پڙهه ساجاءِ جون، ڪنز قدوري ڇڏ،
وانءُ تني جي سڏ، جني سانگ نه ساهه جو.

(سُر ساموندي، د ١، ب ١٢)

هن بيت ۾ شاهه لطيفؒ فقهه جي ٻن اهم ڪتابن ڪنز الدقائق ۽ قدوري جي مقابلي ۾ "سِٽون پڙهه ساجاءِ جون" ۾ جيڪو مشورو ڏنو آهي، ان مان ادب، اخلاق ۽ فضيلت جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انساني معاشري ۾ ته اخلاق ۽ ڪردار جي ڪيڏي نه اهميت آهي. ساڳئي وقت اسلامي معاشري ۾ ته اخلاق ۽ ڪردار کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ پاران رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زندگي مبارڪ کي انسانن لاءِ اُسوه حسنه يعني زندگي گذارڻ جو بهترين طريقو قرار ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ قرآن مجيد ۾ باري تعاليٰ فرمائي ٿو ته:

"لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا ﴿٢١﴾"

(الاحزاب، ٢١)

ترجمو: "بيشڪ اوهان لاءِ الله جي پيغمبر جي طريقي ۾ عمدي پيروي انهيءَ لاءِ آهي، جيڪو الله جي رضا جي اميد ۽ قيامت جي ڏينهن جي اچڻ جي اميد رکندو هجي ۽ الله پاڪ کي گهڻو ياد ڪندو هجي."(امروٽي، ١٩٩٩ع: ٥٠٦)

يعني ايمان وارن لاءِ نبي ڪريم صلي الله عليہ عليہ وسلم جي طريقي ۾ زندگي گذارڻ جو بهترين طريقو آهي. قرآن ڪريم ۾ حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن جي زندگي مبارڪ جي وضاحت بعد سندن اخلاق ۽ ڪردار جي بلندن کي هن ريت بيان فرمايو ويو آهي:

"وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ۝۴" (القلم، ٤)

ترجمو: "(اي محمد صلي الله عليہ وسلم) ۽ بيشڪ تون وڏي خُلق تي آهين، يعني اخلاق جي تمام مٿاهين درجي تي فائز آهين." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٦٨٢)

مسلمان هئڻ جي حيثيت ۾ هر شخص جي اها ذميواري آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سنت، سيرت ۽ اخلاق کي اختيار ڪري ۽ مٿين قرآني آيتن، پاڻ سڳورن جي زندگيءَ تي هلڻ کي فرض جو درجو ڏيئي ڇڏيو آهي. شاهہ لطيفؒ اخلاقي صفات جو علمبردار هو. سندس ڪلام ۾ اخلاق ۽ ڪردار جي حوالي سان اهڙا تہ نڪتا بيان ٿيل آهن، جن تي عمل ڪري انسان نہ رڳو پنهنجي زندگي پُرسڪون گذاري سگهي ٿو، بلڪ هو پوري معاشري لاءِ اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جو ذريعو بہ بنجي سگهي ٿو. اسلامي معاشري ۾ سلام ڪرڻ کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇو تہ سلام ۾ هڪ طرف دينِ اسلام جي شعائر جو پتو پوي ٿو تہ ٻئي طرف سلام ۾ هڪ انسان طرفان ٻئي انسان لاءِ سلامتيءَ جي دعا ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار پڻ آهي. ڀٽائيؒ بہ سلام کي عام ڪرڻ جو قائل آهي ۽ چوي ٿو تہ: تون محبوبن کي سلام لاءِ چو ٿو سڪين، تون پاڻ چو نٿو وڃي سلام ڪرين.

سِڪين ڪُھ سلام کي، ڪريين ڪُھ نہ سلام،
ٻئا در تَنِ حرام، هي در جنين ديکئو.

(سُر آسا، د ٥، ب ١١)

انساني اخلاق ۽ ڪردار جون بيشمار خوبيون آهن، جن جي باري ۾ شاهہ لطيفؒ انسانيت جي رهبري ۽ رهنمائيءَ جو حق ادا فرمايو آهي. برداشت ڪرڻ يا

تحمل ۽ بردباري بہ اهم اخلاقي صفت آهي. ان سلسلي ۾ شاهہ لطيفؒ هدايت ڪندي فرمائي ٿو تہ، جيڪڏهن ڪو ويڻ ڏئي يعني گهٽ وڌ ڳالهائي تہ اُن ڪي ويڻ ورائي نہ ڏجن، بلڪ هاديءَ جي هدايت ڪي سامهون رکندي برداشت ۽ تحمل سان نفس ۽ من ڪي مارڻ گهرجي.

سُٽي ويڻ ڪنن سين، وارج ڪيم وري،
هاديءَ جي هدايت جي، آهي اِيءَ ڳري.
جني ساهہ ساهہ سَري، تن ماريو نفس مٿ سين.

(سُر آسا، د ٧، ب ١٤)

اهڙي قسم جي ساڳي رهنمائي قرآن مجيد مان بہ ملي ٿي، جنهن ۾ معاف ڪرڻ جي عادت پيدا ڪرڻ، جاهلن کان ٽارو ڪرڻ ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي هدايت فرمايل آهي:

“خُذِ الْعَفْوَ وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجَاهِلِينَ ﴿١٩٩﴾” (الاعراف، ١٩٩)

ترجمو: “معافي ڏيڻ جي عادت ڪر ۽ چڱي ڪم ڪرڻ جو حڪم ۽ جاهلن کان منهن موڙ.” (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٢١٣)

### ٢,٣,٧ جدوجهد

انساني زندگي، جدوجهدن سان پري پيئي آهي. جيڪي انسان، دنيا ۾ محبت ۽ جدوجهد ڪن ٿا، اهي ڪاميابيءَ سان منزلون ماڻين ٿا ۽ جيڪي انسان، محنت ۽ مشقت کان وانجهيل آهن، انهن جو نانءُ نشان ئي مٽجي وڃي ٿو. تاريخ صرف انهن قومن ۽ فردن کي ياد رکيو آهي، جن ۾ جدوجهد جو عنصر موجود هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ بذاتِ خود محنت، مشقت ۽ جدوجهد جو قائل آهي. سندس ڪلام ۾ جابجا انسانيت لاءِ جدوجهد جو سبق ڏنل آهي. شاهہ لطيفؒ مختلف سُرن ۾ جدا جدا ڪردارن جو سهارو وٺندي انسانيت کي مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻ

جو سبق ڏئي ٿو. هو سسئيءَ جي جدوجهد کي بيان ڪندي سردي ۽ گرميءَ جي سانگي نہ ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ:

تَتِيءَ ٿَڌِيءَ ڪاهِہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، پيبر نہ لهين پرينءَ جو.

(سُر معذوري، د ٥، ب ٦)

الله رب العزت بہ قرآن مجيد ۾ انسانن لاءِ اها وضاحت فرمائي آهي تہ جيڪا هو جدوجهد ڪندا، ان جو ڪين پورو بدلو ڏنو ويندو.

"وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى ﴿٣٩﴾ وَاَنَّ سَعْيَهٗ سَوْفَ يُرٰى ﴿٤٠﴾ ثُمَّ يُجْزٰىهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى ﴿٤١﴾" (النجم، 39-41)

ترجمو: "۽ تہ ماڻهوءَ کي رڳو اها (ڪمائي) ملندي جيڪا ڪيائين ۽ تہ سندس ڪمائي جلد ڏني ويندي، وري تمام پورو بدلو ڪمئاي موجب ڏنو ويندو." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٦٣٥)

شاهہ لطيفؒ اڳتي هلي انسان کي وڌيڪ وضاحت سان ارشاد فرمائي ٿو تہ جيترو وقت زندهہ آهين، اوترو وقت پنهنجي جدوجهد جاري رک.

جان جيين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جلڻ رِي،
تتيءَ ٿڌيءَ هَلُ، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

(سُر حسيني، د ٢، ب ١٧)

قرآن مجيد مان بہ اسان کي اها خبر پوي ٿي تہ انسان لاءِ هن جهان ۾ ڏک ۽ ڏاکڙا آهن:

"لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ﴿٤﴾" (البلد، ٤)

يعني: "بيشڪ ماڻهوءَ کي ڏک ۾ پوڻ لاءِ خلقيوسون." (امروتي، ١٩٩٩ع: ٧٢٠) يعني انساني زندگيءَ جو مقصد ئي ڏکن ڏاکڙن ۽ آزمائشن ۾ پوڻ آهي.

ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ جفا ڪشي ۽ جدوجهد جو پيغام آهي. سندس فڪر موجب، ڪاميابي انهن جا قدم چُمندي آهي، جن ۾ جدوجهد جو جذبو هوندو آهي. شاهه سائين سُر آبري ۾ سسئيءَ کي ڪيچ وڃي محبوب ماڻڻ لاءِ ڀنڀور جا سک ڇڏي جدوجهد ڪرڻ جي صلاح هن طرح ڏئي ٿو:

ويهه مَ مُنجھ ڀنڀور ۾، ڪيچ وڃڻ سين وَس،
ليڙن جو لطيف چئي ڏونگر ڏيندءِ ڏَسُ،
هلي پنهونءَ پَس، سر پر رڙهي سسئي.

(سُر سسئي آبري، د ١، ب ١٤)

ساڳئي سُر جي داستان پهرين جي بيت ١٦ ۾ هن طرح چوي ٿو ته:

ويهه مَ مُنجھ ڀنڀور ۾، اٿي رائو ريل،
هيڪر اُٿي هوت لئي، ٻڌ چتائي چيل،
ٿڪيائي تون ٿيل، ته پسين جام پنهونءَ کي.

(سُر سسئي آبري، د ١، ب ١٦)

ٿڪجڻ باوجود به نه ويهه ۽ پنهنجي جدوجهد ۽ جستجوءَ کي جاري رک، چو ته هلڻ سان ئي هوت ملي سگهندو. اڳتي هلي شاهه لطيفؒ سسئيءَ جي جبلن جي چوٽين تي چڙهي هوت پنهونءَ ڏي هلڻ جي صلاح ڏيندي ڪيس چوي ٿو ته:

ٿڪيائي ٿر ٿيل، چڙهه چڪيائي چوٽيين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، يَوَ مڙيئي پيل،
اٿي رائو ريل، وينين تان وارِ ي وري.

(سُر سسئي آبري، د ٨، ب ١٤)

پٽائيءَ جي ڪلام مان انسان ذات کي “جفا وارين جَس، جَس جفا رءَ نہ ٿئي” جي پوري پوري رهنمائي ملي ٿي. ساڳئي وقت سسئيءَ جا سمورا ئي سُر زندگيءَ ۾ جاکوڙ، جدوجهد ۽ جستجو جي اهميت اجاگر ڪن ٿا، يعني سسئي آهي ئي ڪنن محنت، جاکوڙ ۽ جدوجہ جي علامت ۽ اهڃاڻ. شاھ لطيف، سسئيءَ جي سمورن سُرن ۾ ڏکن پنيان سکن جي خوشخبري بہ ڏني آحي:

ڏکن پنيان سُک، سگها ٿيندئي سسئي،
پيرَ مَ ڇڏج پرينءَ جو توڙي لڪن لک،
ڏورج پاسي ڏک، تہ پوي ٻاجهہ ٻروچ کي.

(سُر حسيني، د ٣، ب ٧)

ڏکن پنيان سُک واري شاھ لطيفؒ جي هيءَ بشارت يا خوشخبري ان مع العسر يسرا (بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي) واري آيت جي تفسير جو درجو رکي ٿي.

### ٢,٣,٨ صبر ۽ شڪر

انساني سماج ۾ صبر ۽ شڪر کي تمام وڏي اهميت حاصل آهي. هيءَ اهڙي تہ اخلاقي صفت آهي، جيڪا هر ڪنهن ۾ پيدا ٿيڻ مشڪل آهي، انڪري الله وارن عالمن ۽ شاعرن پاران صبر ۽ شڪر کي اختيار ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو تاڪيد فرمايل آهي. انساني زندگيءَ جي ڪاميابيءَ جو دارومدار بہ صبر ۽ شڪر سان مشروط آهي. شاھ لطيفؒ جو ڪلام اخلاقي قدرن جو وڏو سرمايو آهي، انڪري سندس ڪلام ۾ صبر تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. سندس فڪر موجب، انسان کي ڪاميابي ماڻڻ لاءِ عاجزي ۽ صبر کي اختيار ڪرڻ پوندو.

نَمِي کَمي نهار تون، ڏمر پاسو ڏک،
منجهان صبر سک، جي سنوارئا سمجهين.

(سُر آسا، د ٧، ب ١٨)

شاھ لطيفؒ ساجاءِ وارو ٿيڻ لاءِ صبر جي واٽ وٺڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ:

نَمي ڪَمي نهار تون، ڏمر ڏولائو،
ٿيين ساجائر، جي اپيين انهين پير تي.

(سُر آسا، د ۷، ب ۱۹)

شاھ لطيف ساڳئي سُر جي داستان ۷، بيت ۲۰ ۾ صبر ۽ ساجاءِ واري رستي تي هلندڙن لاءِ ڪاميابيءَ جو اعلان هن طرح ڪري ٿو تہ:

ڪَم ڪمندنِ ڪٿيو، هارايو هوڙهن،
چکيو نہ چوندنِ، هو جو ساءُ صبر جو.

(سُر آسا، د ۷، ب ۲۰)

شاھ لطيف رح صبر ڪندڙن لاءِ "ڪن ڪمندن ڪٿيو" جو جيڪو اعلان ڪيو آهي، اهڙو ئي اعلان قرآن مجيد مان بہ ملي ٿو، جنهن ۾ صبر اختيار ڪندڙن لاءِ تمام وڏي اجر جي خوشخبري هن ريت ڏنل آهي:

"اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ۝" (هود، ۱۱)

ترجمو: "پر جن صبر ڪيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي." (امروٽي، ۱۹۹۹ع: ۲۶۸)

شاھ لطيف جو اهو اصول رهيو آهي تہ سندس ڪلام ۾ قرآني آيتن جا حوالا، انهن جو ترجمو، نبي ڪريم ﷺ جن جي حديثن جا حوالا، ولين ۽ عالمن جا اقوال، اڪثر طور تي ملن ٿا، جن جي ڪري سندس ڪلام کي چار چنڊ لڳي ويا آهن. اهڙيءَ طرح صبر جي باري ۾ شاھ لطيفؒ قرآن ڪريم جي صبر جي باري ۾ تاڪيد واري سورت (والعصر) مان آيتون آڻي صبر جي اهميت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

عشق جي اسباب ڪي پر ۾ پڇيائون،
دارون هن درد جو، ڏاڍو ڏسيائون،
آخر ’والعصر‘ جو ايهين اُتائون،
تهان پوءِ آئون، سِڪان ٿي سلام.

(سُر ڪلياڻ، د ٤، ب ٢)

يعني عشق واري درد جو دارون اهڙو ته ڪارگر ۽ مفيد آهي جو اُن جو ڪو مٽ ئي نه آهي ۽ اهو دارون سورت والعصر جي آخري آيت ۾ آيل آهي. اڳتي هلي شاهه لطيفؒ سورت والعصر جي آخري آيت ڪي هوبهو نقل ڪندي چوي ٿو ته:

اڄ پڻ اڪڙين سين ڪوني ڪُنائون،
ماه وڍي انگڙا ڪري، ڪرنگهو چڏيائون،
وتواصوا بالحق وتوا صوا بالصبر اهين اُتائون،
مُرڪي ماريائون، ڪلي گهايو سڄڻين.

(سُر آسا، د ٤، ب ١٥)

شاهه لطيفرح صبر سان گڏ شڪر جي اهميت ڪي به واضح فرمايو آهي. سُر يمن ۾ محبت جي گهايلن جي سُورن ڪي بيان ڪندي سندن شڪر جي ڪيفيت جو هن ريت اظهار ڪيو اٿس:

ويچارا واڍوڙَ، سدا ساڪر سورتي،
تاڻن مٿي توڙ، اوري ڪن نه آسرو.

(سُر يمن، د ١، ب ١٩)

شڪر جي باري ۾ قرآن ڪريم مان جيڪا رهبري ملي ٿي، ان مان اهو پتو پوي ٿو ته جيڪي ايمان وارا الله جو شڪر ڪندا آهن ته انهن لاءِ ڪو به عذاب نه هوندو، چو ته رب ڪريم وڏو قدردان آهي.

"مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ اِنْ شَكَرْتُمْ وَاٰمَنْتُمْ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ۝" (النساء، 147)

ترجمو: "جيڪڏهن سندس نعمتون ڄاڻي شڪر ڪندؤ ۽ ايمان آڻيندؤ ته الله اوهان کي ڇا لاءِ عذاب ڪندو؟ ۽ الله (پاڪ) ته قدر سڃاڻيندي ڄاڻيندڙ آهي." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ١٢٣)

هن آيت سڳوريءَ مان واضح ٿيو ته شڪر ڪرڻ وارن لاءِ الله (پاڪ) وٽ قدر آهي. شاهه لطيفؒ سُر سهڻيءَ جي هڪ وائيءَ ۾ رب پاڪ جي شڪر ڪرڻ جي هدايت هن طرح ڪري ٿو:

وانءُ داتا جي در تي، شڪر جنهِ سُهاءِ،
ڪانهي حد حمد جي، ته ڪرياڻ لالڻ لاءِ،
ڳڻيو ڳڻيان ڪيتريون، وڏيون وڏاياءِ،
سو مون هٿان نه ٿئي، جيڪي تون جُڳاءِ.

(سُر سُهڻي، د 1، وائي)

مٿين وائيءَ ۾ شاهہ شڪرسان گڏ الله تعاليٰ جي حمد و ثنا جو پڻ ذڪر فرمايو آهي۽ اها به وضاحت فرمائي ويئي آهي ته اگر ڪو شڪر ڪندو ته پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ ئي ڪندو، ڇو ته الله تعاليٰ ته بي نياز ۽ بي پرواهه بادشاهه آهي.

ڀٽائيؒ سُر سريراڳ جي هڪ وائيءَ ۾ به رب ڪريم جي ڪروڙين احسانن لاءِ بيشمار شڪرانا ۽ سندس حمد ۽ ساراهه کي ادا ڪرڻ لاءِ هن ريت هدايت ڪري ٿو ته:

سهسين شڪرانا، ڪر سهسين شڪرانا،
ڪوڙيين ڀال ڪريم جا،
ڇؤ حمد حڪيم کي ظاهر زبانا.

(سُر سريراڳ، د ٢، وائي)

ساڳي وائيءَ ۾ اڳتي هلي شاهه قرآن پاڪ جي آيت سڳوريءَ جو حوالو ڏيندي چوي ٿو تہ:

فاذکروني اذکر کم، کهئو قرآن،
واشکروا لي ولا تکفرون، کڏ تون کفرانا.

(سُر سريراڳ، د ٢، وائي)

شاهه جي ڪلام ۾ مٿين قرآني آيتن جي حوالن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ صبر ۽ شڪر جي انسان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪيڏي نہ وڏي اهميت آهي.

## ٢،٣،٩ قناعت ۽ ڪفايت

انساني زندگيءَ ۾ قناعت ۽ ڪفايت کي اهم مقام حاصل آهي. هن قدر کي اختيارڪرڻ سان انسان جي دل مان حرص ۽ لالچ جهڙيون برايون ختم ٿي وڃن ٿيون. قناعت پسندي اهڙي تہ صفت آهي، جيڪا انسان کي هر حال ۾ صبر ۽ شڪر ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿي، جڏهن تہ حرص ۽ لالچ رکندڙ انسان، صبر ۽ شڪر جي نعمت کان محروم رهي خدائي عذاب ۽ ڏمر جو مستحق ٿئي ٿو.

شاهه لطيف انسانيت جو سڀ کان وڏو همدرد ۽ خير خواهه آهي. سندس زندگيءَ جو مقصد، انسانيت کي اعليٰ اخلاقي، انساني ۽ اسلامي قدرن کان آگاهه ڪري معاشري جو ڪارآمد فرد بنائڻ آهي. شاهه لطيف، قناعت ۽ ڪفايت پسند جوڳين ۽ ڪاپڙين جي ساراهه ڪندي چوي ٿو تہ انهن کي قناعت ايتري تہ پسند اچي ويئي آهي، جو انهن مان ڪاڏي پيتي ۽ طعام جي طمع بہ ختم ٿي ويئي آهي.

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طمعدار،
سين هنيائون سُج ۾، جوڳي ڪنهن نہ يار.

(سُر رامڪلي، د ٥، ب ٤)

لالچ جي نفيءَ جو نالو قناعت ۽ ڪفايت آهي. شاهه اهڙن لالچي انسانن جو تعارف ڪرائيندي چوي ٿو ته: جيڪي مانيءَ جا بُکيا ۽ لالچي آهن، سي سچا نه پر ڪوڙا جوڳي آهن، جيڪي پنهنجي پيٽ جي پوڄا ڪندا رهن ٿا.

گولا جي گراه جا، جُونا سي جوڳي،
ڦٽل سي ڦوڳي، جني شڪم سانديئا.

(سُر رامڪلي، د ٥، ب ١٥)

شاهه لطيف ويس وڳن ۽ مانيءَ جي لالچين جي باري ۾ چيو آهي ته اهڙن لالچي سنياسين کان الله رب العزت اجا ڪافي اڳتي آهي، ڇو جو انهن ۾ صبر، شڪر ۽ قناعت جي نعمت نه آهي:

گندي ۽ گراه، جن سنياسين سانديو،
اني کان الله، اجا اڳاهون ٿيو.

(سُر رامڪلي، د ٥، ب ١٥)

مٿئين بيت جي پسمنظر ۾ حضور پاڪ ﷺ جن جو هيءُ ارشاد مبارڪ ملي ٿو ته:

“خوش نصيب آهي اهو، جنهن دينِ اسلام کي مڃيو، ضرورت مطابق رزق مليس ۽ ان رزق تي ان کي الله (پاڪ) قناعت ڪرڻ وارو بنايو.” (محي الدين، ؟: ٢٤٩)

الله پاڪ پاران انسان کي زندگي گذارڻ لاءِ هر قسم جي رهنمائي فراهم ڪئي ويئي آهي. قرآن مجيد ۾ ايمان وارن جي خرچ ڪرڻ جي جيڪا ڪيفيت بيان فرمائي ويئي آهي، ان مان اِها خبر پوي ٿي ته اهي جڏهن زندگيءَ جي ضرورتن لاءِ خرچ ڪندا آهن ته نه ڪي فضول خرچي ڪندا آهن ۽ نه ئي بلڪل پنهنجو هٿ بند ڪري ڇڏيندا آهن. بلڪل وچ وارو رستو يعني قناعت ۽ اعتدال جي واٽ وٺندا آهن.

## ٢,٣,١٠ توڪل

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ شاعر، مفڪر هئڻ سان گڏوگڏ انسانيت جو رهبر ۽ رهنما پڻ هو. تاريخ شاهد آهي تہ دنيا ۾ جيڪي بہ رهبر، رهنما، مصلح ۽ پيغمبر آيا انهن سڀني، پنهنجو پاڻ کي اول انسانن آڏو پيش ڪيو ۽ اُن بعد ٻين اسانن کي پنهنجي پنهنجي مذهب، عقيدي ۽ فڪر جي دعوت ڏنائون. شاهه لطيفؒ روحانيت جي مٿين منزل ماڻڻ کان پوءِ سنڌ واسين سامهون اعليٰ انساني قدر پيش ڪيا. انهن ۾ توڪل علي الله يعني الله تعاليٰ جي ذات تي آسرو ڪرڻ بہ شامل آهي. ڀٽائيؒ سڀ کان اول انسان کي دنيا جي سڀني آسرن ۽ سهارن کي ترڪ ڪرڻ جي صلاح ڏيندي الله جي رحمت ۾ اميد ۽ آسري رکڻ جي هدايت ٿو ڪري:

گھڙو ڀڳو تان گھورئو، آسر مَ لاهيج،
لاتقنطوا من ﷺ ترهي ان تريج،
حبيباڻي هيج، پَسين مُنهن ميهار جو.

(سُر سهڻي، د ٢، ب ٧)

هن بيت ۾ شاهه رح، قرآن مجيد جي جنهن آيت مبارڪ جو حوالو ڏنو آهي، ان ۾ الله تعاليٰ جي ذات مان آسرو نہ لاهڻ ۽ ان تي تڪل ڪرڻ جو سبق هن ريت ملي ٿو:

"قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ۝" (الزمر، ٥٣)

ترجمو: "(منهنجي طرفان ڪين) چئو تہ اي منهنجا اُهي ٻانهؤ، جن پاڻ تي ظلم ڪيو (اوهين) الله جي ٻاجهه کان نااميد نہ ٿيو، چو تہ الله سڀ گناهہ بخشيندو آهي. بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهرباني آهي." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٥٥٩)

سمندبن ۽ دريائن مان پار پوڻ لاءِ بہ شاهه لطيفؒ تڪل جي تُرهي ٻڌڻ سان گڏ سبحان جي سيوا ۽ توجهه جي تسبيح پڙهڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو تہ:

سيوئو جن سبحان، وير نہ وڙهي تن سين،
ٻڌي تڪل ترهو، آر لنگهئا آسان،
توبھ جي تسبيح سين، تري وئا تار،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو.

(سُر سريراڳ، د ١، ب ١٢)

شاهہ لطيفؒ اڳتي هلي سُر ڏهر ۾ هن طرح چوي ٿو:

الله جئن نالو، تئن مون وڏو آسرو،
خالق تنهنجي ڪانڌ جو پرو پاند نہ ڪو،
نالو رب سندو، رهيو آهي روح ۾.

(سُر ڏهر، د ١، ب ١)

ڀٽائيؒ الله تعاليٰ جي آسري رکڻ جي باري ۾ وڌيڪ تاڪيد ڪندي چوي ٿو تہ:

مٺو جئن نالو، تئن مون وڏو آسرو،
صاحب تُنهنجيءَ سگهہ جو، پرو پاند نہ ڪو،
ڪو در ناهہ جهو، مون ٻئا در گهٽو نهارئا.

(سُر ڏهر، د ٢، ب ٢)

يا وري:

لڳھ پس لطيف چئي آگمئو آهي،
وُنوپ مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي،
چن چڏي پٽ پئو، ثمر سنباهي،
وهوم لاهي، آسرو الله مان.

(سُر سارنگ، د ١، ب ١)

شاهہ لطيفؒ الله تعاليٰ جي نالي جي وڏائي، عظمت ۽ ميناج جي حوالي

سان جنهن ٻاجهہ، سگهہ، اميد ۽ توڪل جا حوالا ڏنا آهن، اهي اسان کي قرآن مجيد مان پڻ ملن ٿا:

"وَمَا لَنَآ اَلَّا نَتَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنَا سُبُلَنَا ۭ وَلَنَصْبِرَنَّ عَلٰي مَآ اٰذَيْتُمُوْنَا ۭ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ۝۱۲" (الابراهيم، ١٢)

ترجمو: "۽ اسان کي ڇا ٿيو تہ الله تي توڪل نہ ڪريون ۽ بيشڪ اسان کي اسان جي سڌن رستن جي هدايت ڪيائين ۽ جيڪي اسان کي ڏکوئيندا آهيو، تنهن تي ضرور صبر ڪنداسون ۽ توڪل ڪندڙن کي الله تي توڪل ڪرڻ گهرجي." (امروٽي، 1999ع: 310) ڀٽائي، درياءَ مان پار پوڻ لاءِ ساهڙ سان صلاح ڪري توڪل جي ترهي سان الله جي آڌار اختيار ڪرڻ لاءِ هن طرح چيو آهي تہ:

پريون پر درياہ، پس جي پار پون ٿيون،
ٻڌ توڪل ترهو، آهر ساڻ الله،
جن ساهڙ ساڻ صلاح، سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهين.

(سُر سهڻي، د ٩، ب ٧)

### ٢,٣,١١ همدردي

سماجي زندگيءَ ۾ همدرديءَ واري قدر يا گڻ کي تمام وڏي اهميت حاصل آهي، ڇو تہ انسان هن معاشري ۾ هڪ ٻئي جي همدردي، مدد، تعاون جو محتاج آهي، ڇو تہ هيءَ دنيا مسبب الاسباب طرز تي قائم آهي، ڇو تہ اڪيلي طور انسان لاءِ زندگي گذارڻ تمام اوکو آهي، انڪري هڪ ٻئي سان همدردي ۽ تعاون کي فروغ ڏيئي معاشري ۾ اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار کي عام ڪرڻ گهرجي.

شاهہ لطيفؒ ماڻهن مان همدردي، مدد، تعاون ۽ اخلاقي قدرن جي گهٽجڻ سبب فڪر مند آهي ۽ انسان کي خبردار ڪري ٿو تہ هن دنيا ۾ رڳو خوشبوءِ (واس) وڃي باقي رهندو. انڪري انسان کي گهرجي تہ لوڪ لباس يعني رياڪاري ۽ ڏيکاءَ

ڪي ڇڏي انسانيت لاءِ اخلاص ۽ همدرديءَ جا سچا جذبا پيدا ڪري:

آدمين اخلاص، مِٺائي مانُو ڪيو،
ڪونہ ڪائي ڪڌهين سَندو ماڻهوءَ ماس،
دلبر هن دنيا ۾، وجي رهندو واس،
ٻِئو سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪ دل هوندو هيڪڙو.

(سُر بروو سنڌي، د ٢، ب ٢)

دين اسلام ۾ بہ همدرديءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. قرآن مجيد ۾ ايمان وارن جي اها نشاني بيان فرمائي ويئي آهي تہ اهي خود ضرورتمند هجڻ جي باوجود ٻين سان همدردي ڪندا آهن. يعني ٻين کي پاڻ تي ترجيح ڏيندا آهن.

"...وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۗ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝ۚ" (الحشر، ٩)

ترجمو: "۽ ٻين کي پاڻ کان پسند ڪندا آهن، جيتوڻيڪ کين اهو احتياج هوندو آهي ۽ جن کي پنهنجي نفس (جيءَ) کي حرص کان بچايو ويو، سي ئي ڇُٽڻ وارا آهن." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٦٥٨)

مٿين آيت سڳوريءَ مان اها وضاحت ملي ٿي تہ جيڪي اخلاق ۽ همدرديءَ جي جذبي وارا هوندا، اهي ئي قيامت واري ڏينهن، الله تعاليٰ جي عذاب کان ڇُٽي سگهندا. پوءِ جيڪو چاهي تہ ڪيس ندس جي حرص کان بچايو وڃي ۽ آخرت ۾ بہ بخشش ۽ مغفرت جو طلبگار هجي تہ پوءِ ان کي همدردي، مدد ۽ تعاون کي فروغ ڏيڻ گهرجي.

انساني معاشري ۾ همدرديءَ سان گڏ صلہ رحمي يعني رشتي ۽ ناتي وارن سان سهڻو سلوڪ روا رکڻ بہ هڪ وڏي اخلاقي صفت آهي. همدردي ۽ صلہ رحمي ۾ فرق رڳو اهو آهي تہ همدردي معاشري جي هر فرد سان ڪري سگهجي ٿي ۽ صلہ رحمي رڳو مٿن مائٽن لاءِ مخصوص آهي. شاهہ لطيفؒ بہ هن معاشري جي

اهڙين خوبين ۽ خامين مان چڱيءَ طرح واقف هو، سو انڪري ٽوڙيندڙن سان ٻه ڳنڍڻ جي صلاح ٿو ڏئي ۽ اوڳڻ ڪندڙن سان ڳڻ ڪري ڪين پنهنجي محبت ۽ اخلاق سان خريد ڪرڻ جي هدايت يا تلقين ڪري ٿو ته:

چنن توءِ مَ ڇن، پاءِ اميري اُن سين،
جي اُوءِ اوڳڻ ڪن ئي اَسئي ته تون ڳڻائي ڳن،
پُني لڳي پنُ، هِن سونهاري سنگ ۾.

(سُر ڪوهياري، د ٦، ب ١٢)

هن بيت ۾ شاهه لطيفؒ رشتي ناتي ۽ تعلق کي ڇنندڙن سان ڳنڍڻ جو جيڪو حڪم ڏنو آهي، اهو رب ڪريم جي اُن حڪم جي تشريح جو درجو ٿو رکي، جنهن ۾ اُن عمل کي الله تعاليٰ جو انجام قرار ڏنو ويو آهي:

"الَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَلَا يَنْقُضُوْنَ الْمِيْثَاقَ ۝٢٠ وَالَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَيَخَافُوْنَ سُوْۗءَ الْحِسَابِ ۝٢١"(الرعد، ٢٠-٢١)

ترجمو: "جيڪي الله جو انجام پاڙيندا آهن ۽ انجام نه ڇيندا آهن ۽ الله جنهن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي، تنهن کي جيڪي ماڻهو ڳنڍيندا آهن ۽ پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن ۽ حساب جي سختيءَ جو ڀؤ ڪندا آهن." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٣٠٤)

مٿين آيت مبارڪ ۾ "چنن توءِ مَ ڇن" يعني ڳنڍيندڙن جي تعريف بيان ڪيل آهي ته اُهي الله سان پنهنجو انجام پاڙيندي مٿن مائٽن سان رشتو ناتو ۽ تعلق ڳنڍيندا آهن ۽ الله تعاليٰ کان خوف رکندي قيامت جي ڏينهن جي سختيءَ جو ڊپ رکندا آهن. اهڙن ٻانهن لاءِ الله جي پار کان عاقبت جي گهر جي خوشخبريءَ جو اعلان فرمايل آهي.

شاهه لطيفؒ جي هن بيت جي ٻي سٽ ۾ "جي اُوءِ اوڳڻ ڪن ئي اسئي"

اوڳڻ ڪندڙن، رشتي ۽ ناتي کي ٽوڙيندڙن ڏانهن جيڪو اشارو ڪيو ويو آهي، ان لاءِ اسان کي قرآن مجيد ۾ الله جي لعنت ۽ آخرت ۾ بري گهر (جهنم) جي خبر پوي ٿي.

## حوالا


١. امروٽي، تاج محمود، مولانا (١٩٩٩)، قرآن عظيم، ڪراچي، تاج ڪمپني.

٢. آڏواڻي، ڀيرومل، مهر چند(؟)، قدم سنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.

٣. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، مرتب (١٩٩٩)، شاهه جو رسالو، جلد ٨، ٩، حيدرآباد، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا.

٤. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، مرتب (٢٠٠٩)، جامع ۽ مستند شاهه جو رسالو، حڪومت سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو.

٥. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر (٢٠٠٧ع)، شاهه جي ڪلام ۾ هدايتون، حيدرآباد سنڌ: سنڌي ساهت گهر.

٦. جسڪاڻي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر (٢٠١٠) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٧. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر (٢٠٠٤ع)، سنڌي ادب جي تاريخ (جلد-١) حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

٨. جويو، تاج، مرتب (٢٠٠٢ع)، شاهه لطيف هڪ تحرڪ، هڪ تحريڪ، ڀٽ شاهه: ثقافتي مرڪز.

٩. جويو، تاج، مرتب (٢٠٠٥ع)، حسيني جي هاڪ، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز.

١٠.چنه، زينت عبدالله (١٩٦٠ع)، يادگار لطيف، آغا تاج محمد نمبر، ڇاپو پهريون، لطيف يادگار ڪائونسل.

١١.سورلي، ايچ.ٽي./عطا محمد ڀنڀرو (١٩٩٢)، ڀٽ جو شاهه، نظرثاني: ڊاڪٽر فهميده حسين، ڇاپو پهريون، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي.

١٢.سولنگي، محمد عرس"اظهر" (٢٠١٢ع)، دادو ضلعو- هڪ اڀياس، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

١٣.عباسي، اسلم، مرتب (٢٠٠٦ع)، ڪلهوڙا دور- هڪ مطالعو، حيدرآباد سنڌ: عباسي ڪلهوڙا اتحاد.

١٤.ڪلهوڙو، دين محمد (٢٠١٦ع)، سنڌي نثري ادب جو فني اڀياس (١٩٣٢ع کان ١٩٨٠ع تائين)، ايم. فل ٿيسز(اڻ ڇپيل).

١٥.محي الدين، امام (؟) رياض الصالحين، جلد ١، باب الصدق، حديث ٥٤، ڪراچي، دارالاشاعت.

١٦.مولائي شيدائي، رحيمداد خان (١٩٩٣ع)، جنت السنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.

هيگ، جنرل، دي انڊس ڊيلٽا – ڪنٽري.

# باب ٽيون

## شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ تي مُلڪي حالتن جا اثر

### ٣,١ سياسي اثر

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جنهن دؤر ۾ اک کولي اهو، ڪلهوڙا دؤر هو، جنهن سنڌ ۾ مغل دور جي پڄاڻيءَ ڪانپوءِ جنم ورتو. ارغون ۽ ترخان جيڪي سنڌ ۾ مغلن جا ڪارندا هئا، انهن جي ظلم جي بيهمانہ ڪاروائين جي صدا فضا ۾ موجود هئي. ڪلهوڙا حڪمرانن انهن سان مهاڏو اٽڪائي حڪومت حاصل ڪئي. محمد حسين "ڪاشف" پنهنجي مضمون "شاهہ جي ڪلام جا فڪري ماخذ" ۾ ڪلهوڙا دور بابت لکي ٿو تہ:

"جيتوڻيڪ ڪلهوڙا خاندان شروع ۾ فقيري طور طريقي وارو هو ۽ مٿن مهدوي تحريڪ جي باني سيد محمد جونپوري جي فڪر جو اثر هو، جنهن ۾ ميان آدم شاهہ، ميان شاهل محمد پيش پيش رهيا. فقيري طريقي سان جنهن نموني ڪلهوڙن قدم وڌايا، انهيءَ هنن کي خانقاهي طريقي مان اقتدار جي ايوانن تائين پهچايو ۽ رعايت يافتہ طبقي جي حيثيت حاصل ڪري سنڌ جي حڪومتي برجن تي قدم ڄمايا." (ڪاشف: ٢٠٠٢ع: ٦٦)

١٦٥٨ع ۾ اورنگزيب ۽ دارا شڪوه جي وچ ۾ جيڪا جنگ لڳي اُن ۾ اورنگزيب جو لشڪر دارا شڪوه جي پويان لڳي، سنڌ تائين آيو. ان ۾ ڪلهوڙن مغل فوج جي سخت مزاحمت ڪئي، جنهن کي پوءِ اورنگزيب فوج ڪشيءَ ذريعي ختم ڪيو. ڪلهوڙن جي حڪومت حاصل ڪرڻ ۽ صوفي شاهہ عنايت جي واقعي بابت محمد حسين "ڪاشف" ساڳئي مضمون ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"ڪلهوڙا دور ۾ ٺٽي جي مغل صوبيدار جي سازش سان صوفي شاهہ عنايت جهوڪ واري جي شهادت جو واقعو پيش آيو. اهو واقعو ١٧١٨ع ۾ پيش آيو. سن

١٧٤٨ع تي احمد شاهہ درانيءَ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. سندس حملن ۾ عقوبتن ڪري عام انساني زندگي ۾ معاشي طور تي جيڪا ملڪي حالت هوندي، ان جو اندازو ڪرڻ تمام گهڻو مشڪل آهي.” (ڪاشف، ٢٠٠٢ع: ٦٧،٦٨)

انهن حالتن کي ڏسندي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي چوڻو پئجي ويو تہ :

اڄ گهرجين يار بداماڻي پُنرا
ٻيلي ٻئي پار ويرين آهن ويڙهيا.

-

ملاح تنهن جي مڪڙيءَ ۾ چڙهي چور پيا،

-

ڪپر ٿو ڪن ڪري جيئن ماٺي منجهہ مهي
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا.

-

چمڪيون چوڏاري، ڏڄون ڏاڙيجن جون.”

ڪلهوڙن جي تاريخ کي چڱيءَ ريت سمجهڻ لاءِ اهو واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ مغل انتظاميا سان سندن ڪهڙي نموني واسطو هو، جنهن کي اڌ صديءَ ۾ ٻاهر ڪڍي پاڻ اقتدار ۾ آيا ۽ اهڙي نموني سان هنن پاڻ ڪيئن ٽالپرن کي ساڳيو اقتدار ڏنو. ايڇ .ٽي سورلي پنهنجي تصنيف “ڀٽ جو شاهہ” ۾ ان بابت تفصيلي بحث ڪندي لکيو آهي تہ:

“مغل سلطنت جا جاگيردار آفيسر شاهيءَ جا فرد هوندا هئا، جيڪي ساري انتظاميا تي ضابطو رکندا هئا. شاهجهان جي دور کان وٺي ارڙهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي تائين، سنڌ ۾ مغل طاقت جا نگهبان سلطنت جي ٻين حصن مان مقرر ٿي ايندا هئا، ڪنهن مقامي سنڌيءَجو تقرر ڪڏهن ڪو اتفاقي ٿيندو هو.”(سورلي، ١٩٩٢ع: ٤١)

ڪلهوڙا خاندان جي اهميت انڪري بہ آهي، تہ جڏهن ڪان وٺي هو سنڌ اندر هڪ مستحڪم سياسي قوت بنيا، تہ اهو سلسلو هيئن شروع ٿيو تہ پهرئين ڪلهوڙا ننڍا جاگيردار ۽ پنهنجي قبيلي جا سردار هئا ۽ بعد ۾ ايڏا طاقتور بڻجي ويا جو ٻنهي سرڪارين جي نوابي بہ ڪين ملي ۽ آخر ۾ اتر ۽ ڏکڻ سنڌ کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ ۾ ڪامياب ويا، جن جا صدر مقام بکر ۽ ٺٽو هئا.

## ٣,٢ سماجي ۽ ثقافتي اثر

دنيا ۾ اميري ۽ غريبي شروعات ڪان هلندي اچي، جتي شاهوڪار هوندا آهن، اتي نادار بہ هوندا آهن. شاهہ لطيفؒ جي دؤر ۾ سنڌ ۾ اهي ٻئي طبقا موجود هئا. ليڪن هن ڪامل وليءَ جو گهڻو تعلق سنڌ جي ٻهراڙيءَ واري سماج سان هو، انڪري هن پنهنجي ڪلام ۾ اميرن جي ڪوٺن ۽ محلاتن سان گڏ، پنهوارن جي پکن ۽ مسڪين ماروئڙن جي چؤنرن جو ذکر ڪيو آهي. سندس ڪلام ۾ سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي معاشري جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي، انڪري شاهہ لطيفؒ نہ رڳو هڪ شاعر آهي، بلڪ هڪ مصور، مفڪر ۽ مؤرخ پڻ آهي. ڀٽائيؒ سنڌ جو اهڙو چمڪندڙ سج آهي، جنهن جي نوراني روشنيءَ سان سنڌ ۽ سنڌي سماج ۽ ثقافت روشن ٿيا آهن.

شاهہ لطيفؒ سنڌي سماج ۽ ان جي ثقافتي معاشري جي عڪاسي ڪندي سنڌي عورت جي زيورن جو ذڪر "سونا ڪُر ڪنن ۾ ڳچيءَ ڳاڙها هار" جي صورت ۾ سنڌ واسين جي لباس کي "پٽولا پٽ چير، ڪتيون جهڙيون ڪير" جي انداز ۾ تہ سنڌين جي خوراڪ جو ذڪر "آٽين ۽ چاڙهين ڏٿ ڏهاڙي سومرا" تہ سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي ريتن رسمن ۽ رواج کي "سون برابر سڳڙا مون کي ٻانهن ٻڌائون" تہ ڪتيندڙ محنت ڪش کي "اٽي اور ارٽ سين ويهہ مَ ويڳاٽي" جي صلاح ڏيندي نظر اچي ٿو. ان ڪان علاوه، شاهہ لطيفؒ سنڌي سماج ۽ سنڌي ثقافت جي هر پهلوءَ تي روشني وڌي آهي. ساڳئي وقت سنڌي سماج ۾ جيڪي مسئلا ۽ مونجهارا هئا، انهن جي حل لاءِ شاهہؒ پنهنجي ڪلام ذريعي امن، ڀائيچاري ۽ محبت جو پيغام

ڏيڻ سان گڏ، اخلاقيات ۽ روحانيت کي بہ عروج تي پهچايو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي سماج جا سيئي پهلو شاعراڻي صورت ۾ تمام سهڻي ۽ بيباڪانہ انداز ۾ پيش ڪيا آهن، نہ فقط ايترو پر هر انسان جي سماجي زندگيءَ جا نج نبار مسئلا، انهن جي زندگيءَ جا لاها چاڙها، سرديون گرميون پيش ڪري ٿو ۽ انهن جا اصل حل بہ ٻڌائي ٿو. ڊاڪٽر بشير احمد ’شاد‘ پنهنجي هڪ مضمون “شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جي آدرشي قدرن جي عڪاسي” ۾ انهن سماجي قدرن جي اپٽار ڪئي آهي، جن تي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام ملي ٿو، هن لکيو آهي تہ:

“سون ورني سنڌ ڌرتيءَ تي وسندڙ قومن جا بہ روشن آدرشي (سماجي) قدر آهن، جن ۾ حب الوطني ۽ بهادري! سخاوت ۽ مهمان نوازي، حلم ۽ هيناهين، عزت ۽ غيرت سميت مذهب ۽ محبت وغيره اچي وڃن ٿا. سنڌي قوم جي انهن آدرشي قدرن جو عڪاس حضرت شاهہ عبداللطيف آهي، جنهن پنهنجي لاثاني ۽ لافاني ڪلام ۾ انهن قدرن جي ڀرپور نموني عڪاسيءَ جو حق ادا ڪيو آهي.” (شاد، ٢٠١١ع، ٢٤٧)

ڀٽ ڌڻي، سنڌي سماج مان مارئيءَ جي روپ ۾ حب الوطني جو اهڙو لازوال ڪردار ڳولي ڪڍيو، جنهن جو مثال دنيا ۾ نٿو ملي. مارئيءَ کي پنهنجي ور ۽ گهر، ڇن ۽ ڇپر، سانگين ۽ ساٿيهہ سان بيپناهہ محبت هئي. هوءَ جيئري تہ ڇا پر مُئي ڪان پوءِ بہ پنهنجو مڙهہ ملير ۾ پورائڻ پسند ڪري ٿي ۽ عمر سومري سان مخاطب ٿي چوي ٿي تہ جيڪڏهن آءٌ ساٽيهہ جي سڪ سيني اندر سانڍي هن دنيا مان ڪوچ ڪري وڃان، تہ منهنجو مڙهہ مارن جي حوالي ڪجانءِ، جيئن منهنجي تُربت تر جي ٿڌڙي مٽيءَ ۾ جڙي ۽ پنهنجي اباڻي ڏيهہ جي خوشبودار ولين جو واس اچي ۽ اهڙي طرح آءٌ مري امر ٿي وڃان.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي مارئيءَ جي اهڙي جذبي جو اظهار پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح ڪيو آهي تہ:

واجهائي وطن کي، آئون جي هِت مُياس،
گور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙين واس،
مُيا ئي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

(سُر مارئي)

ساڳين جذبن جي عڪاسي شاهه جو ٻيو بيت هن طرح ڪري ٿو:

سنهي سُئيءَسبيو، مون مارنِ سين ساهه،
وينـي ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاهه،
هِنيون منهنجو هُت ٿيو، هِت مٽي ۽ ماهه،
پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

(سُر مارئي)

زندگيءَ جي سفر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ننڍي شيءِ ڪان وڏي ڳالهه تائين سماج جي اندر ماڻهوءَ جي رهڻي ڪهڻي، ثقافت، ذنڌي ڌاڙي ان جي ڪلچر روين ۽ سماج ۾ هلندڙ لوڪ داستانن ۽ انهن جي الميہ انجام ٻيڙياتن، وڻجارن مطلب تہ انساني حيات جي هر رخ ۽ پاسي جي پيڙا، امنگ، پاونائن ۽ آشائن کي چڱيءَ طرح بيان ڪيو آهي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڏات ۽ ڏاهپ، انهيءَ قسم جي ڪلام ۾ سِرجي نِکري ۽ اُجري، قلب ۾ جيڪو اتساهه پيدا ڪري ٿي، تصور ۽ خيال جو جيڪو تاجي پيٽو اکين آڏو اٽي ٿي، اهو سندس شاعريءَ کي سگهارو ۽ منفرد ڪري ٿو، جنهن ۾ احساس ۽ جذبو ايترو تہ اوتيل آهي جو ان کي حقيقتن جو نشان چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

“تهذيب، انسانن جي پاڻ ۾ باهمي تعلق ۽ گڏيل تعاون کي چئجي ٿو. سنڌي ۾ ثقافت جي معنىٰ آهي“پوکڻ” سينگار ڪرڻ ۽ عربيءَ ۾ تهذيب لفظ جي معنىٰ آهي، “ڇانگ ڪرڻ” ڇانگڻ، يعني ڪنهن وڻ کي ڇانگي غير ضروري ڏار ڪپي، ان

وڻ کي سنو ۽ سهڻو بڻائڻ.” (مرزا، نصير (٢٠١٠ع: ٢٦٤)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي شاهڪار تهذيب ۽ ثقافت واري سنڌ ۾ اکيون کوليون. سندس ڪلام ۾ جيئن اندر گهڙبو تيئن ئي نت نيون چيزون ۽ وٿون ملن ٿيون، جنهن سان سنڌ جي ثقافتي اهڃاڻن کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو اهو ئي ڪلام سنڌي زبان، ثقافت، علم، قومي ڪردار ۽ روايتن کي بچائيندو اچي ٿو. ثقافت ۽ تاريخي ڪردارن لاءِ فرمائي ٿو:

جکرو جس کرو، ٻيا مڙئي مل،
سمي جي سهاڳ جي، ڪنهين نه پيئي ڪل،
مٿي ان مُرسل، اصل هئي ايتري.

ٻيو بيت ملاحظ ڪريو:

نانگا نانيءَ هليا، هنگلاچان هلي،
ويکي جن دوارڪا، مهيسين ملهي،
آڳهه جن علي، آءٌ نه جيئندي ان ري.

ساڻيهه جي سڪ ۾،شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ فرمايو:

سڄڻ ۽ ساڻيهه ڪنهن اٽاسيءَ وسري،
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.

مارن جي اڪنڊ بابت، مارئيءَ جي روپ ۾ فرمائي ٿو:

آءٌ ڪيئن چڏيان سومرا، تن پنهوارن پچار،
ميخون محبت سندين، هينئڙي منجهه هزار،
پکا ۽ پنهوار، ڏني مون ڏينهن ٿيا.

(سُر مارئي)

شڪاري ماڻهن لاءِ چيائين:

بغل منجهه بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيون لڪ چڙهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعري ۾ فڪر جي وسيلي جيڪي ڪردار تخليق ڪيا آهن، انهن جي پويان ڪو نه ڪو سماجي ۽ اخلاقي پسمنظر آهي، جنهن ڪان انهن ڪردارن کي الڳ ڪري انهن بابت ڪا راءِ قائم ڪري نه ٿي سگهجي، پوءِ اهو ڪردار سسئيءَ جو هجي يا سورٺ جو، سهڻيءَ جو هجي يا مومل جو، ليلا جو هجي يا نوريءَ جو، مطلب ته هر ڪردار پنهنجو پنهنجو سماجي پسمنظر ۾ ان جي عمل جو اخلاقي ميدان آهي، جنهن ۾ اهو ڪردار جنم وٺي ٿو، سرجي سنورجي ٿو ۽ پنهنجي عمل جي مختلف لوازمات سان نتيجا پيدا ڪري پنهنجي تشخص جو اثر ڇڏي ٿو. محمد حسين ”ڪاشف“ پنهنجي ڪتاب ”ڪنڌيءَ ڪونئرنڙن“ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي تخليق ڪيل سماجي ڪردارن بابت لکي ٿو ته :

”شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا ڪردار پنهنجي حسن، هٻڪاءُ، سچائي، سرويچي، ڪميا ڪانڌ، نياز ۽ نئڙت، بهادري، بيباڪي سر ۽ سورهيائيءَ جي لحاظ کان ادب توڙي ثقافت جي تاريخ ۾ لافاني حيثيت رکن ٿا، جنهن ۾ هر ڪردار پنهنجي جاءِ تي اٽل، اڏول ۽ امر نظر اچي ٿو.“(ڪاشف، ١٩٨٩ع): ١٩١)

جهلي جهبرين وچ ۾ مرڪيو مهاڻي،
هٿين پيرين آر ڪٽي، منهن نه مهاڻي،
جيئن سڳو وچ سرنڌ ٿي، تيئن راتين ۾ راڻي،
ڏيءَ جسودن راءِ جي، ماءُ مروبت راڻي،
سمي سجاڻي، ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾.

## ٣,٣ اقتصادي اثر

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ سنڌ جي صنعت مضبوط هئي. سنڌ اقتصادي طرح خوشحال هئي، سوٽي ڪپڙي جي صنعت ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندڙ هئي. سنڌ جي ان اقتصادي ترقيءَ ۾ ٺٽي لڳ لاهري بندر جو وڏو عمل دخل هو. هي سنڌ جو اهم بندر هو، جتي ڀنٽن سؤن ڪان وڌيڪ ٽن وزني جهاز بيهندا هئا، جيڪي ان دور ۾ وڏي ۾ وڏا جهاز هوندا هئا. ان ڪان علاوه هتان جا تجارتي انتظام نهايت اعليٰ قسم جا هوندا هئا. ان ڪان علاوه شاهه بندر به مشهور بندرن ۾ هو، جتان ايراني طرف تجارت وڏي ترقي ڪئي، سنڌ جا تجارتي لاڳاپا هڪ طرف بصري بندر عباس مسقط بحرين سان هئا ته ٻئي طرف گجرات بمبئي سورت ۾ ان ڪان اڳتي ڏورانهن علائقن سان هئا. رحيمداد خان مولائي شيدائي "جنت السنڌ" ۾ ڪلهوڙن جي واپار بابت لکي ٿو ته:

"ميان غلام شاهه، شاهه بندر تعمير ڪرايو، جنهن جي وسيلي سنڌ جو واپار بمبئي، سورت ۽ بندر عباس تائين هلڻ لڳو، سنڌ جي واپار کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ميان غلام شاهه ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي ٺٽي ۾ واپار جي ڪوٺي وجهڻ جي اجازت ڏني". (مولائي شيدائي، ٢٠٠٨ع: ٤٦١)

سنڌ جي بندرن تائين دنيا جي هر علائقي ڏانهن جهاز پرجي نڪرندا هئا، عرب ملڪن جا ساحلي بندرن تي خاص طور تي سنڌي ٻيڙن ۽ واپارين جا مرڪز هوندا هئا. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي مضمون "شاهه جي رسالي ۾ سنڌ جون سياسي ۽ اقتصادي حالتون" ۾ لکي ٿو ته:

"ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ سنڌ، صنعت ۽ حرفت جون تمام وڏو مرڪز هو. هتي جو ڪپڙو تمام مشهور هو ۽ سڄيءَ دنيا ۾ ويندو هو. ان ڪان سواءِ هتان نير ۽ قلمي شورو به ٻاهر ويندو هو. ٺٽو به واپار جو وڏو مرڪز هو. ميان غلام شاهه سنڌ جي هنر ۽ واپار جي ترقيءَ ۾ دلچسپي ورتي. سنڌ جي واپار کي وڌائڻ ۽ سنڌ جي صنعت کي ترقي ڏيارڻ جي خيال ڪان انگريزن کي ٺٽي ۽ شاهبندر ۾ واپار لاءِ ڪوٺيون وجهڻ جي

اجازت ڏني.” (سنڌي ٢٠١٠ع: ٤١)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي واپارين ۽ سندن سامونڊي سفر لاءِ ٻاهرين ملڪن ڏانهن اسهڻ جي منظر کي پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت بيان ڪيو ته:

اهريا جنائين، ڏکڻ تن تڙائين!
سامونڊين، سائين! واءُ سڙائو وارئين!

جن تڙن تان اسهيا، تنتڙن تي شال وري سلامتيءَ سان اچي رسن، اي سائين! شل سامونڊين لاءِ ڪو سڙائو واءُ گهُلائين.

سنڌ مان جيڪو تجارتي سامان پرڏيهه ويندو هو، ان ۾ چانور، ڪپهه، سوٽتي ڪپڙو، لونگ، ڦوٽا، ڪارڪون، پنيرءِ موتي وغيره شامل هوندا هئا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي ان تجارت کان ٻه چڱي طرح واقف هو، جيڪا سامونڊي رستي ٿيندي هئي. ان جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت ڪيو اٿس:

قر ڦل ڦوٽا پارچا پاٽيٽ پاتائون،
ڪونيون قيمت سنديون تر ۾ طاقيائون،
بيرقون بحرن ۾ چوڙي چڏيائون،
لاجن منجهه لطيف چئي ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبيءَ جام جو چڙهندي چَيائون،
جي چو هي چوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين.

(سر سريراڳ)

ٻيڙين ۾ لؤنگ، ڦوٽا، قيمتي ڪپڙا ۽ موتي وڌائون، ان جي تري ۾ ملهائتيون شيون ڪونين ۾ قابو ڪيائون، رسن ۾ گل ڦل ٻڌائون ۽ ٻيڙيءَ ۾ چڙهندي نبي سردار جو نذرانو باسيائون. جي ٻيڙيون تکي وهه ۾ چوڙي چڏيائون. تن کي شل پنهنجي مِهرَ سان منزل تائين پهچائين.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سر سامونڊي سچو سنڌ جي اقتصادي صورتحال کي واضح ڪري ٿو.

## ٣,٤ مذهبي اثر

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾، سنڌ ملڪ مذهبي طور تي دين اسلام جي اثر هيٺ هو. انڪري هتي مذهب سان لاڳاپيل عالمن، پيرن، فقيرن ۽ بزرگن جو تمام گهڻو احترام ڪيو ويندو هو. ماڻهو پيرن فقيرن کي نذراني طور روڪ رقم ۽ ٻيو سامان سڙو بہ ڏيندا هئا، جنهن سان سنڌ واسين جي مذهبي عقيدت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهو سلسلو مغلن کان اڳ بہ هلندڙ هو، پر ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيو. هڪ نئين ماڻهو جو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ وقت هڪ خاص ڳالهہ ڌانهن ڌيان ڇڪجي وجي ٿو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جون انهن بزرگن ۽ عالمن سان رهاڻيون رهيون، جن مان ڪي باتقويٰ ڪي صوفي يا صفاڪي سيهوڳي تہ ڪي قادري ڪي نقشبندي هئا.

شاهہ جو ڪلام سچو قرآني آيتن جي حوالن سان ڀريو پيو آهي، جن کي شاهہ اهڙي انداز فڪر ۽ شاعرانہ تخليق ۾ پيش ڪيو آهي، جڻ تہ قرآن، حديث جو متن بڻجي ويو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ پنهنجي تصنيف، "شاهہ جي ڪلام ۾ هدايتون" ۾ شاهہ جي ڪلام تي مذهبي اثر بابت هن طرح لکيو آهي تہ:

"سندس ڪلام، الله تعاليٰ جو پيغام ۽ احڪامِ نبوي جي تشريح ۽ فرمان الاهي هڪ طرف معلوم ٿئي ٿو تہ مولانا روميءَ جي مثنوي جي فڪر جي ترجماني ٻئي طرف ٿو ڪري. شاهہ جي شاعريءَ جو مرڪزي خيال، عشقِ حقيقي جي تلاش ۽ جستجو آهي." (پناڻ ٢٠٠٦ع: ٣٠)

ان چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ لطيفي فڪر جي ماخذات جي سلسلي سان مٿي بيان ڪيل عنصرن کان سواءِ قرآن پاڪ سندن فڪر جا سڀ کان وڏا ماخذ آهن، جن جو رنگ سڀني عنصرن تي غالب آهي، پنهنجي انهيءَ فڪر جي تعليم لاءِ

نهايت چٽائيءَ سان فرمائي ٿو ته:

ساري سڪ سبق شريعت سندو سهڻي،
طريقت تکو وهي حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن جو.

-

اول الله عليم اعلىٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم،
والي واحد وحدهُ رازق رب رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

-

بيت نه ڀانئيو ماڻهئا آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

-

وفي انفسڪم افلا تبصرون، سوجهي ڪري صحيح،
ڪڏهن ڪا نه ويئي، هوت ڳولڻ هٿ تي.

مذهبي اثر هيٺ ٻين اثرن تي مشتمل ٿين ٿا، جن جو ترتيبوار بيان،شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ ڏجي ٿو.

## ٣,٥ اسلامي تعليم جو اثر

سنڌ ۾ مذهبي تعليم جو طريقو عام اسلامي روايتن مطابق هو. ابتدائي تعليم ڄڻ ته زبان سان ٻڌل هئي. جڏهن ٻار ڳالهائڻ جهڙو ٿيندو هو ته کيس اسلامي عقيدي جا ارڪان سيکاريا ويندا هئا ۽ قرآن ڪريم جا اهي لفظ ته الله عظيم آهي،

اهو ئي حقيقي بادشاهه آهي، هن ڪان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ڪونهي، جيڪو وڏي شان واري آسماني تخت جو مالڪ آهي. آيت الڪرسي ۽ والعصر صورت جون آيتون ياد ڪرايون وينديون هيون. ستن ورهين جي ڄمار ۾ باقاعدگيءَ سان قرآن پڙهائڻ سان گڏ مذهب جي ضروري ڄاڻ به ڏني ويندي هئي. اذان جي موٽ ۾ صحيح عمل ڪرڻ، وضو ڪرڻ جا طريقا ۽ مسجد ۾ جماعت سان نماز پرهڻ پڻ سيڪاريو ويندو هو. ان سان گڏ پٽين ۽ ڦرهين تي عربي اکرن لکڻ ۽ پڙهڻ جي مشق ڪرائي ويندي هئي، نبين جا قصا ۽ بزرگن جون ڪهاڻيون به نصاب ۾ شامل هيون. شعر ۽ شاعريءَ جو مطالعو به ڪيو ويندو هو. ثاني يا اعليٰ ثانوي تعليم مدرسن ۾ پڻ سني درسي نصاب تي مشتمل هوندي هئي. ابتدائي تعليم جي نصاب ۾ شاگردن کي حضرت لعل شهباز قلندر جو تيار ڪتال "ميزان الصرف"، "قسم الدوئم" ۽ "عقد" پڙهايا ويندا هئا. ان بعد "زبدته" پڙهايو ويندو هو. زبدته کان پوءِ "نحو" ۽ "صرف" جو مطالعو ڪرايو ويندو هو. صَرف لاءِ شاعر مولانا جامي (عبدالرحمان) جو ڪتاب "صرف ضرار" ۽ نحوَ لاءِ مولانا ابوالحسن ٺٽويءَ جو "نحوَ ضراري" پڙهبو هو. ان بعد منطق ۽ فقهه حنفي جي مستند ڪتابن "هدايته" ۽ "ولايته" جو نصاب قرآن ڪريم جي تفسير ۽ حديث جو مطالعو به ڪرايو ويندو هو. ان کان سواءِ مخرج، قرائت، علم جدل، علم عروض، علم رمل، علم نجوم، علم طب، علم ابجد ۽ فلسفي جون وڏيون شاخون به موجود هيون.

"مذهبي تعليم جي سلسلي ۾ ٺٽي کي تاريخي حيثيت حاصل رهي آهي. هتي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي، شاهه عنايت رضوي، خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جهڙا ڪيترائي عالم، بزرگ ۽ درويش ٿي گذريا آهن. ان کان سواءِ روهڙي ۽ مٽياريءَ ۾ به به وڏا تعليمي مدرسا ۽ مڪتب موجود هئا، جتان علم ۽ فيض جو سلسلو جاري رهندو هو. انهن روايتن مان پتو پوي ٿو ته سنڌ ۾ مذهبي تعليم ۽ اسلامي اقدار کي فروغ ڏيڻ جو اعليٰ انتظام موجود هو." (جسڪاڻي، 2010ع: 124)

تون چئہ اللہ هيڪڙو وائي ٻي وسار،
تن ۾ تند تنوار، سدا سپرين جي.

(سر ڪلياڻ)

تون چئہ اللہ هيڪڙو، ٻي وارج م وائي،
جيڪا مُڪي سڄڻين سلج تو سا ئي،
اوڪ اهائي، ڳولي لهج ڳالهڙي.

(سر ڪلياڻ)

تون چئہ اللہ هيڪڙو ٻي وائي وساري ڇڏ،
تن هينئين سين گڏ، سڄڻ ساهہ پساهہ ۾ .

(سر ڪلياڻ)

اهڙي ريت سر آسا جي هينين بيت ۾ خدا جي وحدت ڏانهن اشارو ڪيل آهي، سموري تجربي جي هيڪڙائي انفراديت يعني قطري جي الاهي وحدانيت جي سمنڊ ۾ گم ڪري پاڻ سمنڊ بڻجي وڃڻ، انهن سٽن جو موضوع آهي.

آءٌ سين ان پار ڪڏهن، تان ڪو نہ پيو،
ان اللہ و ترحب الوتر، نيئي بيائي ٻار،
هيڪڙائي وٺ هار، هنجون جي هئڻ جون.

(سر آسا)

عام طور تي بيتن جو موضوع رب پاڪ سان ميلاپ آهي، جيڪي انسان دنيا جي نڱين ۽ دولابن سان حق کان وڇڙي ويا، سي ان ذات سان لاڳاپيل سچ ۽ سونهن سان ملي ابدي خوشي ماڻڻ لاءِ بيتاب آهن. سر معذوري جي هينين سٽن جو اهو ئي موضوع آهي.

جهلي تان نہ رهان، ڏاران پسڻ پرين جي،
اپر عاجز آهيان لالن جان نہ لهان،
صباح سين نہ سهان، خواهہ ميڙئين خواهہ مارئين.
(سُر معذوري)

قرآن ڪريم کي الهامي ۽ آفاقي پيغام هئڻ سان گڏ دين اسلام جي بنيادي ماخذ جي حيثيت پڻ حاصل آهي. اهوئي سبب هو جو حضرت شاهہ لطيفؒ هر وقت پاڻ سان قرآن ڪريم رکندو هو، جنهن جو اثر سندس ڪلام تي بہ نمايان طور تي نظر اچي ٿو. ڪلهوڙن جي دؤرن ۾ آخوند عزيزالله بہ قرآن ڪريم جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيو هو. ان کان سواءِ مٽيارين جي هڪ بزرگ مخدوم ضياءُ الله بہ قرآن ڪريم جو سنڌي ترجمو ڪيو هو، جيڪو ڪيترائي ڀيرا بمبئي مان شايع ٿيو. انهن ترجمن مان سنڌ واسي فيض ۽ برڪتون حاصل ڪندا رهندا.

## ٣,٦ تصوف جو اثر

اڪثر محقق ۽ ماهر ان خيال جا حامي آهن تہ صوفي لفظ "صوف" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ اُنَ يا پشم آهي. فارسي زبان ۾ صوفي کي "پشمينہ پوش" يعني اوني لباس پهريندڙ ۽ ان دؤر ۾ اوني لباس پهرڻ کي سادگي، عاجزي ۽ انڪساريءَ جي علامت سمجهيو ويندو هو. صوفي لفظ جي اشتقاق جون ڪيتريون ئي سمجهاڻيون ڏنل آهن. ڪن جو رايو آهي تہ اهو يوناني زبان جي لفظ "سوفاس" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سڃاڻپ ۽ صوفي پنهنجو "پاڻ سڃاڻڻ" جي ڪوشش پڻ ڪندو آهي. ڪن جو خيال آهي تہ صفا صفائيءَ مان ورتل آهي.

"لفظ 'صفہ' صوفيءَ جي مبدا اشتقاق پڻ آهي. ان نسبت سان اصحاب صُفہ صحابہ ڪرام جي ان جماعت کي چيو ويندو آهي، جيڪي دنيا کي ترڪ ڪري مسجد نبويءَ ۾ هڪ چبوتري "صفہ" تي اچي ويهي رهيا هئا. اهي صحابي سڀ‎ڳورا عاجزي، انڪساري ۽ پاڪيزگيءَ ۾ مٿاهين درجي تي فائز هئا، جيڪي نہ رڳو هر وقت الله

تعاليٰ جي در تي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهندا هئا، بلڪ نبي ڪريم ﷺ جن جي صحبت مان پنهنجو ظاهر ۽ باطن بہ اجاريندا رهندا هئا.” (جسڪاڻي، ٢٠١٠ع: ٣٣)

بهرحال “تصوف” جو لفظ عربي زبان جي لفظ “صوف” مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ اُنَ آهي. انهيءَ نسبت سان جيڪو پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري، جنهن جي ذات، اخلاق، ڪردار ۽ اعمال ۾ اُنَ وانگر نرمي، عاجزي، انڪساري ۽ پاڪيزگي هجي، اهو صوفي ٿي سگهي ٿو.

صوفي شاعرن جو اهو دستور رهيو آهي تہ اهي شعر جي ظاهري پهلو سان گڏ باطني پهلوءَ ڏانهن بہ تمام گهڻو ڌيان ڏيندا آهن. سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ ان اصول جو پابند هو، جنهن شعر کي پنهنجي خيالن جي تبليغ جو مرغوب ذريعو سمجهي، ان وسيلي عوام تائين پنهنجا خيال پهچايا.

سنڌ جا سڀئي صوفي شاعر، جن جي متعلق هاڻي گهڻو احوال اچي چڪو آهي، انهن مان ڪو بہ شاهہ جي درجي کي پهچي نہ سگهيو آهي. سندس رسالي جي مختلف سرن ۾ شاهہ سائين پتنگ ۽ مچ، عاشق ۽ اڏي، بيمار ۽ طبيب، لوهار ۽ سنداڻ، وينجهار ۽ نانار، منڊ ۽ ميڪش، ڪرهي جي ڪردار، سمنڊ جي سفر، ٻگهہ پکي، ائٽ ۽ منڊ، جوڳين، ڪاهوڙين، لاهوتين جهڙا بيشمار اشارا ڏيئي صوفياڻي فڪر کي اهڙي تہ سادي ۽ سولي انداز سان پيش ڪيو آهي جو عام فهم انسان بہ ان مان لاڀ حاصل ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. “ڀٽ جو شاهہ” ۾ ايچ. ٽي سورلي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي تصوف بابت لکي ٿو تہ:

“شاهہ جي هڪ خاص گهڻ رخي خوبي اِها آهي جو هڪ طرح سان هن گهڻن مذهبي فقيرن کي هڪ هنڌ آڻي بيهاريو آهي پر هن جو فقيراڻو مذهب ظاهر طور بيتن ۾ بہ ظاهر آهي”. (سورلي، ١٩٩٢ع، ٣٨٣)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ذاتي گرامي تصوف جي رنگ ۾ رڱيل هئي. سندس قول، فعل ۽ ڪردار مان تصوف جي جهلڪ ۽ سندس ڪلام مان من کي معطر ڪندڙ مهڪ محسوس ٿيندي آهي. شاهہ جي ذات ۽ ڪلام ۾ نظر ايندڙ

تصوف جي جهلڪ جو جيڪڏهن مختصر تعارف ڪرائجي ته ان لاءِ شيخ سعدي شيرازيؒ جي تشريح پيش ڪرڻ مناسب سمجهنديس، جنهن ۾ تصوف جي اصلي حقيقت کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي:

"سعدي حجاب نيست تو آئينہ صاف ادار،
زنگار خورده کي بنمايد جمال يار."

(امير احمد مخدوم، ١٩٥٣ع: ١٤٨)

يعني: "جيڪڏهن تون سچو عاشق آهي ۽ تو ۾ محبوب جي ديدار جي تڙپ ۽ تنما آهي ته پوءِ ٻڌ، محبوب توکان پري نه آهي، تون وڃي دل واري آئيني کي صاف ڪر، ڇاڪاڻ ته ڪَٽيل (زنگيل) آئيني ۾ محبوب جو جمال ڪيئن نظر ايندو؟"

اها ساڳي صورتحال شاهه لطيفؒ جي ڪلام ۾ هن طرح موجود آهي:

اندر آئينو ڪري، پرين سو پسيج،
انهيءَ راه رميج، ته مشاهدو ماڻين.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اهو اندر وارو آئينو، ڪيئن صاف، سترو ۽ اجرو ڪجي؟ جو اُن ۾ پرينءَ جو مشاهود ماڻي سگهجي. ان لاءِ شاهه لطيفؒ انسان کي خبردار ڪندي ٻڌائي ٿو ته: اي غافل انسان! تون اصل ۾ عالم الاهيات جو هڪ جُز آهين، تنهنجو اصلي وطن عالم ارواح آهي، جتي توکي پنهنجي سچي محبوب جو ديدار ۽ قرب هر وقت حاصل ٿي سگهي. هيءَ دنيا جنهن کي تو پنهنجو ساٿيهه سمجهيو آهي ۽ رنگينين ۽ دلچسپين ۾ محو ۽ حيران ٿي ويو آهين، اهو صرف مانجهاندي جو ماڳ آهي ۽ ساڳئي وقت امتحان گاهه پڻ آهي، جنهن ۾ توکي ڪامياب ٿي هميشہ واري، ابدي زندگيءَ جو آرام ۽ سڪون حاصل ڪرڻو آهي. تنهنجا ٻه ازلي دوست نما دشمن نفس ۽ شيطان توکي هن دنيا ۾ لوڀ ۽ لالچ جو سبق ڏيئي اصلي ماڳ ۽ مالڪ حقيقيءَ سان "الست بربڪم" جي جواب ۾ "قالو بلىٰ شهدنا" واري واعدي کي وسارڻ لاءِ وڏا جتن ڪري رهيا آهن. ليڪن توکي

دشمن جي انهن دوکن، مکر ۽ فريب کان پاڻ کي بچائڻو آهي.

شاهه لطيفؒ تصوف جي موضوع تي پنهنجي ڪلام ۾ مارئيءَ جو سڄو سُر وقف ڪري ڇڏيو آهي، ڇو ته هن سُر ۾ شاهه لطيف انساني روح کي مارئيءَ سان پيٽ ڏني آهي، جنهن اصلي وطن ملير يعني روحاني دنيا آهي، جتان هوءَ اوچتو ڪڍي آئي ۽ عمر (نفس) ۽ ڪوٽ (دنيا) ۾ قيد ٿيئي ٿي، پوءِ ڪيس عمر يعني نفس پنهنجي وس ۾ آڻڻ لاءِ وڏا وس هلائي ٿو، ليڪن مارئي اهو سچو روح آهي، جنهن کي پنهنجي مارُن سان الست وارو ازل کان ڪيل واعدو ياد آهي، انڪري مارئي، عمر (نفس) جي ڪوٽ (دنيا) ۾ قيد ٿيڻ سبب حيران ۽ پريشان آهي. سندس نظر آرام ڦٽل آهيۦ ڪيس الست وارو وچن ياد آهي:

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،
قالو بليٰ قلب ۾، تڏهن تت چيوم،
تنهن وير ڪيوم، وچن ويڙيچن سين.

(سُر مارئي، ڊاڪٽر بلوچ)

شاهه لطيف جي سورمي مارئي، عمر جي ڪوٽ ۾ مرڻ به نٿي چاهي:

الله ائين مَ هوءِ جيئن آنءُ مران بند ۾،
جيڙو جنجيرن ۾ راتيان ڏينهان روءِ،
پهرين وجان لوءِ، مر پڄنم ڏينهڙا.

(سُر مارئي، د ۵، ب ٦)

مارئي (روح) جي اصلي ماڳ سان محبت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن هوءَ عمر جي ڪوٽ مان جيئري ٻاهر نڪري آزاد ٿيڻ کان نااميد ٿئي ٿي ته عمر کي وصيت ڪندي چوي ٿي ته:

واجهائي وطن کي، آءٌ جي هِتِ مُياس،

گور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس،
ساري ڏين سرتيون، منجهان ولين واس،
مُيائي جياس، جي وجي مڙھ ملير ڏي.

(سُر مارئي، د ۵، ب ۱۴)

شاھ لطيفؒ تصوف جي ان حد کي پهتل هو، جتي واحد جي وحدت ۾ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪرڻ فرض سمجهي ٿو:

سر ڏوندييان ڌڙ نہ لهاڻ، ڌڙ ڏوندييان سِر ناھ،
هٿ ڪرايون آڱريون، ويا ڪپجي ڪانھ،
وحدت جي وهانھ، جي وٺا سي وڍئا.

(سُر ڪلياڻ، د 1، ب ۱۳)

شاھ لطيفرح انسان کي پنهنجيءَ نيت ۽ دل کي پاڪ ۽ صاف رکڻ لاءِ تاڪيد فرمائين ٿا، ڇو تہ تصوف مان مراد ئي دل ۽ من جي دنيا کي آباد ڪرڻ آهي۽ اها دنيا تڏهن آباد ٿيندي، جڏهن اها پاڪ ۽ صاف هوندي يعني اندر جي پاڪيزگي تصوف جو روح آهي. شاھؒ بہ انسان کي هدايت ڪري ٿو تہ هو پنهنجي من کي صاف رکي اُن ۾ محبت جي مچ ٻارڻ جي صلاح ڏئي ٿو، ڇو تہ محبت جو مچ پنهنجي پوري توانائيءَ سان اتي ئي ٻري سگھي ٿو، جنهن جو اندر اڇو اُجرو هجي:

اُتي اور الله سين، ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪَچُ،
ڪِي تون دغا دل مان، صاحب وٽي سَچُ،
محبت سندو من ۾، ماٽڪ ٻارج مَچُ،
انهين پر تون اَچُ، تہ سودو ٿيئي سڦرو.

(سُر سريراڳ، د ۱، ب ۲۴)

يعني دل مان دغا، دوکي، مکر ۽ فريب کي ڪڍي سچ ۽ محبت کي جاءِ ڏيڻ سان انسان جو سودو سڦرو يعني نفعي وارو ٿي سگهي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهه تڏهن ممڪن ٿيندو، جڏهن انسان شاهه جي صلاح موجب "اُٺي اور الله سين" الله جو ذڪر ۽ فڪر ڪندو ته سندس اندر (روح) واري دنيا آباد ٿيندي.

شاهه لطيف، تصوف جي سلسلي جو اهڙو ته سرواڻ هو، جو اُن جو مَٽُ يا ثاني اڄ ڏينهن تائين پيدا نه ٿي سگهيو آهي. سندس نظر دنيا ۽ ان جي اسباب تي نه بلڪ خالقِ ڪائنات تي هئي. هڪ هنڌ ڪاريءَ رات جي اونداهي ۾ ڪچي گهڙي کي امر الاهيءَ سان منسوب ڪندي چوي ٿو ته:

ڪاري رات ڪچو گهڙو، اٺيهين اونداهي،
چنبڙ نالو ناه ڪو، درياه دڙ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سهڻي، آڏيءَ تي آئي،
ايءُ امر الاهي، نه ته ڪُنن ۾ ڪير گهڙي.

(سُر سهڻي، د ٦، ب٦)

شاهه لطيف ﷺ پنهنجي ڪلام ۾ سسئيءَ پاران عيش، آرام، مٽن مائٽن ۽ وطن کي ڇڏي جهر جهنگ ۽ جبلن کي جهاڳي پنهونءَ جي ڳولا جاري رکڻ واري عمل کي هڪ سچي سالڪ ۽ طالب لاءِ هڪ مثال طور بيان فرمائي سبق ڏنو آهي ته محبوب حقيقي ماڻڻ لاءِ جڏهن ڏک، ڏاکڙا ۽ مصيبتون برداشت ڪبيون تڏهن ئي محبوب ماڻي سگهبو:

پڄي جان پنيور ڪان، ڏونگر ڏوريو مون،
ڪاهي رسيسِ ڪيچ کي، جتي پاڻ پُنهون،
سڀ آهين تون، تون قضا ڪندين ڪن سين.

(سُر سسئي آبري، د 5، ب 1)

شاھ لطيفؒ جي ھينئين بيتن ۾ تصوف جي پرچار ملي ٿي:

پنھون ٿيس پاڻھين، وئو سسئيءَ جو سينگار،
“من عرف نفسه فقد عرف ربهٗ” اھوئي آچار،
جو وندر ۾ واپار، سو سؤدو سرئس ھتھين.

(سُر ڪلياڻ، د 2، ب 1)

✷

صوفيءَ سير سين ۾، جئن رڳن ۾ ساھ،
سا نہ ڪري ڳالھڙي جا پروڙي پساھ،
آھس اي گناھ، جئن ڪا ڪري پڌري.

(سُر ڪلياڻ، د 2، ب 2)

✷

صوفي سالم سي وئا، جي اڪثر سين اڏيار،
بازي بازندن ڪي، آھي اويسار،
پريان سي پھڪار، رندي رساڻي ڪئا.

(سُر ڪلياڻ، د 2، ب 3)

✷

صوفي لاڪوفي، ڪونہ پانئين ڪير،
منجھائين منجھ وڙھي، پڌر ناھيس پير،
جني ساڻس وير، ٿيي تني جو واھرو.

(سُر ڪلياڻ، د 2، ب 5)

شاهه لطيفؒ جي ڪلام مان تصوف جي انهن چند روحاني رازن ۽ صوفيا ڪرام جي شان ۽ سندن ايماني ڪيفيت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڀٽائيؒ، تصوف جي ڪيڏي نه وڏي پرچار ڪئي آهي ۽ هو تصوف جي ڪيڏي نه وڏي مقام ۽ مرتبي تي فائز آهي.

پتنگ چائين پاڻ کي پسي مچ مَ موٽ،
سهائي سپرين جي گهڙ ته ٽيين گهوٽ،
اجا تون اروٽ، ڪوري خبر نه لهن.

لطيفي فڪر موجب سر جو سانگو ڪرڻو نه آهي.

محبت جي ميدان ۾، سر جو سانگو مَ ڪر،
لاهي سر لطيف چئي، اڳيان دوستن ڌر.

اهلِ تصوف جي نزديڪ خواهشن کي ترڪ ڪرڻ ۽ هر حال ۾ صبر ڪرڻ ۽ تحمل جو مظاهرو ڪرڻ، تصوف جا بنيادي جز آهن، جن سان انساني دل ۾ معرفت جو نور منور ٿئي ٿو. اهڙي قسم جي صبر ۽ برداشت جو سبق ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ هن ريت ڏنو آهي:

نهائين ڪان نينهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

## ٣,٧ ويدانتي سوچ ۽ فڪر

عملي طور شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام تي ويدانت جي اثر بابت سڀ کان پهريان ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي پنهنجي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جي مهاڳ مقدمه لطيفي ۾ ذڪر ڪيو آهي. هو مقدمه لطيفي ۾ لکي ٿو ته:

“هر هڪ مذهب ۽ دين کي ٻه پاسا آهن، هڪڙو ظاهري ۽ ٻيو معنوي، جيتوڻيڪ مذهب گهڻا ۽ جدا جدا آهن پر تڏهن به سندن معنوي پاسي جا اصول،

اڪثر ڪري ساڳيا ئي هوندا آهن. انهن معنوري اصولن جو ڪنهن خاص دين يا ڌرم، يا ان جي ڪريا ڪرم ۽ ريتن رسمن سان ڪو بہ واسطو ڪونهي. انهن جو مقصد آهي، حق جي حقيقت پروڙڻ ۽ ان سان هيڪڙائي حاصل ڪرڻ، مگر نہ حواسن ۽ عقل جي حقيقت پروڙڻ ۽ ان جي عمل جي رستي، فقط ڪنهن مذهب جي پيرويءَ ۽ تقليد يا عقل جي ڪيڏ سان انهيءَ منزل تي رسڻ محال آهي.” (گربخشاڻي، ۱۹۹۳ع، ٤١)

هندو مت جي ويدانت واري فلسفي ۾ اسان کي ڪبير، پنٿي، مهاوير پنٿي، گورک پنٿي، شِو پنٿي، ٻوڌي وغيره جو ذڪر ملي ٿو، جيڪي ٽولا ناهي دنيا کي تياڳ ڏيئي، جهنگن ۽ جبلن ۾ وستين کان پري ويرانين ۾ وڃي تن تپسيا ڪندا هئا، جيئن مُڪتي يا نرواڻ ۽ آتما حاصل ٿئي. سنڌ ۽ هند جو اهو پهاڙ، گنجي جو ڪلام، هنگلاج، ڪشمير ۽ ڪابل، انهن جا وڏا آستان رهيا آهن.

ڊاڪٽر گربخشاڻي ويدانت بابت لکي ٿو تہ: “ويدانت موجب برهم يا آتما (حق) انسان جي عقل ۽ سمجهہ کان ٻاهر آهي ۽ نڪي ڪي سندس بيان ڪري سگهجي ٿو. برهدارٽيڪ اپنشد ۾ گرو پنهنجي چيلي کي چئي ٿو تہ “آتما جو تون ڪو بہ بيان ڪندين تہ آءٌ چوندس: نيتي نيتي يعني: ائين نہ، ائين نہ”. (ايضاً، ٤٢)

شاهہ جي ناصحاڻي شعر جي وڏي خوبي هيءَ آهي جو هر ڪامَتِ ۽ نصيحت اهڙيءَ دلپذير طرز ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ ڏئي ٿو، جو پڙهندڙ جي دل ۾ ازخود نقش ڪريو وڃي. ناصح کي جيڪڏهن انهن باريڪ نُڪتن جي خبر نہ هوندي، جن جي وسيلي نصيحت جي ناگواري ۽ ڪڙائي دور ٿي وڃي، تہ سندس نصيحت قبول پوڻ جي ماڳ موراهين ملالت ۽ نفرت پيدا ڪندي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي دنيا جو هر هڪ جزو پنهنجي حڪيماڻيءَ اک سان ڏسي ٿو ۽ خسيس خسيس شين سان پڻ اخلاقي سبق وٺي، ان کي دلچسپ ۽ خوبصورت لباس پهرائي، پڙهندڙ جي اڳيان پيش ڪري ٿو.

ڊاڪٽر در شهوار سيد ان جو پسمنظر ٻڌائيندي لکي ٿي تہ: "ويدانت ڪي ڪيترن ئي ضمني شقن ۾ ورهايو ٿو وڃي، جي هي آهن: ادوئيا (ٻيائي جو نہ هجڻ) يا وحدت الوجود. ادوئيا( ٻيائي جو مشروط هجڻ) پهرين قسم جي تصوف جو علمبردار شنڪر آهي جو رڳو هڪڙي حقيقت تي يقين رکي ٿو ۽ هر شيءِ ۾ انهيءَ هڪڙي حقيقت کي ڏسي ٿو، ٻئي تصور جو مبلغ راما نج آهي، هر حقيقت واحد جي بدران وحدت جي حقيقت تي ايمان ٿو رکي. ٽيون تصور دوئيا جو آهي، ان جو پرچارڪ ماڌو آهي. ان جي خيال موجب دوئي (ٻيائي) ۾ وحدت آهي. ٻيائي سان ڪثرت جو ظهور ٿئي ٿو ۽ ڪثرت ۾ ئي ڪائنات جي وحدت آهي." (درشهوار، ٢٠١٠ع: ٢٥٠)

ڊاڪٽر در شهوار سيد جي خيال ۾ ادوئيا، وحدت الوجود ۽ وشستا ادوئيا (وحدت الشهود) ٻنهي جو تصور شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي صوفيانہ شاعريءَ ۾ ملي ٿو. شنڪر جي تصور ۾ وحدت عدم دوئي ٻيائي جو نہ هئڻ آهي، هو چوي ٿو تہ حقيقت هڪ آهي، جا جڳت (ڪائنات) جي روپ ۾ ظاهر آهي. جڳت ۾ وجود جي ارتقا لاءِ علم الوهي سڪون ۽ وجود جي پنهنجي خواهش ۽ اندروني طاقت جي ضرورت هوندي آهي. انهن سهارن سان وجود (جيو)،زندگي ۽ جڳت، ڪائنات ٻڻجي ظاهر ٿيندو آهي. اها جڏهن انهيءَ صورت ۾ اچي سگهڻ صفاتي تي ڪري تہ سدا ۽ هر هنڌ موجود ٿيڻ جي روپ ۾ نظر اچي ٿي.

## ٣,٨ ڀڳتي مت جي فلسفي جو اثر

هندستان ۾ ٨٠٠ع کان ١٧٠٠ع تائين هن تحريڪ جو زور رهيو. هندن، سکن ۽ مسلمانن ۾ ڪوڙ سارا طريقا هن تحريڪ جي اثر سبب گڏيل طور رائج رهيا. مثال طور هندو مندرن ۾ ڪَوِتا پڙهڻ، مسلمانن طرفان اوليائن جي درگاهن تي قواليون پڙهڻ، سکن ۾ گردواري ۾ گرباني وڄائڻ، سڀ ڀڳتي تحريڪ مان ورتل آهن. ڀڳتي لفظ ڀڳن (ڀڄن) مان ورتل آهي، جنهن جي معنیٰ آهي: حق جي خدمت ڪرڻ، عزت ڪرڻ، محبت ڪرڻ ۽ سينگارڻ. ڀڳتي جو تصور ويدن مان اچي ٿو،

جنهن ۾ ورونا ساويترا ۽ اشا جهڙن خدائن سان محبت جي طور ٻڌڻ جوڳا پڇن ۽ نظم ڳايا ويا آهن. جڏهن تہ لفظ 'ڀڳتي' ويدن ۾ موجود ڪونهي. هن لفظ جي معنیٰ آهي، انا کي ختم ڪرڻ.

ڀڳتي تحريڪ سڄي هندستان۾ پکڙيل هئي، اتر هندستان جو شيعہ تصوف جنهن کي چشتي سلسلو چئجي ٿو، اهو بہ ان کان گهٽو مختلف نہ آهي. مسلمانن ان تحريڪ کي تصوف ۾ اختيار ڪيو. جڏهن تہ هندن ان کي ڀڳتي طور اختيار ڪيو. صوفي بزرگ جيڪي چشتي سلسلي سان تعلق رکن ٿا، تن ۾ سڀ کان پهريان بابا فريد شڪر گنج ان کي اختيار ڪيو، جنهن قوميت جو نظريو ڏنو ۽ هندن، مسلمانن کي هڪ ڪيو. ڀڳت نام ديو، ڪنور ڀڳت رام، سنت ڪبير داس وغيره ڀڳتي تحريڪ جا اهم اڳواڻ هئا.

پروفيسر موهن لعل پريمي پنهنجي مضمون "شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ويدانت" ۾ ڀڳتي مت بابت لکي ٿو تہ: "جهڙيءَ طرح اسلامي تصوف ۾ منزل تائين رسڻ جا چار درجا آهن، يعني(١) شريعت، (٢) طريقت، (٣) حقيقت، (٤) معرفت. تهڙيءَ طرح هندي فلسفي ويدانت ۾ بہ چار درجا بيان ٿيل آهن: يعني (١) ڌرم (شريعت)، (٢) ڪرم (طريقت)، (٣) ڀڳتي (حقيقت)، (٤) اگيان (معرفت)." (پريمي، ٢٠٠٢ع: ٢٢٠)

پروفيسر موهن لعل پريمي وڌيڪ لکي ٿو تہ : "پاڪ دل سان حق ۽ باطل کي سمجهڻ جو نالو "ڀڳتي" يعني "حقيقت" آهي. هن منزل تائين انسان دنيوي ٻنڌڻن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڦاٿل رهندو آهي." (ايضاً: ٢٢٠)

جيسين عاشق جي جسم ۾ رت آهي، تيسين محبت جو دم نہ هٽي، زرد چهرو ۽ سموري سونهن چٽ ٿيل اهو آهي-سڪڻ يا عشق جو شرط، چيلهہ ۾ ناٽو ٻڌل ڪونهيس پر هو سر جو سودو ڪري ٿو. ڀڳت نام ديو، ڪنور ڀڳت رام، سنت ڪبير داس ڀڳتي تحريڪ جا اهم اڳواڻ هئا. ڀڳتي تحريڪ جي هڪ وڏي پرچارڪ ڀڳت ڪبير چيو آهي تہ:

سوئی میرا اے تو اور نہیں دوجا کوئی،
جو صاحب دوجا کے، دوجا کل کا ہوئی۔

(منهنجو هڪ ته آهي، ٻيو ڪو ئي نه آهي، جيڪو ٻئي ڪي مالڪ سمجهي، اهو ڪنهن ٻئي خاندان جو آهي.)

شاهه فرمايو ته:

وحدت جي وڍيا، الا الله سين اورين،
هينئون حقيقت گڏيو، طريقت تورين،
معرفت جي ماڻ سين، ڏيساندر ڏورين،
سڪ نه ستا ڪڏهين، ويهي نه ووڙين،
ڪُلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

(سر ڪلياڻ)

جي سالڪ هڪ (ڏٺي) جي هيڪڙائيءَ جا ڪُٺل آهن، سي اهو ئي دور پيا ڪن ته "سواءِ سائين جي، ٻيو سائين نه آهي" هو پنهنجي هينئون حقيقت سان هڪ ڪري طريقت جي واٽ تي تورتڪ سان پيا هلن. هو سچي جاڻ واري من سان روحاني ولايت پيا ڳوليِن. هو ڪڏهن به سڪ ننڊ سمهن ۽ ويسر ۾ ويهي نٿا گهارين. شاهه وڏيڪ فرمائي ٿو ته: نينهن وارا، پنهنجا سر ڪلهن تان ڪوريو ڇڏين، ڀڳت ڪبير هڪ هنڌ چوي ٿو ته:

اي بندا مون کي ڪاٿي ڳولين ٿو. مان ته تو سان گڏ آهيان. نه مان مندر ۾ آهيان نه مسجد ۾، ۽ نه ئي ڪعبي ۽ ڪيلاش ۾.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو ته:

ڪيهي ڪام ڪاپڙي، ٽا اهڙي روش رون،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،

نڪو ڪم ڪفارسين، نڪا مسلماني من،
ايا ائين چون، تہ پرين ڪجو پنهنجو.

(سر رامڪلي)

(سنياسي ڪهڙي ڪارج يا مقصد لاءِ اهڙي هلت تا هلن؟ سندن دل ۾ ڪڏهن دوزخ جو خيال اچي، نہ ڪڏهن بهشت ئي گهر نہ سندن واسطو ڪفر سان آهي ۽ نہ ئي سندن من ۾ مسلماني يا اسلام ڏانهن رغبت آهي. هو ائين بيٺا چون تہ "پنهنجي محبوب کي ريجهائي، پنهنجو ڪجو."

ڀڳت ڪبير فرمائي ٿو تہ:

دے سی ماہی بھی یہی ہے صاحب سرت سروپ،
اننت لو: میں دم رہا جا کے رنگ نہ روپ۔

(هو جسم يا سمورن جسمن ۾ غير مجسم ٿي تخيل جي صورت ۾ رهي ٿو. هو جنهن جو نہ رنگ آهي،نہ روپ ۽ لا محدود آهي.) لطيففرمايو تہ:

ڪوڙين ڪايائون تنهنجيون، لکن لک هزار،
جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، در سن ڏارون ڏار،
پريم تنهن جا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان.

### ٣,٩ ناٿ پنٿ جو اثر

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جن جي سير سفر واري زندگيءَ جو ڪجهہ حصو ساڌُن، سامين، سنياسين، جوڳين ۽ سنتن سان پڻ رهيو. جن سان گنجي جا گام، هنگلاج جا پنڌ پيٽيائين تہ ٻئي طرف ڪڇ، جيسلمير، ڪوٽيسر، نارائڻ سر تائين پڻ ويو، جتي ڪن ڦاڙ ڪاپڙين، هٺ يوگين ۽ ناٿ جوڳين سان سندن ملاقاتون ۽ رهاڻيون ٿيون.

مذهب جي حقيقت ۽ حقاني تي شاهه هن کان اڳ گهڻو سوچيو لوچيو هو ۽ ان سلسلي ۾ هر عقيدي جي سچائي ۽ روح جو قائل ٿي چڪو هو. جڏهن پاڻ معرفت جو ڄاڻو ٿيو، تڏهن توحيدي وحدانيت واري عقيدي ۾ ڪيس انسان ذات توڙي ڪائنات جي وحدت نظر آئي. انهيءَ سفرن ۾ سندن ڏيٺ، هٺ يوگين ۽ ناٿ پنٿي جوڳين سان پڻ ٿي، جيڪي تن ڪي تپسيا ڏئي حق جي تلاش ۾ هلندڙ هئا، جن جي تن تپسيا جوڳ ۽ ڪشالي جو بنيادي عقيدو وحدانيت هو. شاهه جي انهيءَ سير سفر ۽ ملاقاتن جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جامع ۽ مستند شاهه جي رسالي ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌ کان ٻاهر ڪڇ ۾ جيسلمير طرف هن دور وارين مسافرين ۾ شاهه عبداللطيف ڪن حال ۽ ڄاڻ وارن ناٿ-پنٿي جوڳين ۽ پڻ ڪن هندن تي ساڌن، سنتن سان مليو ۽ ساڻن توحيد ۽ وحدانيت جي روشنيءَ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪيائين." (بلوچ، ٢٠٠٩ع: ٣٤)

شاهه جي ٻاهڙ مير واري سفر ۾ بقول ڊاڪٽر بلوچ جي ته: "ملي ناٿ نالي هڪ موحد ساڌو سندس معتقد ٿي ويو، پوءِ ان تڪيي تي يادگار طور مسلمانن، هندن جو گڏيل ميلو ٿيڻ لڳو." (ايضاً : ٣٤)

نڪي نمن ناٿ کي، ناٿ نه نمائين،
ڄاڻا ڪن نه جوڳ جي، جوڳ نه جهارين،
آديسي آڻي، اهڃاڻيون الماس جون.

-

هر هر ڪن هرنام، ڌوم ڏهاڙي ڌونيا،
جن نه ريجهايو رام، ناٿ نه نمي تن سين.

-

هر هر ڪن اُميس، ڌون ڏهاڙي ڌوتيا،

جن نہ ماري ميس، ناٿ نہ نمي تن سين.

-

جھڙا ڪڙچ ڪڪرا، تھڙا ڄاڻن قل،
تن سامين جي سڌ مران، جن جي گودڙين ۾ گل،
اندر ملھ امل، ٻاھر ڪوجھيان ڪاپڙيا.

## حوالا


١ امير احمد، مخدوم (١٩٥٣ع): يادِ لطيف، (ڇاپو پهريون)، شاهه لطيف ۽ تصوف (مقالو)، شاهه لطيف يادگار ڪميٽي

٢ بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ٢٠٠٩ع): جامع ۽ مستند شاهه جو رسالو، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو.

٣ پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر ( ٢٠٠٦ع): شاهه جي ڪلام ۾ هدايتون (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر

٤ پريمي موهن لعل، پروفيسر (٢٠٠٢ع): شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ويدانت (مقالو) مرتب- تاج جويو، شاهه لطيف هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ (پهريون ڇاپو)، حيدرآباد: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

٥ تونسوي، طاهر، ڊاڪٽر، (٢٠١٠ع): لطيف شناسي (ايڊيشن-١) ملتان: سرائيڪي ادبي بورڊ

٦ جسڪاڻي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر (٢٠١٠ع): شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٧ ڏول، فقير محمد، ايڊيٽر (٢٠١١ع): حضرت شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جو ثقافتي پسمنظر، ليکڪ: نصير مرزا، امرتا "شاهه لطيفؒ" نمبر آڪٽوبر- ٢٠١٠ع- مارچ ٢٠١١ع):حيدرآباد: ڏول فقير فائونڊيشن سنڌ.

٨ ڏول، فقير محمد، ايڊيٽر (٢٠١١ع): شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جي آدرشي قدرن جي عڪاسي، ليکڪ: ڊاڪٽر بشير احمد شاد، امرتا "شاهه

لطيف” نمبر، آڪٽوبر ٢٠١٠ع مارچ ٢٠١١ع، حيدرآباد: ڊول فقير فائونڊيشن سنڌ.

٩ سورلي، ايچ. ٽي (١٩٩٢ع): پٽ جو شاهه (ڇاپو پهريون)، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو، نظرثاني: ڊاڪر فهميده حسين،ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

١٠ ڪاشف، محمد حسين، (١٩٨٩ع): ڪنڌيءَ ڪونئرڙڻ، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: مقصود پبليڪيشن.

١١ گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر (١٩٩٣ع): مقدمہ لطيفي (چوٿون ايڊيشن) ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

١٢ مولائي شيدائي، رحيمداد خان، (٢٠٠٨ع): جنت السنڌ (ٻيو ڇاپو)، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي

١٣ ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر (٢٠١٠ع): لطيف جو پيغام، (ڇاپو ستون)، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي

# باب چوٿون

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انسان شناسيءَجو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

انسان ۽ ان جي مجموعي ڪردارن جي باري ۾ سوچڻ، انهن کي سمجهڻ ۽ انهن جي پرک ڪرڻ، هن باب جو مکيه مقصد آهي. انسان شناسي اصل ۾ انسانن جي ڌار ڌار نفسياتي ڪيفيتن جي ڄاڻ کي چئبو آهي. انسان جا روپ، ڪردار ۽ ان جون نفسياتي ڪيفيتون، جنهن نموني سان بدلجن ٿيون، انهن کي سمجهڻ سان ئي، انسان کي سمجهڻ سولو ٿئي ٿو. انسان جي باري ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو پنهنجي هڪ مضمون "شاهه جي نظر ۾ انسان جو تصور" ۾ لکي ٿو ته:

"انسان ٻن متضاد طاقتن جي وچ ۾ آهي، منجهس ملڪوتي طاقتون به آهن ته بيهمي (مِرن جون) طاقتون به جيڪڏهن بيهمي طاقتن زور پئجي ويون ته انسان پسونءَ جي درجي کان به هيٺ ڪري پوندو، پر جيڪڏهن ملڪوتي قوتون قابض ٿيون، ته ملڪن (فرشتن) جي درجي کان به مٿي چڙهي ويندو. (دائودپوٽو، ٢٠١٧ع: ١٠٩)

## ٤.١ انسان جي وصف

الله پاڪ فرمايو ته: "ولقد ڪرمنا بني آدم" ۽ تحقيق اسان آدم کي تڪريم جو صاحب ڪيو.

مٿيون مثال انسان جي عظمت جو وڏو ثبوت آهن، جنهن موجب رب پاڪ انسان کي سهڻي تڪويم جو درجو عطا فرمائي، تڪريم جو تاج پارائي تسبيح ۽ تقديس وارن ملائڪن کي حڪم ڪيو ته: "و قلنا للملائڪته السجدو الآدم" فرمايو رب پاڪ "اي! ملائڪو سجدو ڪريو آدم کي". (جويو، ٢٠٠٢: ١٥٢)

’انسان‘، سامي الاصل لفظ آهي، جيڪو ’انس‘ سان مشتق آهي. ان جو ضد ’جن‘ آهي. ’جن‘ لفظ وري انڊو- يورپي ٻولين ۾ موجود آهي، جنهن مان سنڌيءَ ۾ ’جَن‘، ’ڄڻو‘ پشتو ۾ ’جيني‘ ’زناني‘ ويندي ’جيين‘ معنيٰ ’ٻڻ‘ ٻه ان مان ٺي نڪري ٿو. سامي ٻولين ۾ اهو لفظ ’انس‘ محبت ڪرڻ واري جي ضد آهي. غير سامي ٻولين ۾ اهو لفظ جنس عورت، انسان جي ’ٻُڻ‘ ’جِيين‘ (Gene) سان لاڳاپو رکي ٿو. اوائلي ’ٻڻ‘ وارو لفظ بعد ۾ اسمي ۽ ٻي معنيٰ وٺي نروار ٿيا. عربي لفظ ’عوام الناس‘ آهي. اهو لفظ ’اُنس‘ ۽ ’ناس‘ جو مرڪب آهي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۽ ٻوليءَ ۾ ان کي نڪ جي ناسن تي لاڳو ڪيو وڃي ٿو. هتي اڻ = نہ + ناس = اڻاس معنيٰ جنهن کي نڪ نہ هجي. جيڪو هن ڪائنات جي ۽ انساني رشتن جي خوشبو ۽ واس نہ وٺي سگهندو هجي. شاهہ لطيف چوي ٿو تہ:

اَديون اَڻاسن، تن ڪوجهن کي ڪوهہ ڪيان.

ان ريت پهرئين ’اُپ پيري‘ انسان کان وٺي موجوده جديد انسان ’انس‘ تائين سڀ انسان هڪ ڪامل انسان آهن، جيڪي سمورن جسماني عضوئن تي ضابطو رکن ٿا ۽ انساني زندگي بهتر بڻائڻ ۽ پنهنجي حفاظت لاءِ هر قسم جو پيداواري ۽ حفاظتي سامان جوڙي سگهن ٿا.

### ۴٫۱٫۱ انسان شناسي ڇا کي چئجي؟

فقير حاجي امداد علي سرائي پنهنجي مضمون ’لطيف شناسي‘ ۾ شناسي جي معنيٰ بابت لکي ٿو تہ:

’شناسي‘ اصل فارسي لفظ آهي ۽ صحيح لفظ ’شناسائي‘ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: صحيح معلومات، صحيح ڄاڻ، پروڙ، پرک، رسائي، واقفيت وغيره.“ (سرائي، ٢٠٠٢ع، ١٨١).“

قديم زماني کان انسان، پنهنجي ذات ۽ ڪائنات جي رنگارنگيءَ تي سوچيندو رهيو آهي. پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ۽ پنهنجي اندر جي اونهاين تي سوچ ۽ ويچار ڪرڻ، صوفي ۽ فلاسافرن بہ انسان ڪي سمجهڻ تي زور ڏنو آهي. ڊيڪارٽ (۱۷۱۶-۱۶۴۶ع) چوي ٿو تہ: ”جيئن تہ مان غور و فڪر ڪريان ٿو، انهيءَ ڪري مان آهيان. ”لاڪ (۱۷۰۴-۱۶۳۲ع) ، ڪانٽ (۱۸۰۴-۱۷۲۴ع) ، ۽ گوئٽي (۱۸۱۴-۱۷۶۲ع) وغيره بہ انسان شناسيءَ ڪي بيان ڪيو آهي. ”ڪانٽ“ چوي ٿو تہ: انسان سمورن علمن جو مرڪز آهي، قديم يوناني فلاسافرن سقراط(۳۲۲ ق.م، ۳۸۴ ق.م)، افلاطون (۳۴۷ ق.م- ۴۲۷ ق.م) ۽ ارسطو (۳۲۲ ق.م — ۳۸۴ ق.م) وغيره بہ انهيءَ حقيقت تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“ (ميمڻ، عبدالمجيد، ۲۰۱۰ع:۶۳)

انسان شناسيءَ جو مقصد آهي، ڪنهن انسان ڪي سمجهڻ ۽ ان جي عادتن ۽ مزاج جو اڀياس ڪرڻ، نفسيات جي ماهرن اهو ثابت ڪيو آهي تہ هر انسان جو ڪردار ۽ سندس نفسياتي ڪيفيتون هر ٻئي انسان کان مختلف ٿين ٿيون، جن ڪي سمجهڻ دراصل انسان ڪي سمجهڻ آهي. ان اڀياس ڪي ئي انسان شناسي چئبو آهي.

سڀني انسانن لاءِ لازمي آهي تہ هو پنهنجي گڻ اوگڻ جي جانچ پڙتال ڪندو رهي. ٻين ماڻهن لاءِ بہ اهو سوچجي جيڪي اسان پنهنجي لاءِ چاهيندا يا پسند ڪندا آهيون. ائين ڪرڻ سان الله تعاليٰ جي حقوق العباد جي پيروي بہ ٿيندي ۽ انسان ذات جي خدمت پڻ ٿيندي ان ڪي ائين انسان شناس چئبو آهي.

جيڪڏهن اسان ڪي پنهنجي وطن ۽ انسان ذات سان محبت آهي تہ اسان ڪي اهو سوچڻو پوندو تہ اسان پنهنجي خوبين سان يا پنهنجي ڏانءُ سان انسان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهون ٿا. اسان مان گهڻا ماڻهو انسان جي پرگهور لهڻ چاهن ٿا پر گهڻ پاسائتي پنهنجن مسئلن ۾ اُلجهيل هئڻ ڪري انهن ڪي ڪا راهہ نظر نہ ايندي آهي تہ هو ٻين جي مدد لاءِ ڪهڙا اُپاءُ يا طريقا اختيار

ڪري سگهن. جيئن اسان جنگ بندي تہ نٽا ڪرائي سگهون پر بين الاقوامي (عالمي سطح) تي پنهنجو آواز بلند ڪري سگهون ٿا.

### ۴،۱،۲ علم نفسيات جي روشنيءَ ۾ انسان شناسيءَ جي چند ڇاڻ

نفسيات لفظ تي غور ڪبو تہ اهو ٻن لفظن: "نفس" + "يات" جي ملاوٽ آهي. "نفس" معنیٰ، روح يعني ساهہ ۽ "يات" معني، علم يا سائنس، يعني اهڙو عمل جيڪو روح يعني ساهہ بابت هجي. عبدالغفار "گوهر" دائودپوٽو پنهنجي ڪتاب،"نفسيات ۽ تعليم" ۾ هن علم بابت لکي ٿو تہ:

"نفسيات لفظ تي جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ اهو بنيادي لفظ "نفس" مان نڪتل آهي، "نفس" جي معنیٰ "ساهہ" يا "روح" آهي، جڏهن تہ ساهہ يا روح، فرد جي جيءَ کي ڇاڻ عطا ڪري ٿو." (دائود پوٽو، گوهر، ۲۰۰۳ع: ۱۷).

انهيءَ لحاظ کان جڏهن وضاحت ڪبي تہ نفسيات اهو علم نڪرندو، جنهن جي معرفت هڪ فرد پنهنجن احساسن، اڌمن، خواهشن، مقصدن ۽ پنهنجن عملن جي باري ۾ سمجهي ۽ سکي. ڏنو وڃي تہ"روح" کي ڪيترن ئي معنائن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، پر عام طرح سان "روح" هڪ اهڙي شيءِ کي سڏيو وڃي ٿو، جيڪا لافاني آهي ۽ رب پاڪ سان تعلق رکي ٿي. "نفسيات" لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ " Psychology" استعمال ٿئي ٿو. عبدالغفار "گوهر" دائودپوٽي"سائڪالاجي" لفظ جي وضاحت هن طرح ڪئي آهي تہ:

"نفسيات يعني سائڪالاجي (Psychology) لفظ جو ڇيد ڪبو تہ ان مرڪب لفظ جي معنیٰ معلوم ٿي ويندي. اهو لفظ دراصل يوناني ٻوليءَ جي ٻن لفظن يعني سائيڪ (Psych) معنیٰ "ساهہ"، زندگي، روح يا ذهن (جنهن جو متبادل لفظ عربيءَ ۾ "نفس" آهي) ۽ لوگاس (Logos) معنیٰ، اڀياس يا سائنس. ان ڪري "سائڪالاجي" لفظ جي معنیٰ، روح يا ذهن (ان جي ڪردارن ۽ عملن) جو اڀياس يا علم ٿيندي." (دائودپوٽو، گوهر، (۲۰۰۳ع: ۲۰)

### ۴،۱،۳ نفسيات جي وصف

هن علم کي سڀ کان اول ’روح‘ يعني ذهن جي سائنس سڏيو ويندو هو. انسان جي ذهني سوچن، خيالن، احساسن ۽ عملن کي سمجهڻ لاءِ خارجي مشاهدي کان ڪم ورتو ويندو هو. ان وقت ان نفسياتي نظرئي کي وڏي اهميت حاصل هئي. ان کان پوءِ ڪرداريت جو نفسياتي نظريو مقبول ٿيو، جنهن خارجي مشاهدي جي نظرين کي متاثر ڪيو. اهڙيءَ ريت نفسيات جي وصف ۾ تبديلي آئي ۽ ان کي ’ڪردار جو سائنسي اڀياس‘ سڏيو ويو. ان کان پوءِ نفسيات جي ميدان ۾ ڪوجنائن جي آڌار تي ڳجهن ذهني عملن کي نفسيات جي علم ۾ شامل ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح هاڻي نفسيات هڪ اهڙو علم ڄاتو وڃي ٿو، جيڪو انساني ڪردار ۽ ان جي ذهني عملن جو سائنسي طور اڀياس پيش ڪري ٿو. ان جي هاڻي: جديد وصف هن طرح بيان ڪئي وڃي ٿي ته:

”نفسيات، هڪ طب (Natural) ۽ تجرباتي (Empirical) سائنس آهي، جيڪا جاندار (Organisms) جي ذهني ڪيفيتن (Mental Qualities) ۽ ٻاهرين ڪردار (Behaviour) سان تعلق رکي ٿي.“ (دائودپوٽو، گوهر، ۲۰۰۳ع: ۲۱)

### ۴،۲ انسان ذات جون عام نفسياتي ڪيفيتون- هڪ اڀياس

انسان جي فطرت ۾ ڪيترين ئي ڪيفيتون سمايل آهن. نفسياتي ڪيفيت جو مطلب ۽ معنيٰ آهي: حالت ۽ مزاج. ڪا به نفسياتي ڪيفيت، ڪنهن به انسان ۾ مستقل نه ٿيندي آهي، پر اها عارضي طور يا ٿوري وقت لاءِ هوندي آهي. جيڪڏهن انسان ۾ ڪابه نفسياتي ڪيفيت مستقل طور رهڻ لڳندي آهي، ته پوءِ اها سندس وصف بڻجندي ويندي آهي. قومي ٻوليءَ واري ڪلاسيڪل ادب

جي شاهڪار ڪهاڻين جو سمورا ڪردار: سورما ۽ سورميون، انهيءَ سماج جي انسانن جي سمورين انساني ڪيفيتن جو ڪامل اظهار ڪندي نظر ايندا آهن.

انسان سان واسطو رکندڙ ڪيفيتون ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ وارين صلاحيتن سان واسطو رکن ٿيون.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح فرمائي ٿو ته:

موٽي مانداڻن جي، واري ڪيائين وار،
وڄون وسڻ آئيون، چوڏسين چوڌار،
ڪي اٿي ويون استنبول ڏي، ڪي مڙيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دلي، ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار،
ڪي جنبيون جيسلمير تي، ڪي بيڪانير بڪار،
ڪني اڇي امرڪوٽ تان وسايا ولهار،
ڪني ڀُڄ ڀِڄايو، ڪن ڪئي ڍٽ مٿي ڍار،
سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

هن دعا جو سنيهو ڪل انسان ذات لاءِ آهي. هن بيت ۾ دنيا جي جاگرافي سمايل آهي. دنيا جي ڌرتيءَ تي انسان ذات جو واسو آهي. مغرب جا ملڪ، آمريڪا، فرانس ۽ برطانيا، اتر جا ملڪ روس ۽ چين، جن کي اڄڪلهه پاور ويٽو جا اختيار حاصل آهن. ٻيا ملڪ استنبول روم يعني يونان، سمرقند ۽ افغانستان، ڀارت ۽ ان سان لاڳاپيل ٻيا ملڪ جتي ان زماني ۾ ڪنهن به شاعر اهڙي دعا نه گهري هئي، جيڪا شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ گهري.

جي.ايم.سيد پنهنجي ڪتاب ”پيغامِ لطيف“ ۾ لکيو آهي ته:

”دنيا جيڪڏهن چاهي ٿي ته انسان ذات امن، سچ، محبت ۽ رواداري ۾ داخل ٿي وڃي ته اهو پيغام پٽائي ڏنو آهي اهو پڙهيو ۽ پروڙيو وڃي. موجوده دور ۾ انسان شناسائي ڪي سمجهڻو آهي، ته اقوام متحده جي چارٽ ۾ پٽائي جي پيغامِ انسانيت واري دعا ڪي داخل ڪيو وڃي ۽ اقوامِ متحده ۾ داخل ٿيل ملڪن ڪي اهو پيغام پچايو وڃي ته جيڪڏهن انسان پاڻ ڪي ۽ پوءِ ٻئي ماڻهوءَ جي قدر ڪي سمجهيو وڃي ته پوءِ هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهو لاءِ بدنيتي جو خيال به نه ٿو آڻي سگهي چو ته هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ ۾ سمايل آهي.“ (جي.ايم.سيد، ٢٠٠٢ع: ١٥٤)

حضرت جلال الدين رومي اهو ساڳيو فلسفو سمجهايو هو ته ڪل انسان جدا جدا ناهن، اهي هڪ جسم جا جدا جدا حصا آهن، جيڪڏهن هڪ آڱر ۾ درد آهي ته سڄو جسم ان درد يا سور ڪري جُهرندو، سڄو جسم پيو جُهرندو، چو ته تخليقڪار ساڳيو آهي. مٽيءَ وارو ماڳ، مٽي، چڪ، آويءَ، ٺپيندڙ ۽ چٽ ڪڍيندڙ ڪلال ساڳيو آهي، رڳو ڪنڀار جي جوڙيل شين جي جدا جدا صورتن جا نالا: دلا، مٽ، پيالا، ڪوندا، ڪونديون، گلدان ۽ ٻين انيڪ شين جا نالا جدا جدا آهن، ان جدا جدا صورتن ۽ جوڙجڪ هوندي به تخليقڪار ساڳيو آهي. ساڳيءَ ريت مختلف خطن جا انسان آب هوا ۽ ٻين سببن جي ڪري مختلف رنگ روپ ويندي عقيدا به پنهنجي پنهنجي تهذيب ۽ مذهب موجب الڳ رکن ٿا. سڀني جي مٽي ساڳي ۽ رت به ساڳيو آهي.

سمنڊ جي موجن جو مانڌاڻ پنهنجو، لهر لهر جو لباس پنهنجو، وير جي الٽ پلٽ پنهنجي پر آهي ته سڀ پاڻي ۽ اهو پاڻي ته ساڳيو آهي، جنهن ۾ لهرون آهن ۽ ويرون موجود آهن.“ (رومي ٢٠٠٢ع: ١٥٥) مولانا جلال الدين

رومي، ”مثنوي روميءَ“ ۾ هن فلسفي کي مختصر لفظن ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي ته:

”بدن روح کان ۽ روح، بدن کان لڪل نه آهي.“ (رومي، ٢٠١٠ع: ٤٣)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ اهو راز هيئن کولي ٻڌايو ته:

”لهرن لک لباس، پر پاڻي پسڻ هيڪڙو“

سڀ پاڻيءَ جا ظاهري روپ آهن، رڱو روپ جدا جدا آهن، انسان کي سڃاڻڻ لاءِ انسانيت واري اک کپي، انهيءَ اک سان انسان کي ڏسجي. ان لاءِ صاف، شفاف ۽ اوجر تيل اک واري عينڪ گهرجي.

”سرمون سفيديءَ جو، جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، اڇائي عالم جي.“

انسان جهڙي رنگ جي عينڪ پائيندو، هن کي دنيا اُنهي رنگ ۾ نظر ايندي. انسان شناسيءَ لاءِ بي رنگ عينڪ جي ضرورت آهي ۽ انهيءَ بي رنگ عينڪ سان ٻئي ماڻهوءَ کي پنهنجي اصل شڪل ۾ ڏسو ۽ جيڪر اوهان غور سان ڏسندا ته ٻئي انسان جي اک ۾ پنهنجو عڪس ڏسي وٺندا.) ”فَاعۡتَبِرُوۡا يٰۤاُولِى الۡاَبۡصَارِ“ رهي اکين وارين لاءِ عبرت آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي اهڙن ماڻهن لاءِ فرمايو ته:

”پسڻ جي پسين ته پوءِ همه کي حق چوين.“

همه کي حق جاڻڻ ئي انسان شناسي آهي. شاهه لطيف جيئن مثال در مثال ڏيئي سمجهايو آهي ۽ اهو مثال به شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کان ٻڌو ۽ سبق حاصل ڪيو ويو آهي. شاهه عبداللطيف انسان کي انسان سمجهڻ ۽

سجاڻڻ لاءِ ڏاهپ جي ڏيئي کي روشنيءَ لاءِ ٻارڻ ۽ ڪٽڻ جو ڏس ڏنو چو تہ هيءَ اونداهي دنيا آهي، ان کي ڏسڻ لاءِ ڏيئو کپي.

ڏورج ڏيو هٿ ڪري، ڏور مَ ڏيان ڏار،
نہ تہ ڪروڙين لک هزار، انهيءَ اونداهي انڌا ڪيا.

اندر جي اک کان انڌو ماڻهو هاٿي کي ڪيئن ڏسندو. هاٿي جي هيئت پنهنجي آهي، پر انڌي ماڻهوءَ هاٿي کي ائين سمجهيو. جن پڇ ڇهيو تن چيو هاٿي لڪڻ جهڙو آهي، جن پني تي هٿ ڦيريا تن چيو تہ هاٿي ڪوني جي ڇت جهڙو آهي ۽ جن هاٿيءَ جون ٽنگون ڇهيون، انهن چيو تہ سڀ ڪوڙ ٿا ڳالهائين، هاٿي ٿلهہ وانگر آهي. اهو ئي فرق آهي هن انسان ذات جي ول ڇل کي سمجهڻ ۾، عين جي اک وارو اها ڳالهہ سمجهي تہ اصليت ڇا آهي.

مئي هاٿي سين مامرو اڇي پيو انڌن،
مناڙين هٿن سين اڪئين ڪين ڏسن،
في الحقيقت ڪي فيل سڃائي سمجهن،
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

هن فرمان واري بيت ۾ لفظ بصيرت ڪم آندل آهي، بصارت ۽ بصيرت ۾ فرق آهي. جهڙي ريت رحمان ۽ رحيم ۾ جدا جدا راز سمايل آهن. الله پاڪ پنهنجي سموري مخلوق لاءِ رحمان آهي پر انهيءَ مخلوق ۾ جن تي نعمتون عطا ٿيون، انهن کي انعمت عليهم جو درجو عطا ڪري رحمانيت سان گڏ رحميت ۾ داخل ڪري ڇڏيائين. رحيم خاص لاءِ ۽ رحمان عام لاءِ آهي. اهڙيءَ ريت بصارت اها ڏ سڻ واري اک آهي، جيڪا عام کي عطا ٿيل آهي ۽ اها عام واري اک هن سڄي ڪائنات جي ظاهري پسمنظر کي پنهنجي اصل جوهر ۽ شڪل ۾ ڏسي ۽ پسي سگهي ٿي، جنهن ۾ ظاهر بين کي ڪسي، نالي، اڏ، واڪر، سونهي، نئہ، شاخ، واهہ ۽ درياهہ جدا جدا نظر اچن ٿا ۽ ظاهر بين سمجهي وينو تہ هر هڪ جدا جدا آهن ۽ انهن ظرف کي

ڏنو پر مظروف کي نہ سمجهيو. مظروف کي سمجهڻ لاءِ بصرت کپي. بصيرت اها اندر جي اک آهي، جنهن سان روحاني طور ڏسي سگهجي ٿو، جنهن ۾ شڪليون ۽ صورتون بوتو يا ظرف آهن. مگر مظروف ۾ اصل عام آهي، اها اصل هڪ آهي. ان لاءِ انسان شناسائيءَ واري اک گهرجي. اک اها ئي ڏار جيڪا هر ويل پسي پرينءَ کي، انهيءَ بصيرت واري اک سان اصل واري تهه تائين سجاڳ حاصل ٿي سگهي ٿي، پوءِ ان کي اهو ئي اَنُ نظر ايندو. باقي ڪانو ۽ پن ظاهري صورت آهي، جنهن جي ڳِپ ۾ اَنُ سمايل آهي:

اڳتي بہ هو ان، پوءِ بہ ٿيندو ان،
هي ڪانو ۽ پن، وچان ويندو نڪري.

## ۱،۲،۴ انسان شناسيءَ جا عنصر/پهلو

هي دنيا سونسائي ۽ توهم پرست سماج آهي، جنهن ۾ گهڻائي وارن جي سوچ وهم ۽ وسوسن تي آڌاريل آهي، حقيقي مذهب جي تعليم اعليٰ انساني ترقي واري فڪر تي آڌاريل آهي. ان جو مقصد انسان کي هڪ مُٺ ۽ ايڪتا ۾ آڻڻ آهي، پر گهڻي زماني تائين ماڻهن کي مذهب جي صحيح ۽ سچي تعليم پلئہ ڪانہ پئي.......

شاهہ عبداللطيف واري دور ۾ بہ اڄ جهڙي سماجي حالت هئي، مغل شاهيءَ جي زوال پذير بنياد پرست سماج جي جهالت جي ڪاري رات ختم ڪونہ ٿي هئي، هر دور وانگر هڪ سرڪار نواز: علماءِ سوء جو گروهہ، پير، مرشد عام ماڻهن جي ابوجهائپ مان فائدو وٺندو پئي آيا.

ويا سي وينجهار، هيرو لعل وندين جي،
تنين پسندا پويان سيئي لهن نہ سار،
ڪُٺين ڪٺ لهار، تنين سندي پيٽين.

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٺان ڏوهہ چڙهن، جيئن ورق وارين وترا.

سا سٽ نہ سارين، الف جنين جي اڳ ۾،
ناحق نهارينِ، پنا ٻيا پرينءَ لاءِ

**۴،۲،۲ بنيادي وحدت**

جهڙي طرح شين جي شڪلين ۾ اختلاف جي باوجود انهن ۾ بنيادي وحدت موجود هوندي آهي. اهڙي طرح ڀٽائيءَ کي معلوم ٿيو تہ مذاهبِ عالم جي ظاهري ڪثرت جي پويان باطني وحدت لڪيل آهي. مذهبن جا بنيادي مقصد گهڻو ڪري ساڳيا آهن. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا چند بيت اهڙن خيال جي تائيد ڪن ٿا:

ڪيو مطالع مون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تون هين تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي غور ۽ فڪر بعد انهيءَ نتيجي تي پهتل ڏسجي ٿو تہ دنيا جي تعمير ۽ انسان ذات جي ترقي، سواءِ امن ۽ سلامتي جي حاصل ٿي ڪين سگهندي، هو هر انهيءَ ڳالهہ جو مخالف هو، جنهن مان انسانن جي وچ ۾ فساد پيدا ٿيڻ جا امڪان هئا. هن اسلام کي فتح ۽ حڪمراني جو مذهب نہ ٿي سمجهيو، نہ ڪو مسلمانن کي قومن جي امامت ڪرڻ جي تلقين ٿي ڪيائين، هن مونن ۾منهن پائي غربت ساڻ گذارڻ جي تلقين هڪ طرف ڪئي تہ ٻئي طرف صاف چيائين تہ:

هو چونئي تون م چئو واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي.

### ۴,۲,۳ خود شناسي

خودشناسيءَ مان مراد پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ آهي، ليڪن پاڻ سڃاڻڻ لاءِ خوديءَ جو خاتمو ڪرڻ ضروري آهي. جنهن پنهنجي ذات ۽ وجود تي ويچار ڪري زندگيءَ جي حقيقي مقصد کي سڃاتو ۽ ان موجب زندگي گذاري تہ اهو ڪامياب ٿي ويو.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ انسان ڪجھ بہ نہ آهي. اگر ڪجھ آهي تہ اهو سڀ مالڪ جي فضل ۽ ڪرم سان آهي، ان جو بندو ۽ ٻانهو آهي، انڪري انسان جڏهن پنهنجي وجود تي غور ڪندو تہ ان جي اندر عاجزي ۽ انڪساري جو جذبو پيدا ٿيندو ۽ اهو جذبو ڪيس ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪندو. ٻيءَ صورت ۾ انسان ۾ خودي، تڪبر ۽ رياڪاري واري شيطاني وصف پيدا ٿيندي، جيڪا ڪيس ناڪامي ۽ ذلت سان همڪنار ڪندي. شاهہ لطيفؒ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ واري فلسفي جو قائل نظر اچي ٿو. سندس ڪلام مان پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ، خوديءَ جي خاتمي، عاجزي ۽ انڪساريءَ جو سبق ملي ٿو. شاهہؒ انسان کي پنهنجي وجود ۽ هستيءَ جي مٽائڻ ۾ ئي عزت وارو مقام ۽ مرتبو حاصل ڪرڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

نابودي نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو،
مورت ۾ مخفي ٿئا، صورت پڻ سيئي،
ڪبي ات ڪيهي، ڳالھ پريان جي ڳجھ جي.

(سُرڪلياڻ، د ۱، ب ۲۳)

جنهن نابوديءَ عبد کي اعليٰ ڪيو، يعني جنهن انسان پاڻ سڃاڻي خوديءَ جو خاتمو ڪيو، ان جي مقام ۽ مرتبي کي قران وري هن طرح بيان فرمايو آهي:

"إِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ ۙاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۝٢٣" (هود، ٢٣)

ترجمو: "بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن نويا سي بهشتي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن." (امروٽي، 1999ع: 270)

شاهه لطيفؒ اسان کي خبردار ڪندي فرمايو آهي ته جيئن هڪ مياڻ ۾ ٻن تلوارن جي جاءِ نه هوندي آهي، تيئن هڪ من ۾ خودي ۽ خداوند عالم ڪيئن گڏ رهي سگهندا، انڪري خودي ڪڍي ٻاهر ڦٽي ڪرڻ گهرجي:

ڪيئن ماٽيندا من ۾، خودي ۽ خدا،
ٻن ترارين جا، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾.

(سُر ڪلياڻ، د ٢، ب ٣)

شاهه لطيفؒ خوديءَ جو ٻنهه وڏو مخالف آهي. سُر رامڪليءَ ۾ انسان کي هدايت ٿو ڪري ته:

ترڪ ڪر طلب سين، لاهوتي مَ لڄاءِ،
خودي ڪڻ مَ پاڻ سين، جوڳين وٽ جَلاءِ.

(سُر رامڪلي، د ٧، وائي ٢)

شاههؒ خوديءَ کي جوڳين وٽ جلائڻ جي صلاح انڪري ٿو ڏئي ته جيڪڏهن هن دنيا ۾ خوديءَ کي نه ساڙيو ويو ته پوءِ آخرت ۾ خوديءَ سبب خود ٻاهه ۾ سڙڻو پوندو.

ڄاڻي توءِ مَ ڄاڻ، هيءُ در ابوجهن جو،
ان در سيئي اگهيا، جن نه ڀانيو پاڻ،
رونجهاڻي راڄاڻ، آهي ابوجهن جو.

(سُر پرڀاتي، د ١، ب ١٩)

شاهه لطيفؒ سڌُن کي مارڻ، طمع کي ترڪ ڪرڻ، ويرين جي ڪاهن تي وطن واسين جو واهرو ٿيڻ، گولن جي گولي ٿيڻ، ڪيني کي قتلام ڪرڻ، گُر ۾ پرين پسڻ، خوديءَ کي ڪائڻ، سچ جي سين هٽڻ، تن کي تسيا ڏيڻ، لنگ ۽ لانگ ڪيڻ، ماري کي مات ڪرڻ، سڀ ۾ پرين پسڻ جي تعليم ڏئي ٿو. دشمن يا مخالف کي حملي کان روڪڻ لاءِ هينئين قسم جولفظ ڪتب آڻي ٿو.

ڪشي ڪانُ ڪمانَ مان ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ساڳئي وقت پاڻ کي، مطلب ۽ جاهل ڪارڪن يا ملڪي ليڊرن جي ڦندي ۾ ڦاسڻ کان منع ڪندي چوي ٿو:

ڪُنيس ڪُويجن تن طبيب نہ گڏيا،
ڏيئي ڏنڀ ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏکويو.

پوءِ ڪين پتنگن جا مثال ڏيئي مقصد ۽ مراد لاءِ مرڻ ۽ قربان ٿيڻ جو سبق سکڻ جي هدايت ڪندي چوي ٿو تہ:

پڇ پتنگن کي سنديون ڪامڻ خبرون،
آٽيو وجهن آڳ ۾ جيءُ پنهنجو جيءُ،
جيري جنين جي، لڳا نيزا نينهن جا.

اٺ جي مشابهت هڪ جاءِ تي خادم ملڪ ۽ سالڪ راهه سان ڪندي ان کي دنيا جي ڪنن مسافرين طئي ڪرڻ واسطي همٿائڻ لاءِقسم وجهي چوي ٿو تہ:

ڪرها ڪر سجاڻ پيڪو ۽ پانهنجو،
اصل آهي اوهان جو ناليرو نڌاڻ،
ڪرها اسان ساڻ، کي چانگا ڪَجُ چڱايون.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سر سريراڳ ۾ حياتيءَ کي سناٽي سمنڊ جي مسافري سان ڀيٽ ڏئي ٿو:

جتي ڪيئي ٿو لهرين، لس ۽ ليٽن سان.

مسافر کي مينهن مقابل ٽيٽو پوي ٿو، جتي آب جو انت نہ آهي، چڪڻ چاڙهہ ۽ ڪپر ڪارونيار آهن، ان ۾ محبت، وطن يا اخلاق جي ڏٽيءَ کي سچ جي سوداگر سان تشبيهہ ڏنل آهي. ان ۾ سندس رهبري ۽ هدايت لاءِ ڪي تجويزون پيش ڪيل آهن، جن مان توڪل، توبهہ، ٻانهپ، سچي دل سان شيوا ڪرڻ يعني پنهنجي مقصد سان محبت رکڻ، غلفت کي ترڪ ڪرڻ يعني جاڳڻ، پاٽيٽ پرکڻ، ابتدا ۾ ترهو تاڙي ٻڌڻ، ملان ۽ معلم پڇي خبرون پروڙڻ وغيره اهم آهن.

لڙ لهريون لس ليٽ جتي انت نہ آب جو،
الله اول م ان جا ٻيڙا متي ٻيٽ،
جوکو ٿئي م جهاز کي ڦرهي اچي م ڦيٽ،
لڳي ڪام ڪپيٽ، هن غاريبي غوراب کي.

-

تانگهي ۾ تاڙي ٻڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آڏي ڪو نہ ڏيندو ٻيو.

-

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾ ذرو ٿئي نہ ضاءِ،
ساڪا هڙ هلاءِ، آڳهہ جنهن جي ايئين.

-

رنگي ۾ راٽي وٺي وجهه وکر جا،
وير وڙهندي ويسرا، ويهه ۾ ويڳاٽا،
هي نند نہ ڇاٽان، ڪڏهين هٽنديئي ڪن ۾.

شاهه لطيفؒ جي پيغام ۾ اسلامي تعليم مان ثابت ٿيو تہ انسان جي ڪاميابيءَ جو راز خود شناسي ۾ خوديءَ جي خاتمي ۾ سمايل آهي.

## ۴،۲،۴ جوڳُ ڪَٽڻ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سر ساموندي‌ءَ ۾ انهن وڻجارن جو ذڪر ڪيو آهي جي قوم ۽ ملڪ خاطر گهر ڇڏي ٻي گهر ٿين تا ۽ ورهين جا ورهيہ قيدن، جلاوطنين ۾ جوڳ ڪٽڻ جي سزا ڀوڳين تا، سدائين مسافري ۾ آهن، جن جي لاءِ سندن ونيون پيون واجهائين، وڻ ٽڻ وائينٽون ٻڌن، ڏيا ٻارين سڪائون باسين:

ساموندي ساري، متي تڙ گذاريان،
مون ڪي ٿي ماري، انهين سندي ڳالهڙي.

-

جو تڙ ڏيا ڏي وڻ ٽڻ ٻڌي وائينٽون،
الا ڪانڌ اچي آسائتي آهيان.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي نظر ۾ مقصد کان سواءِ زندگي بيڪار آهي، ان واسطي چوي ٿو تہ:

ساهڙ ڏاران سهٽي آڏوتي آهي،
ڪئنڍيون جو ڪاهي، پاسي تنهن پاڪ ٿئي.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي اعلىٰ مقصد ۽ منزل جي راھ ۾ قربان ٿيڻ لاءِ چوي ٿو تہ:

تہ کر ڪئين سئي، جي سير نہ گهڙي سھٽي،
ھت حياتي ڏينھڙا، ھڏ ھن تان نہ ھئي،
چڪي تنھن چري ڪئي، جو ڏنس ان ڏھي،
ھنئين ھوند مُئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿيا.

انسان کي مقصد تائين پھچڻ لاءِ مسلسل ڪوشش جو درس ڏيندي چوي ٿو :

نڪو سندو سور جو، نڪو سندو سڪ،
عدد ناھي عشق، پڄاڻي پاڻ لھي.

سچي قومي خادم تي حڪومت جي عياشي ۽ نعمتون اثر نٿيون ڪري سگھن.

ڪاڪ نہ جھليا ڪاپڙي، موھيا نہ محلن،
ٻائن ۽ ٻانھن جي، ٻنڌڻ ڪين ٻُجھن،
لڪين لاھوتين، اھڙيون اوريان چڙيون.

سچا قومي خادم، سياست ۽ ملڪ ۾ ھڪ اٽليءَ ۽ وڏي قيمتي سوڪڙي ٿيندا آھن. اھي سياستدان ڪنھن لالچ ۽ لوڀ ۾ دلچسپي ڪو نہ وٺندا آھن. پر ملڪ ۽ ماڻھن جي سڌاري ۽ نفعي لاءِ، ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳندا آھن. شاھ عبداللطيف ڀٽائي انقلابي ڪارڪنن جي پاڻ ٻجائڻ، ھلت چلت ۽ عادتن طور طريقن، خوبين، خاصيتن ۽ صفتن جو ذڪر ڪيو آھي:

مون سي ڏنا ماءُ جنين ڏنو پرين کي،
انهي سندي ڪاڻ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

انهن جي اعلىٰ مقصدن ۽ ڏکين پنڌن پيچرن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

ڏوٿي سا ڏورين جا جُوءِ سُئي نہ ٻڌي،
پاسا مٿي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
ويا ات ووڙين، جت نهايت ناهہ ڪا.

مخلق، قومي خادم کي صبر سان ميدان مارڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

سوڍا صبر تنهنجو، ٻي عقل آڻي بار،
سندي صبر ساز، توبهہ ڪاريم تڪڙي.

مذهبي ۽ اخلاقي رهبرن جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ:

نوري ۽ ناري، جوڳيئڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آءٌ نہ جيئندي ان ري.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ٻن قسمن جي ماڻهن جون وصفون بيان ٿو ڪري. سندس خيال موجب نوري اهي جوڳي آهن جن ۾ هيٺيون وصفون هونديون آهن- آرام کي اوڏا نہ اچن، وٽن ڪال ڪونهي حال آهي.

پانئڻ پچي چڏيون اٿن،
نڪي ڪٽن پاڻ سين نہ ڪو ساٽن اٿن.

اهڙا رهبر اٽلي ۽ وقت جا مهمان هوندا آهن جيڪڏهن هٿ اچن تہ هر گهڙي انهن جي صحبت مان فائدو وٺڻ گهرجي، جي ويا هليا تہ ٻئي ڀيري انهن جو ملڻ مشڪل آهي.

تان ڪي ساڻن اور، جان ڪي آهين اوطاقن ۾،
ڏھ ڏھ پيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٽائن گھور،
وئا جي هنگلور، ڪرم ملنڊ ڪاپڙي.

سياسي دنيا ۾ ڪيترائي ڪارڪن، اصولن کي ڇڏي عارضي نفعي، شخصي فائدي ۽ اقتدار کي منو ڪن ٿا، جيتوڻيڪ انهن کي وقتي فائدو حاصل ٿئي ٿو، ليڪن تاريخ ان جي شاهد آهي ته انهن جي پڇاڙي اڪثر خراب ٿي ٿئي. انهن بابت شاهه عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو ته:

مٽئي تي موهجي، هاري! ڳيڙُءِ هار،
ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، انهين خم خوار،
پري ويو پتار، آيئي ڏنءُ ڏهاڳ جو.

شاهه اهڙن ماڻهن کي نصيحت ڪري چوي ٿو ته انهي وقتي نفعي حاصل ڪرڻ جي ڳالهين مان ڪجهه به هٿ حاصل ٿيڻو نه اٿو، جيڪي اصولن خاطر مشڪلاتن کي مُنهن ڏين ٿا، آخر ته نيٺ انهن جي چڱي ٿيڻ واري آهي:

گھوريو سو سهاڳ، جنهن ۾ پسين پاڻ کي،
ڏوري لهه ڏهاڳ، جنهن ڪر لاهو داسڙو.

شاهه عبداللطف ڀٽائي ڪونجن جو قصو ٻڌائي قومي محبت تازي ڪرڻ گهري ٿو:

وڳر وساري وينين ڪيئين ماٺ ڪري،
ڪ تون، نه ماري، رڻ جهڻ سندي سڄٽين؟

قوم جي دشمن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته:

ماري مرين شال، سڀ وجنئي ڍيون،

جيئن تو اچي ڪالهہ، وڏو وچ ورهن ڪي.

شاهہ عبداللطيف چوي ٿو تہ جيڪڏهن عمر جو گھڻو حصو تون اجايو وڃائي ڇڏيو آهي تہ بہ اميد نہ لاهہ ۽ عمل جي ميدان ۾ گھڙي پئو پوءِ جيڪڏهن ٻيو ڪجھہ هٿ حاصل نہ ٿيندءِ تہ بہ خادمن جي لسٽ ۾ تہ داخل ٿي ويندين.

توڙي وڏي ٿئينءِ، توءِ اٿي آتڻ آءُ،
ٿي پيڙي پيرم وارئين، ٻي هڏ ڪرم ڪلي،
تہ صراف تو صباح، ڪوٺي ڪاتارن سين.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سر پرڀاتي ۾ لسٻيلي جي سخي سردار سپڙ ڄام جي نالي ۾ بخشش الاهيءَ جو ذڪر ڪري ٿو:

ڏاتار تہ تون، ٻئا مڙيئي مڱڻان،
مينهن منداٿتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گھر اچين مون، تہ ميريائي مان لهان.

سنڌ جي عوام جي مشڪلاتن ۽ تڪليفن واري زندگي هوندي بہ هنن ۾ جو ست ۽ همت آهي، تنهن جو ذڪر ڪندي شاهہ چوي ٿو تہ:

زيرين ٻيڙين لوهہ ۾، ڳنن ڪيس ڳالهہ،
سوڪي سندي سومري، هڏ نہ چاڙهيم ماهہ،
سرتيون دعا ڪجاهہ، تہ پرم پاروڙيءَ رهي.

غلاميءَ جي زندگي عوام جو بڇڙو حال ڪيو آهي، ان جو ذڪر هيٺين طرح ڪري ٿو:

سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهہ حسن ري.

حڪمران طبقي ۽ ڏارين جي ساز ۽ سامان، حڪومت ۽ دٻدٻي، علم ۽ عقل کي ڏسي جي ماڻهو عارضي نفعي خاطر پنهنجين روايتن کي ڇڏي انڌي تقليد ڪرڻ لڳن ٿا ۽ ملڪي معاملات سان غداري ڪن ٿا، تن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

هن منهن ڏيئي ٻن، تون وهہ ڪائي نہ مرين،
تان جي ملير ڄائيون، توسين سڱ نہ ڪن،
تون ڪيئن منجهان تن، پاڻ ڪوٺائين مارئي!

### ۴,۲,۵ انسانيت

انسانيت لفظ جون مختلف معنائون آهن، وقت ۽ حالتن مطابق، ان جي مختلف طريقن سان تشريح ڪئي وئي آهي. ڇاڪاڻ تہ ليکڪ يا ذهين ماڻهو اڃا تائين ڪنهن هڪ فيصلي تي نہ پهچي سگهيا آهن، جيڪو انسانيت کي بيان ڪرڻ چاهيندو اهو آساني سان منجهي پوندو، تنهن ڪري هتي ان جا مختلف بيان پيش ڪجن ٿا:

- **لٽريسي (تخليقي انساني)**

انسانيت جي بقا لاءِ ۽ تخليقي ماحول، تهذيب جي لئہ

- **پيهر جنم وننڊز انسانيت**

وچولي عرصي جي ختم ٿيڻ تي انساني جزبي ۽ اٽڪ ڪوشش جي تحت پراڻي تخليق کي نئون رنگ ڏنو، جنهن جو مقصد سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ظاهر ڪرڻ هو.

- **مغربي تهذيب جي انسانيت**

تهذيب جي بقا ۽ ارتقا، يونان ۽ روم ۾ شروع ٿي ۽ يورپ تائين ڦهلجي وئي، هاڻي يورپ جو خاص جز ٿي ويئي.

• **فلسفي انسانيت**

اهڙو طريقو آهي جيڪو انساني ضرورتن ۽ خواهشن تي ٻڌل آهي، هن جا ڪجهه بنيادي حصا آهن، جيئن عيسائي انسانيت ۽ نئين يا جديد انسانيت وغيره.

• **آزاد انسانيت**

هن ارڙهين صدي جي شعور ۽ جدوجهد مان جنم ورتو ۽ اڻوهين صديءَ جي آزاد خيال مان پختگي حاصل ڪئي. هن ۾ مختلف آزاد خيال گروپ، فلاسافر، سائنسدان ۽ ٻيا ماڻهو اچي وڃن ٿا.

• **مذهبي انسانيت**

۽ عالمي تهذيبون پنهنجو پاڻ ڪي هن جو حصو سمجهن ٿيون.

## ۴,۲,۶ انساني حق

هر سماج پنهنجي ماڻهن کي ڪي بنيادي حق ڏي ٿو ۽ ڪجهه انساني آزادين کي مڃتا ڏي ٿو. اهي انساني حق انسان کي ڄاڻي ڄائي ڄم کان حاصل هوندا آهن). جن ۾ انسان جا اهڙا فطري حق به شامل آهن، جيڪي ان کان کڏهن به قانون يا دستور ذريعي کسي نه ٿا سگهجن. اهي حق سڀ کان پهرين ۷۸۹ﷴع ۾ فرانسيسي انقلاب کان پوءِ جڙيل ‘French Declaration of Rights’ ۾ شامل ڪيا ويا، جنهن مطابق برابري، آزادي، ملڪيت، سلامتي، جان جي حفاظت ۾ ڏاڍائيءَ کي روڪڻ جي حقن کي انسان جا ’بنيادي حق‘ قرار ڏنو ويو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ٿيل انساني حقن جي لتاڙ کي نظر ۾ رکندي، اقوام متحده ﷲﷴ دسمبر ۹۴۸ﷴع ۾ انساني حقن وارو عالمي پڌرنامو

پيش ڪيو، جنهن ۾ انساني حقن جو ذڪر تفصيل سان بيان ٿيل آهي، ان حوالي سان هر سال ١٠ ڊسمبر تي دنيا ۾، بنيادي انساني حقن جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي.

**سنڌي آن لائين ڊڪشنري مطابق:** سموري دنيا ۾ انساني حق، بنيادي حقن ۾ ليکيا ويندا آهن. اهڙن بنيادي حقن جي حاصلات کان سواءِ ڪو به انسان پنهنجي سماج ۾ آزاد زندگي نٿو ماڻي سگهي. اسان جي ملڪ ۾ لاڳيتو آمريتن جي سلسلي کان پوءِ نيٺ ١٩٧٣ع ۾ جمهوريت جي دور ۾ پيرپاتو ۽ ١٩٧٣ع ۾ هن ملڪ کي هڪ آئين به مليو، جنهن ۾ ڇٽي نموني انساني بنيادي حقن جو تفصيل ڏنو ويو آهي. هن آئين ۾ ڄاڻايل آهي تہ ڪو بہ اهڙو قانون جيڪو بنيادي انساني حقن جي تضاد ۾ ايندو سو پاڻمرادو ڪالعدم ٿي ويندو.

(هن آئين ۾ تمام شهري حقن ۽ آزادين جو صاف لفظن ۾ عالمي سطح جو اُپٽار ٿيل آهي. هن ۾ فرد جي شخصي آزادي، مان، شان، وقار ۽ عزت نفس جي تحفظ جي مڪمل ضمانت مليل آهي. هن آئين ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ، تقرير ۽ واعظ ڪرڻ، عقيدي ۽ مذهب ۽ عبادت جي آزادي ڏنل آهي. ان ريت سمورا بنيادي انساني حق هن آئين ۾ ڏنل آهن.

### ۴,۲,۷ شهري حق

شهري حق دنيا ۾ آمريڪا جي صدر جان ايف ڪينيڊي، آمريڪي سينيٽ ۾ سال ۱۹۶۴ ۾ هڪ دستاويز جي صورت ۾ متعارف ڪرايا، اسان جي ملڪ جي ۱۹۷۳ع جي آئين جي ۸ کان وٺي ۲۸ تائين وارين شِقن ۾ اهي سمورا حق ڄاڻايل آن، انهن شهري حقن ۾ آئيني ۽ قانوني، انساني ۽ سياسي حق شامل آهن.

## حوالا


١. امروٽي، تاج محمود، مولانا (١٩٩٩ع): قرآن عظيم، ڪراچي، تاج ڪمپني لميٽيڊ.

٢. دائودپوٽو، عبدالغفار، گوهر (٢٠٠٣ع)، نفسيات ۽ تعليم، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٣. جسڪاڻي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر (٢٠١٠ع): شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر، (ڇاپو ٻيون)، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٤. جلال الدين، مولانا، رومي (٢٠١٠ع)، مثنوي رومي، مترجم: مولانا محمد رمضان مهيري. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٥. جويو، تاج، مرتب (٢٠٠٢ع)، شاهه لطيف: هڪ تحرڪ، هڪ تحريڪ، ڀٽ شاهه/حيدرآباد: ثقافتي مرڪز.

٦. قاضي، علي احمد، ڊاڪٽر، (٢٠٠٦ع)، نفسيات [پاڻ سڃاڻ]، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

٧. ميمڻ، فضل الرحمان، (٢٠١٧ع)، شاهه جو فڪر ۽ فلسفو، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٨. ميمڻ، عبدالمجيد،سنڌي، ڊاڪٽر (٢٠١٠ع)، لطيف جو پيغام، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي

٩. سنڌي آن لائين ڊڪشنري.

# باب پنجون

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انسان شناسيءَ واري سوچ جا ماخذ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾، انسان شناسيءَ واري سوچ جي ماخذن جو جڏهن اڀياس ڪجي ٿو تڏهن ائين محسوس ٿئي ٿو تہ انساني ڪلام هوندي ان کي سرجڻهار، جنهن انداز ۽ طريقي سان سرجيو ۽ رچيو آهي، اهو سندس ذهني پختگي، فڪري بلندي، ڳوڙهي ويچار ۽ مشاهدي جو ڪمال آهي، جيڪو پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان خيالن کي، اکين آڏو آڻي بيهاري ٿو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ اهو اعليٰ گڻ محض انهيءَ ڪري آهي جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي محسوسات، مشاهدي ۽ تخيل جي عنصرن کي حڪمت جي اوصاف سان هم آهنگ ڪري عقلي صورت کي بيان ڪيو آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جو ذهن بتدريجي صورت سان ان طرف منتقل ٿئي ٿو، جن کي شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي. محمد حسين ڪاشف پنهنجي مضمون "شاهہ جي ڪلام جا فڪري ماخذ" ۾ لکي ٿو تہ:

لطيف جي اهڙي ڪمال واري شاعريءَ جا ڪهڙا فڪري ماخذ ٿي سگهن ٿا، جن کيس دائميت بخشي آهي، جڏهن انهيءَ مسئلي تي غور ڪجي ٿو تہ هيٺيان عنصر نمايان نظر اچن ٿا:

تاريخ جو اهو دور، جنهن ۾ پاڻ اک کوليائون ۽ زندگي گذاريائون، ان دور جي سياسي ۽ سماجي حالت ڪهڙي هئي.

خاندان، ماحول، پرورش ۽ والدين جي تربيت جو مٿن اثر انداز ٿيڻ.

سير و سفر ۽ زندگيءَ جي مختلف روين ۽ عام حالتن جو اڀياس ۽ ان جي نتيجن کي غور فڪر سان بيان ڪرڻ ۽ جوڳين سامين سان ڪجهہ گهارڻ.

وقت جي درويشن، عالمن، فاضلن، شاعرن سان صحبتون ۽ رهاڻيون، انهن جي فڪري اثر پذيري.

راڳ کي روح جي غذا سان تشبيهه ڪري تصور ڪرڻ ۽ ان جي اظهار لاءِ پنهنجو منفرد طريقو اختيار ڪرڻ.

روحاني رمز آفريني کي طئہ ڪرڻ سان گڏ حق جي ذات جو اظهار ۽ ان جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ ڪلام ۾ ترغيب ۽ تلقين جو طريقو اختيار ڪرڻ، ان لاءِ قرآن ۽ تصوف کي رهبر بنائڻ." (ڪاشف، ٢٠٠٢: ٦٦)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي سموري ڪلام جي اڀياس ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو ته شاهه جي ڪلام ۾ انسان شناسيءَ واري سوچ جا ٻه ماخذ يعني هڪ بنيادي ۽ ٻيو ثانوي- بنيادي ماخذ جو تعلق، قرآن مجيد، حديث، شريعت (شرعيت) ۽ تصوف سان آهي ۽ ثانويءَ جو تعلق، شاهه جي ڪلام ۾ موجود سُرن سان ٻيهي ٿو. جن ۾ شاهه لطيفؒ انسان شناسيءَ کي سمجهڻ ۾ ڪي نه ڪي باريڪ نُڪتا سمجهايا آهن، جن جي اڀياس کان پوءِ ئي ڪن نتيجن تي پهچي سگهجي ٿو.

## ٥,١ بنيادي ماخذ

انسان شناسيءَ جو بنيادي معاملو رب پاڪ جي هيڪڙائي ۽ وحدانيت جو دل سان اقرار ڪرڻ آهي، اهو اقرار رڳو زباني ڪلامي نه هوندو آهي پر عملي طور تي ڪري ڏيکاريو آهي، يعني انسان، پنهنجي عمل سان اهو واضح ڪندو آهي ته هو هڪ واحد رب پاڪ کان سواءِ ڪنهن ٻئي طاقت جو خوف پنهنجي اندر ۾ نه رکي ۽ حقيقي معبود کان علاوه ڪنهن ٻئي جي آڏو نه جُهڪي، انسان جڏهن غيرالله جي اڳيان سر جهُڪائيندو آهي، ته ان وقت سندس من ۽ تن هن جو پنهنجو نه رهندو آهي.

## ٥,١,١ قرآن مجيد

قرآن مجيد کي شاهہ لطيفؒ جي ڪلام ۽ فڪر لاءِ بنيادي ماخذ جي حيثيت حاصل آهي. انڪري، سندس ڪلام ۾ قرآن ڪريم واري آفاقي فڪر جو رنگ چڙهيل آهي، جنهن جو اعلان لطيفؒ پاڻ وڏي واڪي ڪيو آهي تہ:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نِئو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

(سُر سهڻي، د ١٢، ب ١٠)

شاهہ لطيفؒ جي سوانح حيات مان بہ اها تصديق ملي ٿي تہ قرآن پاڪ، مثنوي مولانا روم ۽ شاهہ عبدالڪريم بُلڙيءَ واري جو رسلو ساڻن سير ۽ سفر ۾ هر وقت گڏ هوندا هئا، جن جو سندن ڪلام تي گهرو اثر نمايان نظر اچي ٿو.

جهڙيءَ طرح مولانا جلال الدين رومي جي مثنويءَ متعلق مولانا عبدالرحمان جامي هڪ ڏگهو نظم لکيو، جنهن ۾ مثنويءَ ۾ سمايل فڪر جي باري ۾ فرمايو تہ:

مثنويءَ مولوي معنوي،
هست قرآن در زبان پهلوي.

(شاهواڻي، ١٩٩٩ع: ٢١)

يعني مولانا روميؒ جي معنائن سان ڀريل مثنوي جڻ پارسي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد آهي. ڀٽائيءَ جي ڪلام لاءِ بہ مولانا جاميءَ وانگر سنڌ جي جامي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي هيءَ دعويٰ بہ ملي ٿي:

آهي عبداللطيف تي رضامندو رحمان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو.

(دائودپوٽو، ١٩٥٤ع: ٦٤)

شاهه لطيفؒ جي رب ڪريم جي پاڪ ڪلام سان محبت رڳو عمل ۽ پنهنجي ڪلام ۾ حوالن جي حد تائين نہ بلڪ ڪيس ڪلام الله سان دلي لڳاءُ ۽ عقيدت بہ هئي، جنهن جو اظهار هن بيت ۾ ڪيو اٿس:

منايان مِنو گهڻو، ڪڙو ناه ڪلام،
سُڪوت ئي سلام، پريان سندي پار جو.

(سُر آسا، د ٥، ب ١٠)

يعني محبوب جو ڪلام منائيءَ کان وڌيڪ ميناج وارو آهي ۽ سندس پار کان جيڪي ڪجهہ اچي ٿو، سو سراپا سلامتي آهي.

شاهہ لطيفؒ رب پاڪ جي پار کان عنايت ڪيل ان هدايت ۽ رحمت لاءِ وڌيڪ وضاحت ڪندي چوي ٿو تہ پرينءَ جي پار کان جيڪي ڪجهہ نازل ٿيو آهي، سو مڙيوئي منائي آهي، ليڪن شرط اهو آهي تہ تون محبت سان چکي ڏس تہ پوءِ توکي خبر پوندي تہ ان ڪلام ۾ ڪيترو نہ مناڻ آهي.

پريان سندي پار جي مِڙئي منائي،
ڪانهي ڪَڙائي، چکين جي چيت ڪري.

(حوالو مٿي ڏنل)

لطيفي فڪر موجب، رب ڪريم جي پار کان جيڪو بہ امر اچي ٿو، ان ۾ حڪمت ۽ راز سمايل آهي، جيڪو انسان جي سمجهہ کان بالاتر آهي، يعني اصل ڳالهہ آهي انسان جي پنهنجيءَ سوچ جي، اهڙي قسم جي وضاحت، قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي، جنهن ۾ انسان جي پسند ناپسند بجاءِ الله تعاليٰ جي امر جي اهميت کي هن ريت بيان فرمايو ويو آهي تہ:

”...وَعَسٰٓى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٢١٦“ (البقرة، ٢١٦)

ترجمو: "۽ شايد (اوهين) ڪنهن شئي کي ناخوش پانيو ۽ (حقيقت ڪري) اها اوهان لاءِ ڀلي هجي ۽ شايد ڪنهن شئي کي پيارو رکو ۽ اهو اوهان لاءِ بڇڙي هجي ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نہ ڄاڻندا آهيو." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٤٢)

شاهہ لطيفؒ ڪلام الاهيءَ جي عظمت ۽ ان جي حق جي وضاحب ڪندي چوي ٿو تہ قرآن ڪريم کي پڙهڻ سان گڏ ان کي ساهہ سان سانڍڻ ۽ ان تي عمل بہ ڪرڻ گهرجي ۽ ائين نہ ڪرڻ سان انسان وڏيڪ گنهگار ٿيندو.

پڙهيو تا پڙهن، ڪڏهن ڪين قلوب ۾،
پاٺان ڏوه چڙهن، جئن ورق وارين وترا.

(سُر يمن ڪلياڻ، د ٥، ب ٣))

شاهہ لطيفؒ عقيدي ۽ عمل جي لحاظ کان هڪ چڪو موحد ۽ سچو صوفي هو. سندس ڪلام ۾ سمايل فڪر جو مرڪز ۽ محور پوري ڪائنات جي خالي ۽ جملي جهانن جي مالڪ هڪ الله پروردگار ۾ ايمان ۽ يقين جي پختگي آهي. سڄي جڳ جهان جي خالق جي احديت، ازليت، قدرت ۽ ربوبيت جي عقيدي ۽ يقين کان سواءِ هن جهان جي جنسار جي جدا جدا رنگ روپن ۽ انساني گروهن جي مختلف ويساهن ويچارن سببان ڪُل ڪائنات توڙي انسان ذات جي وحدت واريءَ حقيقت کي سمجهڻ مشڪل آهي ۽ پاڻ هن زميني زندگيءَ ۾ انساني گروهن توڙي فردن کي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ واري سنئين واٽ توحيد جي عقيدي کان سواءِ هٿ اچڻ محال آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاهہ لطيفؒ توحيد جي عقيدي کي اسلامي فڪر جي روح طور اجاگر ڪيو آهي. توحيد جي عقيدي جون هي تندون سڄي رسالي جي متن ۾ تاڃي پيٽي وانگر اُٽيل آهن، پر سُر ڪلياڻ ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت جو ذڪر وڌيڪ وضاحت سان ڪيل آهي. هن سُر جي پهرئين داستان جي پهرئين بيت ۾ شاهہ لطيفؒ الله تبارڪ و تعاليٰ جي تعريف ڪندي سندس وحدانيت جو فڪر هن ريت ڪيو آهي:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجيءَ قدرت سين قائم آه قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪريم پاڻ ڪريم، جوڙئون جوڙ جهان جي.

(سُر ڪلياڻ، د ۱، ب۱)

ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي لکي ٿو ته:

“شاهه لطيفؒ به انبياءِ ڪرام جي سنت ۽ سيرت تي عمل ڪندي، سڀ کان پهريان سنڌ واسين سامهون الله رب العزت جي حمد ۽ ساراهه بيان ڪري صفاتِ ربانيءَ جو ذڪر فرمايو آهي ته جيئن انسان جي دل ۾ الله تعاليٰ جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جو نور منور ٿئي.” (جسڪاڻي، ۲۰۱۰ع: ۱۷۲)

شاهه لطيفؒ پنهنجي ڪلام ۾ توحيد جي وضاحت بعد توحيد جي ضد يعني شرڪ جي نفيءَ جو به نعرو بلند ڪيو آهي. سندس پيغام قرآن مجيد جي انقلابي فڪر هيٺ آهي ۽ اها به مجيل حقيقت آهي ته جيڪڏهن مڙني آسماني ڪتابن کي غور سان پڙهو ته اهي سڀ الله تعاليٰ جي توحيد جي اقرار ۽ شرڪ جي انڪار جا ترجمان نظر ايندا ۽ اهوئي سبب آهي جو ڀلارو ڀٽ ڌڻي، الله رب العزت جي توحيد جي هيڪڙائيءَ کي حق چوي ٿو ۽ ٻيائيءَ کي ٻک وجهندڙن کي گمراهه قرار ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

وحده لا شريڪ لهٗ، هيءُ هيڪڙائي حق،
ٻيائيءَ کي ٻَڪُ، جن وڌو سي ورسيا.

(سُر ڪلياڻ، د ۱، ب ۳)

شاهه لطيف جي ڪلام جو ابتدائي نصب العين خدا شناسي ۽ خدا پرستي آهي ۽ ان کان پوءِ خدائي فرمان مطابق ان ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ ڀلائيءَ

جو راز سمايل آهي. پاڻ شرڪ جي عقيدي جي نفيءَ جو سبق ڏيندي مشرڪن جي هڪ گروهہ جي نشاندهي بہ ڪئي آهي، جن جو عقيدو هو تہ خدا ٽي آهن، پر لطيفؒ اهڙن بدعقيدن رکندڙن کي "هلج پاسي هيڪ" هڪ طرفو ٿي هڪ الله ڏانهن هلڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

بيون ڏيئي ٻَن کي، هلج پاسي هيڪ،
ورنہ سهي ويڪ، تون ٽيڏي ٽيڏايون ڪرين.

(سُر ڪوهياري، د ٦، ب ٦)

ٽيڏي ٽيڏايون ڪرين، مان مراد هر ٻيري، هر وقت، هڪ جي بدران ٽي شيون ڏسڻ آهن. اڳتي هلي سُر آسا ۾ شاهہؒ وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو آهي تہ اي ٽن خدائن جو عقيدو رکندڙ ٽيڏا "هو تان آهي هيڪڙو" يعني رب ڪريم تہ اڪيلو ۽ لا شريڪ آهي:

سچ وسندي تن کي جوش جلايا جي،
طالب جي تحقيق جا، نيهہ تني وٽ ني،
ٽيڏي پسي ٽي، هو تان آهي هيڪڙو.

(سُر آسا، د ١٣، ب ٦)

## ٥,١,٢ حديث

سنڌ ۾ اسلامي اشاعت ۽ سربلنديءَ ۾ رڳو عربن جو هٿ نہ هو، پر ان مبارڪ ڪم ۾ سنڌ جا سنڌي رهواسي بہ وڏي ذوق ۽ شوق سان شامل هئا. زندگيءَ جي ٻين شعبن وانگر دينِ اسلام جي تبليغ، اشاعت قرآن ۽ حديث جي شعبن ۾ بہ سنڌ واسين پنهنجو پاڻ ملهايو. سنڌ جا ڪيترائي رهاڪو قرآن، حديث ۽ فقهہ جي تعليم لاءِ بصره، بغداد ۽ دمشق جو سفر ڪندا رهيا. انهن مان ڪافي تعداد ۾ عرب ملڪن ۾ رهي پيا ۽ اتي وڏو نالو ڪڍيائون ۽ ڪجهہ علم پرائي سنڌ موٽي آيا.

سنڌ ۾ ديبل، منصوره، محفوظ ۽ الور ڪي علمي مرڪزن جي حيثيت حاصل هئي. منصوره تہ بغداد ۽ دمشق ثاني جي حيثيت حاصل ڪري چڪو هو. سنہ 2 هجريءَ واري دؤر ۾ حديثن جي باقاعدي روايت جو سلسلو جاري ٿيو تہ سنڌ جي فضا بہ "اخبرنا و حدثنا" سان گونجڻ لڳي. ديبل ان دؤر ۾ حديث جي علم جو سڀ کان وڏو مرڪز هو. هتي سڀ کان پهريان احاديث و آثار جي روايت جو سلسلو جاري ٿيو.

ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي لکي ٿو تہ:

"ديبل جي محدثن ۾ اسان کي سڀ کان پهريون نالو شيخ عبدالرحمان بن حماد ثقفي ديبلي جو ملي ٿو، جيڪو ديبل جي هڪ قبيلي بن ثقيف جو محدث ۽ زاهد هو. سندس باري ۾ "لسان الميزان" ۾ هڪ روايت آهي تہ:

قدم علينا من السند شيخ كبير كان،
يحدث عن الاعمش و عمرو بن عبيد.

ترجمو: اسان وٽ سنڌ مان هڪ وڏو شيخ (عالم) آيو، جيڪو امام اعمش ۽ عمرو بن عبيد کان روايت ڪندو هو." (جسڪاڻي، ٢٠١٠ع: ١٤٠)

ان دؤر ۾ قيس بن بس بن بن سندي نصري جو نالو بہ ملي ٿو، جنهن قيس بہ جبيل کان حديث جو سماء ڪيو هو. هيءُ دؤر سنہ 130هہ جو هو. ان مان ثابت ٿيو تہ جبيل قيس بن بسر سندي کان ٻي صديءَ جي پهرين ربع ۾ سنڌ اندر سماع ڪيو هو. ان کان علاوه ڪئين نالا ملن ٿا، جن هن علم کي پکيڙيو.

### ٥,١,٣ شريعت (شرعيت)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ هڪ ڪامل ولي ۽ صوفي باصفا پڻ هو. هو نہ رڳو خود شريعت (شرعيت) جو پابند هو، بلڪ ڪم همت انسان کي شريعت (شرعيت) جي واٽ تي هلڻ لاءِ سُهڻيءَ جو مثال ڏيندي چوي ٿو تہ:

ساري سِڪُ سبق، شريعت سَندو سُهڻي،
طريقان تڪو وهي، حقيقت جُو حق،
معرفت مَرَڪُ، اصل عاشقن جو.

(سُر سُهڻي، د ٤، ب ١٠)

شاهہ لطيف شريعت (شرعيت) تي هلڻ جي سبق سکڻ جي صلاح انڪري ٿو ڏئي تہ ايمان ڪان پوءِ اها تقاضا ڪئي وجي ٿي تہ هر ڪلمہ گو شريعت (شرعيت) جي سيني حڪمن تي پابنديءَ سان عمل ڪري. اهو انڪري جو انسان جي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابيءَ جو دارومدار شريعت (شرعيت) جي پيروي تي ٻڌل آهي. انڪري شاهہ لطيفؒ ......ڪي شريعت (شرعيت) جي حڪمن تي هلڻ جي تلقين هن ريت ڪري ٿو تہ:

ڪري طريقت تڪيو، شريعت سُجاڻ،
هِنيون حقيقت هيرِ تون، ماڳ معرفت ڄاڻ،
هوئج ثابوتيءَ ساڻ، تہ پَسڻ ڪان پالهو رهين.

(سُر ڪلياڻ، د ٢، ب ٢٢)

شريعت (شرعيت) جي باري ۾ اسان ڪي قرآن ڪريم مان اها رهنمائي ملي ٿي تہ ايمان وارن لاءِ رسول الله ﷺ جو فيصلو ۽ حڪم شريعت (شرعيت) جو درجو رکي ٿو ۽ جيڪو ان کي نہ مڃيندو اهو گمراهہ ٿيندو.

"وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ إِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ۭ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ؃" (الاحزاب، ٣٦)

ترجمو: "۽ جڏهن الله ۽ سندس پيغمبر ڪنهن ڪم بابت حڪم ڪري (تڏهن) ڪنهن مؤمن ۽ ڪنهن مؤمناڻيءَ کي انهيءَ ڪم ۾ ڪو اختيار هجڻ نہ جڳائي ۽

جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي نافرماني ڪندو، سو بيشڪ پڌري ڀُل ۾ پيلو.”
(امروٽي، ١٩٩٩ع: ٥٠٩)

شاهہ شريعت (شرعيت) سان گڏ حق جي منزل تائين پهچڻ لاءِ طريقت واري واٽ ۽ معرفت واري ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هن ريت رهنمائي ڪري ٿو تہ:

وحده جي وڏئا، الاالله سين اورين،
هِنيون حقيقت گڏئو، طريقت تورين،
معرفت جي ماڻ سين، ڏس اندر ڏورين،
ڪُلهنئون ڪُورين، عاشق عبداللطيف چئي.

(سُر ڪلياڻ، د ١، ب ١٢)

ٻئائيءَ ٻيون سڀ واٽون وساري طريقت جي واٽ ونڻ لاءِ هن ريت هدايت ڪري ٿو تہ:

هڻ تون تند طريقت جي، ٻئا سڀ واڄٽ وساري،
سورٺ سرتين وچ ۾، اُڀي اوساري.

(سُر سورٺ، د ٤، وائي)

لطيفؒ شريعت (شرعيت) جي واٽ جي مسافر کي پنهنجي جسم جون سڀ حسون وجائي پوءِ حقيقت جي هڪل ٻڌڻ ۽ محبوب جي مشاهدي ماڻڻ جي صلاح ٿو ڏئي:

تحقيق جي تون، پر مٿي رءَ ڪٽيج،
ٻانهئان ٻَهر تي ڪُشتي ڪمائيج،
سَنڌن رءَ ساري، ڄنگهن رءَ جُليج،
جا حاج هٿن رءَ نہ ٿئي، سا تندو تي ڪريج،
هڪل حقيقت جي، ٻوڙو تي ٻُڌيج،

اندر تي پسيج، مشاهدو محبوب جو.

(سُر آسا، د ٤، ب ٥)

هن بيت ۾ شاهه دل جي ڪنن ۽ اندر جي اکين سان محبوب جي مشاهدي ماڻڻ جي صلاح ڏني آهي، ڇو ته غفلت جا عضوا معرفت واري منزل ماڻڻ کان محروم هوندا آهن، جنهن جو ثبوت قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿو:

"... لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ بِهَا ۡ وَلَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ۡ وَلَهُمْ اٰذَانٌ لَّا يَسْمَعُوْنَ بِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ۝١٧٩" (الاحزاب، ١٧٩)

ترجمو: "انهن جون اهڙيون دليون آهن، جو اُنهن سان الله جو حڪم نه سمجهندا آهن ۽ انهن جون اهڙيون اکيون آهن جو انهن سان حقانيت ڏسي نه سگهندا آهن ۽ انهن جا اهڙا ڪَنَ آهن جو حق ٻُڌي نه سگهندا آهن، ڍورن وانگر آهن بلڪ انهن کان به وڌيڪ گمراهه آهن. اهي ئي غافل آهن." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٩٨)

شاهه لطيفؒ فرمائي ٿو ته:

وَنِين ۾ وصال جي، تان ڪا ڪانِي پاءِ،
ڏُ بينائي ڏُور ڪري، معرفت ملهاءِ،
سُپريان جي سونهه ۾، رُخنو ڪونه رهاءِ،
اک اشهد چاءِ، ته مسلماني ماڻيين.

(سُر آسا، د ٤، ب ٩)

هن بيت مان مراد آهي ته شريعت (شرعيت) جي پڌريءَ واٽ تي هلندي دين جي تابعداري ڪرڻي آهي، جنهن لاءِ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته:

"ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝١٨" (جاثيه، ١٨)

ترجمو: "وري (اي پيغمبر) توکي دين جي پڌري واٽ تي ڪيوسون، تنهنڪري تون ان دين جي تابعداري ڪر ۽ جيڪي نہ ڄاڻندا آهن، تن جي سڌن پويان نہ لڳ." (امروٽي، ١٩٩٩ع: ٤٢)

شاهہ لطيفؒ رب پاڪ طرفان عطا ڪيل شريعت (شرعيت) کي سنئين ۽ سولي واٽ قرار ڏيندي، انسانن جي ڪيفيت کي بيان فرمايو آهي تہ اهي ان شريعت (شرعيت) واري رستي کي ڏنگو ۽ ڏکيو سمجهن ٿا:

سڄڻ سنيون ڪَنِ، لوڪان ليکي ونگيون،
سندي سُپيرين پر پروڙڻ ڏاکڙو.

(سُر آسا، د ١، ب ٢٤)

قرآني تعليم ۽ شاهہ لطيفرح جي ڪلام مان ثابت ٿيو تہ طريقت، معرفت ۽ حقيقت شريعت (شرعيت) جا جُزا آهن ۽ اهي شريعت جي پابنديءَ سان حاصل ٿي سگهن ٿا.

### ٥,١,٤ تصوف

حديث جي ڪتابن ۾ حضرت جبرائيل عليہ السلام واري حديث کي دين جي باري ۾ وڏي اهميت حاصل آهي، جنهن ۾ عبادت ۽ احسان جي وضاحت فرمايل آهي، چو تہ احسان ۾ ئي تصوف جو روح سمايل آهي. حديث جبرائيل عليہ السلام هن ريت بيان فرمائي ويئي آهي:

"... قال فاخبرني عن الاحسان قال ان تعبدالله کانك تراه فان لم تکن تراه فانہ يراك قال يا عمر اتدري مَنِ السائل – قلت الله و رسولُہ اعلم، قال فانہ جبريل اتاکم يعلمکم امر دينکم."(امروٽي، ١٩٩٩ع: ٤٥)

ترجمو: "... جبرائيل عليہ السلام چيو تہ مون کي احسان متعلق ٻڌايو. رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ الله تعاليٰ جي عبادت اهڙيءَ طرح

ڪر ڇڻ ته تون ان کي ڏسي رهيو آهين ۽ جيڪڏهن تون ان کي نه ڏسي رهيو آهي ته الله تعاليٰ توکي ڏسي رهيو آهي. ان بعد حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو ته اي عمر! ڇا توکي خبر آهي ته سوال ڪندڙ ڪير هو؟ مون عرض ڪيو ته الله ۽ ان جا رسول بهتر ڄاڻن ٿا، ته پاڻ سڳورنﷺ جن فرمايو ته جبرائيل عليهہ السلام جيڪو اوهان کي اوهان جو دين سيکارڻ آيو هو.“

هن حديث مبارڪ ۾ احسان کي دين جو بنياد قرار ڏنل آهي، ڇو ته احسان جو انسان جي دل سان تعلق آهي. يعني عبادت ۽ بندگيءَ دوران انسان جي اندر جي ڪيفيت اها هجي ته هو خود الله کي ڏسي رهيو هجي ۽ جيڪڏهن سندس دل ۾ اها ڪيفيت پيدا نٿي ٿئي ته اهو تصور ضرور ڪري ته ڪيس الله تعاليٰ ڏسي رهيو آهي ۽ ان اندر واري ڪيفيت ۽ الله رب العزت ڏانهن توجهہ کي احسان جو نالو ڏنل آهي ۽ اهو احسان ئي تصوف آهي.

حضور ﷺ جن الله پاڪ وارن يعني صوفياء ڪرام جي عبادت عظم ۽ سندن مقام ۽ مرتبي جي باري ۾ ڪيترائي مبارڪ اشارا فرمايا آهن، جن مان تصوف ۽ صوفياء ڪرام جي مقام ۽ مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

حضرت ابو هريره فرمايو ته جناب رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو ته الله تعاليٰ جو حڪم آهي جيڪو منهنجي ولي ۽ دوست کي تڪليف پهچائيندو آهي ته منهنجي طرفان ان لاءِ جنگ جو اعلان ڪيو ويندو آهي ۽ منهنجي ٻانهي لاءِ منهنجي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ فرض عبادتن کان سواءِ ٻي ڪا به شئي پسند نه آهي، جيڪي مون ان تي فرض ڪيا آهن. منهنجو ٻانهو فرض جي ادائگيءَ سان گڏ نفلي عبادت ذريعي به منهنجو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ لڳو پيو هوندو آهي. . .“ (البخاري، ؟: ٧١)

هن حديث مبارڪ ۾ الله جي ولي ۽ دوست يعني صوفي باصفا سان الله تعاليٰ جي محبت ۽ ناراضگيءَ جو بيان فرمايو ويو آهي. ولي الله کي ايذائڻ الله پاران جنگ جو اعلان ۽ فرض عبادتن بعد نفلي عبادتن، ذڪر ۽ فڪر ذريعي الله

جي محبت جي آخري حد تائين پهچي الله تعالىٰ رب العزت اهڙي ٻانهي جا عضوا – هٿ، ڪن، اکيون ۽ پير بنجي ويندو آهي.

شيخ ابو علي روذباريؒ صوفين جي تعارف ۾ لکي ٿو تہ:

"الصوفي من البس الصوف علي الصفا واذاق الهويٰ طعم الجفا ولزم طريق المصطفيٰ و كانت الدنيا عَلَي القِفا."

ترجمو: "صوفي اهو آهي جيڪو قلب جي صفائيءَ سان اوني لباس پهري، نفساني خواهشن کي سختيءَ جو مزو چکائي، نبي ﷺ جي رستي کي لازمي طور تي اختيار ڪري ۽ دنيا کان پاسيرو ٿي وڃي." (ولي الدين، ٢٠٠٠ع: ١١)

تصوف جي باري ۾ اولياءَ الله ۽ صوفياء ڪرام جا ڪيترائي قول موجود آهن، جن مان تصوف جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهن مان ڪجھ اقوال هن طرح آهن:

حضرت جنيد بغداديؒ تصوف جي تعريف هن ريت ڪئي آهي تہ:

"مخلوق جي موافقت کان دل کي صاف ڪرڻ، طبعي ۽ نفساني صفتن کان جدا ٿيڻ، بشري صفتن کي فنا ڪرڻ، نفساني خواهشن کان منهن موڙڻ، روحاني صفتن جو طلبگار هجڻ، حقيقي علم سان تعلق رکڻ، هميشہ نيڪ ڪم ڪرڻ، پوريءَ اُمت لاءِ خير خواهي الله تعالىٰ سان وفاداري ۽ شريعت (شرعيت) ۾ رسول الله جي پيروڪاري ڪرڻ." (محمد مسعود احمد، ١٩٩٩٦ع: ٢١)

امام مالڪؒ جو چوڻ آهي تہ:

"جنهن فقه جي علم حاصل ڪرڻ کان سواءِ تصوف جي واٽ ورتي تہ اهو زنديق ٿيو، جنهن فقه جو علم حاصل ڪيو ۽ اهو تصوف جي رستي تي نہ هليو تہ اهو فاسق ٿيو، جنهن ٻنهي فقه ۽ تصوف کي جمع ڪيو تہ اهو صحيح مؤمن آهي."

شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو قول آهي:

"جنهن حقيقت کي شريعت (شرعيت) رد ڪري، اها حقيقت نہ بلڪ بي ديني آهي."(حوالو ساڳيو: ٢٢)

امام غزاليءَ جو قول آهي تہ:

"جنهن پهريان حديث ۽ علم حاصل ڪري، تصوف ۾ قدم رکيو تہ اهو فلاح کي پهتو ۽ جنهن پهريان صوفي بنجڻ چاهيو تہ ان کي پنهنجو پاڻ کي هلاڪت ۾ وڌو." (حوالي ساڳيو: ٢٣)

صوفياء ڪرام جي نزديڪ تصوف جا جيڪي روحاني اعمال آهن، انهن جو بنيادي مقصد الله رب العزت جي بندي ۽ ان جو قرب حاصل ڪرڻ آهي، ڇو تہ قرآني فڪر موجب، انسانن جي پيدائش جو مقصد صرف ۽ صرف الله تعاليٰ جي عبادت ۽ بندي آهي.

هن مان ثابت ٿيو تہ تصوف جو حقيقي راز حديث، سنت ۽ سيرت ۾ سمايل آهي. جيڪو ان تي عمل کان سواءِ صوفي هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو تہ اهو زنديق ۽ فاسق آهي.

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو اهو فڪر پوري انسانيت جو احاطو ڪري ٿو، هو انسان کي انهيءَ مقام تي ڏسڻ چاهي ٿو جتي انسان رڳو رب پاڪ جي وڏائيءَ ۽ بزرگيءَ جو متقاضي ۽ متلاشي هجي، اهو ئي انسانيت جي معراج ۽ اشرف المخلوقات هئڻ جو ثبوت آهي.

ڊاڪٽر سلطان بخش پنهنجي اردو مضمون "لطیف انسان شناسی کا رہبر" ۾ شاھ لطيف جي انسان شناسيءَ بابت لکي ٿي تہ:

"شاہ صاحب نے انسان کی خود شناسی کو اپنے شعری اظہار میں اس طرح بیان کیا ہے کہ ان کی پوری شاعری ان کے

اس احساس سے ایک دھڑکتے دل کی طرح ہے۔ ان کی روحانیت تلمیحات، سماجی تشبیہات واستعارے، ماورائے کیفیات اور ان کے تمام تر فلسفے میں ''امن عرف نفسہ فقد عرف ربہ'' پوشیدہ ہے یعنی انسان اپنے رب کو پہچان سکتا ہے بشر طیکہ اپنے نفس کو پہچان لے۔ شاہ صاحب سسی پنوں کی داستاں بیان کر رہے ہوں یا سوہنی ماہیوال کی، وہ بین السطور یہ پیغام اپنے قاری تک پہنچا دیتے ہیں کہ: خود شناسی خدا شناسی ہے، ورنہ صنم تراشی ہے۔'' (سلطانہ بخش، ۲۰۰۲: ۲۹۱)

## ٥,٢ ثانوي ماخذ

### ٥,٢,١ سورٺ راءِ ڏياچ

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ هن سُر ۾ سخي سردارن ۽ ڏاتارن جي انسان دوستي ۽ سخاوت کي ڳايو آهي، تنهنڪري هن سُر ۾ انسان شناسيءَ جي بنيادي ماخذن ۾ سخاوت ۽ انسان دوستيءَ کي اهميت حيثيت حاصل آهي. هن سُر ۾ راءِ ڏياچ جو مقام سيني سخي مردن ۽ ڏاتارن کان مٿانهون آهي. سنڌ ۾ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جو قصو تمام گهڻو مشهور رهيو آهي. سنڌ ۾ اسان جي سگهڙ شاعرن هن قصي کي پنهنجي لوڪ شاعري ۽ داستانن ۾ گهڻو ڳايو ۽ مشهور ڪيو آهي.

راءِ ڏياچ گرنار جو بادشاھ هو، سندس ڀيڻ کي ’ٻيجل‘نالي هڪڙو پٽ هو، جنهن جي لاءِ هڪ فقير اڳڪٿي ڪئي هئي ته هو پنهنجي مامي راءِ ڏياچ کي قتل ڪندو، ويچاريءَ دِنل ماءُ پنهنجي نياڳي پٽ کي هڪ پيٽيءَ ۾ بند ڪرائي، درياھ ۾ لوڙهي پنهنجي جان ڇڏائي. اها پيٽي لهواري لڙهندي هيٺ تي هلندي وئي ۽ هڪ مشهور ڳائڻي کي هٿ اچي ويئي، جنهن ٻيجل کي پيٽيءَ مان ٻاهر ڪڍي نپايو ۽ پالي جوان ڪيو ۽ ڳائڻو بڻايو. ٻيجل کي پنهنجي اعلىٰ خاندان هجڻ جي ڪل ڪا نه هئي ۽ هڪ وڏو گويو ٿي ويو ۽ هنڌين ماڳين مشهور ٿيو.

“سورٺ” نالي هڪ ڇوڪري هئي، جيڪا انيراءِ نالي هڪ راجا جي ڌيءُ هئي، ڏاڍي سهڻي هئي، جنهن تي راجا راءِ ڏياچ ڏسڻ سان اکن ڇڪن تي پيو ۽ ساڻس شادي ڪيائين. ٿوري وقت ڪانپوءِ راجا راءِ ڏياچ ۽ انيراءِ جي وچ ۾ ڪنهن ڳالھ تان دشمني پيدا ٿي پئي. راجا انيراءِ گرنار جو گهيرو ڪيو پر ان کي فتح

ڪري ڪو نہ سگھيو. پوءِ راجا انيراءِ اهو اعلان ڪيو تہ جيڪو ماڻهو وٽس راءِ ڏياچ جو سر وڍي آڻيندو ان کي تمام وڏو انعام ملندو. جڏهن ٻيجل اها ڳالهہ ٻڌي تہ هو راجا راءِ ڏياچ وٽ ويو ۽ ڪيس راڳ ۽ موسيقيءَ سان ايڏو موهت ڪيائين جو آخر ۾ راجا پنهنجو سر ٻيجل کي ڏيڻ قبوليو.

“راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل وارو سر هن واقعي سان تعلق رکندڙ آهي، جنهن ۾ ٻيجل سر جو سوالي بڻجي راءِ ڏياچ جي محلات ۾ ويو هو ۽ ڳايو ۽ موسيقي وڄائي هئي ۽ جڏهن لنگهي واري لاڳ ۽ سورٺ جي سورن لاءِ سوديبازي ڪئي هئي تہ ان فقير واري اڳڪٿي پوري ٿي وئي هئي، جنهن ۾ راجا جي سر وڍڻ جو ذڪر هو.”(سورلي، ١٩٩٢ع: ٤٥٥)

الله جي آس ڪري هليو هيائين،
چارڻ ٻڌا چنگ کي جهوڙا ۽ جهائين،
ڏولي راءِ ڏياچ جي ڏوران ڏنائين،
وينتيون واحد کي تنهن وير ڪيائين،
تہ سڀاجها سائين، راءِ ريجهيائين راڳ سان!

ان قصي ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ راڳ جي عجب اثر ۽ راءِ ڏياچ جي سخا ءِسورٺ جي ايمانداري وغيره بابت اشارا ڏنا آهن. مولىٰ جو سچو طالب ۽ عاشق راڳ خدا تعالىٰ جي تعريف آهي. سورٺ ايمانداري ۽ سچائي، ڪسڻ خدا سان واصل ٿيڻ جي برابر آهي.

تو در آيس، راڄيا جاجڪ وڻي جي،
ڪنان نار حاميہ، هاڻ بچائج هي،
والي ڏياريئي ويءُ، جت آهي جنات عدن.

(سر سورٺ)

چارڻ تنهن جي چنگ ۾ آهي توحيد جي تار،
وحده لاشريڪ لهہ، تندن ايءَ تنوار،

مون کي تنهين وار، فڪر ڪٽي فنا ڪيو.

(سر سورٺ)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، هن سر مان انسان شناسيءَ جون وصفون بيان ڪندي "جامع ۽ مستند شاهه جي رسالي" ۾ لکي ٿو ته:

"عام قصي جي اهڃاڻن ڪي، عام روايتي رنگ بدران شاهه عبداللطيف نئين رنگ ۽ نون قدرن جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. شاهه جي نظر ۾ موسيقي ۾ اثر پيدا ڪرڻ لاءِ"نرتي تند" ۽ "نياز" واري وڄت ضروري آهي. ٻيجل ٻه راءِ ڪنگهار ڪي موهي وڌو جو نرتي تند نياز سان "ٻرائي ٻيجل"، "سرت نرت" موسيقي ۾ مهارت جا خاص مدارج آهن ۽ نياز سان راڳ جو احضار (پيش ڪرڻ) اثر انداز ٿيڻ لاءِ ضروري آهي." (بلوچ، ٢٠٠٩: ٢٨٦) ساز جي وڄت جي حوالي سان ٻه شاهه موسيقي جي تاثير جي اصليت سمجهائي آهي ته حقيقت ۾ تاثير ساز ۾ سمايل ناهي پر وڄائيندڙ جي اندر واري لئي ۽ نازڪ احساس جي لهر آهي. هيءُ ڪو ٻاهرين تند جو تان ناهي پر وڄائيندڙ جي اندروني راز جي رُون رُون آهي. اهي وڄائيندڙ جون آڱريون ئي آهين، جيڪي ٿيون ساز ڪي ڇيڙين، جيتوڻيڪ ٻڌندڙ تا ڀانئين ته ساز ٿو سر ڪڍي.

اي تانُ نہ آهي تند جو، ٿو رون رون ڪري راز،
هڻندڙ سدا هٿڙا، سيڪو چوي ساز،
سٽ ڏيڻي شهباز، ٿيءُ ته ٿوڪ پرائن.

-

چارڻ تنهنجي چنگ جو عجب آهم ايءُ،
هڻي اُيو هٿن سين، جيئرو رکيو جيءُ،
رات منهنجو ريءُ، ڪاٽيو تو ڪماچ ۾.

-

كنين كنين ماڻهين، پيئي كل كائي،
رسيا جي رمز كي، تن پارسي پائي،
الانسان سري وانا سره، ورتي اي وائي،
راجا راڳائي، هر دوئي هڪ ٿيا.

(سر سورٺ)

### ٥,٢,٢ مومل راڻو

سر مومل راڻي ۾ توڙي ٻين سرن ۾، شاهه جو مقصد بيتن ۾ ڪنهن ڳالهه کي بيان ڪرڻ ناهي، ڳالهه اڳ ۾ مشهور آهي ۽ ان جي سيني کي خبر آهي، شاهه فقط ڳالهه جي ڪن چوندڻ تاڻن جي حوالي سان پنهنجي اعلىٰ شاعري ۽ نازڪ خياليءَ سان گڏوگڏ اعلىٰ فهم ۽ فڪر جا نت نوان رخ روشن ڪيا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع ۽ مستند شاهه جي رسالي" ۾ ان بابت هن طرح رقم طراز آهي ته:

"شاهه، مومل ۽ سندس سهيلين جي هار سينگار واري ماحول، مومل جي مجازي حسن جي جلوي ۽ راڻي لاءِ رات جاڳندي، مومل جي انتظار کي جن لفظن ۾ ۽ جنهن انداز سان بيان ڪيو آهي سو اعلىٰ شاعريءَ ۽ نازڪ بيانيءَ جو شاهڪار آهي". (بلوچ، ٢٠٠٩ع: ٢٥٣)

سر مومل راڻو ۾ شاهه، مومل جي نڱين ۽ راڻي جي سياڻپ ۽ سندس محبت، ڪاوڙ، پشيماني ۽ عاشقن جي جدائي وغيره بابت اشارا ڏنا آهن. حقيقي معنىٰ آهي مومل عاشق يا حق جو طالب، راڻو آهي معشوق يعني خدا. ڪاڪ چئبو، هن ڪوڙي دنيا کي، ۽ ڍٽ ياتر چئبو هن دنيا کي.

سوڍي ستي لوءِ، ڪاجا مون سين ڳالهه ڪئي،
سا جي پڌر پوءِ، ته سرتيون ڪا نه سمهي.

(سر مومل راڻو)

مومل کي مجاز جا، اکين ۾ الماس
نڪا عام خاص، جي ويا سي وڍيا.

(سر مومل راڻو)

ميان مينڌرا موٽ، ڪري بخش ڏُچايون،
تون گهٽين سنڌو گهوٽ، مون ور تون ئي هيڪڙو.

ڊاڪٽر بلوچ، شاهہ جي هن سر مان انسان شناسيءَ جي صفت کي بيان ڪندي وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"داستان ڏهين ۾ اعلىٰ فهم ۽ ادراڪ جا اهڃاڻ ڏنل آهن. ڪائنات جي خالق طرفان انسان ذات جي ڀلائي لاءِ جيڪي ڀلارا آيا ۽ جن جي رهنمائي سان اونداهيءَمان سوجهرو ٿيو ۽ سچو جهان سرهاڻ سان واسجي ويو، انهن ڏانهن اشارا ۽ ڪنايا آهن. ان سلسلي ۾ ان "نئين نياپي" جو ذڪر آهي جيڪو آخري نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم انسانن کي پهچايو تہ ڏات تي نہ آهي ذات، ان ڪري ذات پات جو ڀيد ختم ٿيو ۽ خالق مالڪ جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن پر انهن مان جيڪي پاڻ پنهنجي سچيءَ نيت سان ڏٽي ڏانهن ايندا، سي ئي وڏي مان وارا ٿيندا.

نئون نياپو آئيو، راڻي مُڪا رات،
لڏي سون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،
ڪا نہ پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا.

(ايضاً)

## ۵,۲,۳ ڪاهوڙي

سر ڪاهوڙيءَ ۾ انهن محنت ڪش ۽ سخت جان ڪردارن جا اهڃاڻ ڏنل آهن، جيڪي سخت محنت ۽ ڪشالا ڪري جهنگ، جبل، ووڙي، وڏي همت ۽ حوصلي سان ڏٽ گڏ ڪن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع مستند شاهہ جي رسالي" ۾ لکي ٿو تہ:

“زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ ڪاهوڙي اهي عالي همت ۽ اورچ انسان آهن جيڪي ڪشالا ڪن ٿا، سختيون سهن ٿا ۽ ڏکن ڏاکڙن کي بي نياز ٿي، ڪنهن اعليٰ مقصد خاطر پاڻ پتوڙين ٿا ۽ آخر ان اعليٰ مقصد کي حاصل ڪن ٿا”. (بلوچ، ۲۰۰۹ع: ۱۲۸)

انسان ۽ خالق جي رشتي ۾ اعليٰ مرتبي حاصل ڪرڻ وارا هن جهان ۾ ڪاهوڙي اهي حق جا طالب آهن، جيڪي ظاهري اسبابن ۽ انعامن کان بي نياز ٿي زهد ۽ عبادت ۾ وڏي فڪر ۽ فهم سان پنهنجو اندر اجارين ٿا، الاهي ياد ۾ پنهنجي وجود کي ووڙين، حق ۽ حقيقت واري منزل ماڻين ٿا.

شاهه فرمائي ٿو ته:

ڪاهوڙين “خفيءَ” ڪان سوجهي لڌو سُبحان،
عاشق اهڙ:ن اڪرين، لنگهڻ لامڪان،
“هُو” ۾ گجي “هُو” ٿيا، بابو سي بريان،
سيوئي سبحان، آيو نظر اُن جي.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

مون ڪاهوڙي لڪئا، گهرين نہ گهارين،
واحد لڳ ولهن ۾ رويو جرُ هارين،
گوندر گذارين، تن ڏوٿين ڏکو ئي نہ لهي.

فقير علي ڏني جروار پنهنجي هڪ مضمون “شاهه لطيف جو سر ڪاهوڙي” ۾ لکيو آهي ته:

“سُر ڪاهوڙيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڏوريندڙ ۽ جهاڳيندڙ کي ڪاهوڙي ڪوٺيو آهي، ڏارين حملي آورن سان مهاڏو اٽڪائڻ وارن کي جبلن، جهنگن، هوا، پاڻي، سيءَ ۽ گرميءَ سان جهيڙيندڙ امر ڪردارن کي لطيف ڪاهوڙي سڏيو آهي”. (جروار، ۲۰۱۱: ٤۷۸)

شاهہ لطيف هن ڌرتيءَ جو رهاڪو آهي ۽ هو ڪڏهن بہ پنهنجن دشمنن کان غافل نہ رهيو آهي. سندس هيءُ بيت ڏسو:

سُک نہ سُتا ڪڏهين، ڪرڪٽا لاهي،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

شاهہ عبداللطيف، اسان کي هدايت ٿو ڪري تہ ڪاهوڙي ڪڏهن بہ سک سان نہ سُتا آهن. هو هر وقت دشمن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار رهندا آهن ۽ ڪڏهن بہ غافل ٿي نہ سمهندا آهن. سنڌ واسين کي بہ ڪاهوڙين جي هن ڪردارن مان سبق پرائڻ گهرجي ۽ ڪين پنهنجي منزل حاصل ڪرڻ جو اوسيئڙو هئڻ گهرجي.

پيرين پراٽا ڪيترا، سُڪا منهن سندن،
سا جُوءِ ڏوري آيا، سُونهان جت مُنجهن.

هن بيت ۾ شاهہ انهن ڪردارن يعني ڪاهوڙين جا اُهڃاڻ پيو ٻڌائي، پار پتا پيو ڏئي تہ هو جسماني طور ڏٻرا ۽ ڪمزور آهن، سندن مُنهن سُڪل آهن، پيرن ۾ زخم اٿن ۽ پائڻ لاءِ انهن جي پيرن ۾ ڪا سگهي جُتي بہ ناهي! پر هي اُها منزل ماڻيو اچن، اُهي جبل جهاڳيو اچن، دشمنن سان مقابلو ڪريو اچن، جتي واقف وڃڻ کان ڪيٻائيندا آهن ۽ سُونهان بہ مُنجهي پون ٿا. هي اُهو ڪم ڪريو اچن، جيڪو هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي:

سُڪا سنڌ ڪچن ۾، ڪرڪٽا پيرين،
ٿمندي نيٽي، آن کي ڪاهوڙي گڏئا.

هي سر ڪاهوڙي جو بيت ڏسو! هن ۾ شاهہ لطيف سائين فرمائي ٿو تہ: اهي بهادر انسان،جن جا پير پٿون ٿيل آهن، پير زخمي ٿيل آهن، پيئڻ لاءِ وٽن پاڻيءَ جو ڍڪ بہ نہ آهي، انهن جا پار پتا ڏيندي شاهہ عبداللطيف اسان کي ٻڌائي ٿو تہ انهن جون اکيون ڳوڙهن سان ٿمٿار آهن، توهان کي ڪٿي گڏيا، انهن سان اوهان جو ڪٿي ڪو ميل ميلاپ ٿيو:

تون ونئن ويهي آءُ، اڱڻ ڪاهوڙين جي،
جوش ڏنائون جيءَ کي، لڪائي لوڪاءِ.
ڏوٿين ڪنهن ڏڪاءِ، سمهي سگ نہ ماڻيو.

شاهہ عبداللطيف هن بيت ۾ فرمائي ٿو تہ تون ماروئڙن، جهانگيئڙن ۽ بهادرن جي محفل ۾ گهڙي ڪن ويهي اچ، انهن جون ڳالهيون ٻڌي اچ تہ، ڪيئن هو بهادريءَ جو درس ڏين ٿا، پنهنجي اندر ڪيئن جوش پيدا ڪن ٿا. ڪين ڪهڙي تڪليف آهي؟ هو ڇو سمهي سگ نہ ٿا ماڻين؟ ڇا ٿا حاصل ڪرڻ چاهين؟ تون بہ انهن جي محفل ۾ شامل ٿي، انهن جو ساٿ ڏي.

## ٥,٢,۴ سُر رامڪلي

سر رامڪلي ۾ وري صوفين ۽ سنياسي فقيرن جو ذڪر اچي ٿو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي هنن فقيرن جي صحبت گهڻي وڻندي هئي ۽ انهن سان حياتيءَ جا ڪافي ڏينهن گذاريا هئا. هاڻي هن جي وسيلي شاهہ صوفين جي حقيقت جو بيان ڏئي ٿو، جوڳين ۽ بيراڳين جي صحبت مزي جهڙي آهي، هنن جا عجيب رشتا ناتا ٿين ٿا.

هن سر ۾ سالڪن ۽ سندن منزل مقصود تي پهچڻ واري پنڌ جي ڳالهہ ڪيل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

”سر رامڪلي ۾ سالڪن کي اڳين موحد هندو فقيرن جي تمثيل سان جوڳي، سنياسي، سامي، آديسي، ڪاپڙي جي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي... هن سر ۾ سالڪن فقيرن جي خاص منزل آهي پر ان سان گڏ فقيرن جي عملي ڪردارن جي تشريح ڪيل آهي“. ( بلوچ، ٢٠٠٩: ٣٠٨)

جوڳيئڙا جهان ۾، نُوري ۽ ناري،
ٻري جن ٻاري، آءٌ نہ جيندي ان ري.

-

واجھ ويراڳين جا، مون ڪي وڏي وٿُ،
سونُ سپوئي سڱيون، پسي ڪين م ڪٿُ.

-

جي پانئين جوڳي ٿيان، ته سڱ سپئي ڇڏ،
اوڏو ٿي الف ڪي، من ميم سين گڏ،
هتان لاهوتي لڏ، ته گرسين گڏجين ڪاپڙي.

جي پانئين جوڳي ٿيان ته طمع ڇڏ تمام،
گولاجي گولن جا، تن جو ٿي غلام،
صبر جي سرواهيءَ سان ڪر ڪيني کي قتلام،
ته نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوتين ۾.

(سر رامڪلي)

### ٥,٢,٥ سُر ڪاپائتي

سر ڪاپائتي ۾ شاهه ڪتڻ وارين عورتن جي معرفت عجب جهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو ۽ سمجهائي ٿو ته ماڻهو کي هن دنيا ۾ غفلت سان نه گذارڻ گهرجي ۽ نه ڪي اجاين وقتن ۾ غفلت ۾ گذارڻ گهرجي. پر جيترو ٿي سگهي اوترو وقت غنيمت ڄاڻي خدا کي ياد ڪرڻ گهرجي ۽ چڱا ڪم ڪرڻ گهرجن.

هن سُر بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ،”جامع مستند شاهه جي رسالي“ ۾ لکي ٿو ته:

”هن سُر جو تعلق آتڻ ۾ ڪتڻ جي پيشي سان آهي، اهو پيشو ۽ پورهيو جيتوڻيڪ هاڻي باقي نه رهيو آهي، پر پورهئي ۽ محنت جي ضرورت ۽ اخلاقي اهميت قائم آهي. اڳ پورهيت مايون آتڻ ۾ گڏ ويهي پنهنجي چرخن تي سُٽ ڪَتينديون هيون، انهن کي صلاح آهي ته: ڪتڻ واري جيڪڏهن ماهر آهي ته به پنهنجي مهارت تي هوڏ، هٺ نه ڪري پر نياز ۽ نئڙت سان ناهي، ڪتڻو آهي ته ڏيان

سان ڪتڻو آهي. وڄت وڄائڻو نہ آهي ۽ پورهئي ۾ مشغول رهڻو آهي. محنت سان سهڻو سٽ ڪتڻو آهي ڇاڪاڻ جو صاف سهڻو ڪتيل سٽ پارکن کي پسند ايندو ۽ وڏي اگهہ ۾ وڪامندو”. (بلوچ، ۲۰۰۹: ۱۳۵)

جان ڪتين تان ڪت، هيءَ هڏ وهاڻي،
ڪاپائتي سيڪا ڪَتي سيباڻي،
ڄاتو جن ڄاڻي، تن هٿان پهي نہ ڇڏي.

(سر ڪاپائتي)

اڃا بہ اڳتي شاهہ هن سر ۾ فرمائي ٿو تہ:

ڪَتڻ جي ڪا نہ ڪرين، سُتي ساهين هڏ،
صباح ايندئي اوچتو، عيد اگهاڙن گڏ.
جت سرتيون ڪندئي سڏ، اتي سکندين سينگار لاءِ.

(سر ڪاپائتي)

نہ سي وونئڻن وڻن ۾ نہ سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون هينئون مون لوڻ ٿئي.

(سر ڪاپائتي)

چرخو پنهنجي چت ۾، پيئي پيريو جن
توڙي ڪين ڪَتن، تہ بہ ڪانڌ انهن جو ڪوڏيو.

(سر ڪاپائتي)

### ٥,٢,٦ سامونڊي

سمنڊ سان تعلق رکندڙ سر سامونڊي، سر سريراڳ ۽ سر گهاتو وغيره هي سر،موضوع جو ٿورو گهڻو فرق رکڻ باوجود بہ سنڌ جي سامونڊي ڪنارن تي

رهندڙ ماڻهن جي دلين جا ترجمان آهن. انهن ۾ سامونڊي بندرن تان ٻيڙا پري ويندڙ وڻجارن ۽ سندن گهر وارين جي جذبن جو داستان بہ آهي تہ ڪنارن تي آباد مهاڻن ۽ ملاحن جي زندگي ۽ سندن زالن جي جذبن جو داستان بہ آهي.

سرسامونڊي جي اهميت ۽ مقصد بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

“موضوع جي اعتبار سان سر سامونڊي جا ٻہ رخ آهن، هڪ تاريخي ۽ ٻيو سماجي. تاريخي لحاظ سان ،سر ڪنهن سمي سمنڊ ذريعي سنڌ جي واپار جي اهڃاڻن ۽ اصلاحن ۾ هتان جي پيشہ ور وڻجارن (پرڏيهہ ويندڙ واپارين) ۽ ٻيڙياتن ناڪئن جي سمنڊ وارن سفرن ۽ ڪشالن جو يادگار آهي. سماجي لحاظ سان هن سر ۾ وڻجارن جي پرڏيهہ وڃڻ سببان وڇوڙي ۾ سڄڻن جي سڪ ۽ پيارين گهروارين جي ڳڻتي ۽ اوسيئڙي جو ماحول سمايل آهي.” (بلوچ، ٢٠٠٩ع: ٩٩)

هر سر پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو تہ شاهہ نہ صرف انهن پٽن تي خود موجود رهيو هو، پر انهن مهاڻن جي ريتن ۽ رسمن جذبن، احساسن، وهمن ۽ وسوسن جو چڱي طرح مشاهدو ڪيو هئائين، سيلاني جڏهن موٽي ايندا هئا تہ وري جلد وڃڻ جي بہ ڪندا هئا، ان ڪري سندن زالون ويچاريون سدائين اوسيئڙي ۾ هونديون هيون ۽ جڏهن ايندا هئا تہ سندن پاسو ئي ڪو نہ ڇڏينديون هيون.

پڳهہ پاسي ويهہ آيل سامونڊين جي،
تون ويسري وک ڪٽين، هو پوريندا پرڏيهہ،
سمنڊ جن ساٽيهہ، ڪو نہ وئين تن سين.

(سر سامونڊي)

سمنڊ ۾ اک وجهي تڙ تي سنوڻ ساٹ ڪري هر ڪا پنهنجي پرين جي خير سان موٽڻ جي دعا پئي ڪري:

جنين ڪارڻ مون تڙ پوڄارا پوڄيا،

پنم اميدون، سيئي سجڻ آئيا.

(سر ساموندي)

### ٥,٢,٧ نوري ڄام تماچي

شاهه لطيف ڪينجهر ڍنڍ تي نہ ويو هجي ها، ان جي چوڌاري موجود وڻراهہ جو مشاهدو نہ ڪري ها، اتي لڳندڙ اتر واءَ کي محسوس نہ ڪري ها، تہ نوري ڄام تماچيءَ جي داستان جي منظر نگاري کي ڪيئن حقيقي روپ ڏيئي سگهي ها.

رشيد ڀٽي پنهنجي مقالي،”شاهه جي سر ڪاموڏ جو ابياس“ ۾ ڪينجهر ڍنڍ تي روزگار ڪندڙ مهاڻن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

شاهه لطيف سنڌ جي مهاڻن جي ماحول ۽ زندگيءَ جو گهرو مشاهدو ڪيو ٿو ڏسجي. هن نہ رڳو مهاڻي جي گهرو زندگيءَ ۽ حالتن جو پر سندس ڪم ڪسب بہ مشاهدي هيٺ آندو آهي ۽ سو بہ ايترو ڳوڙهو ۽ ويجهڙائيءَ ڪان تصوير جو ڪو بہ رخ يا حصو لڪيل نہ رهيو آهي.جڻ زندگيءَ جو ڪو عرصو ساڻن گڏ رهيو هجي ۽ هنن مان هڪ هجي. هو هٽيا هڏ ۽ نبل آهن، سندن مال مڏي يا زندگيءَ جو اثاثو مڏ ۽ مڪڙي آهن، اهو ئي رهائش جو ٿانءُ آهي، تہ اهو ئي ڪسب ڪمائيءَ جو ذريعو بہ آهي“. (ڀٽي، ١٩٨٨: ١٨)

هيٺ جر، مٿي ميجر، پاسي ۾ وڻراهہ،
اچي وڃي وچ ۾ تماچي جي ساءِ،
لڳي اتر واءُ، تہ ڪينجهر هندورو ٿئي.

هن بيت ۾ شاهه نہ رڳو ڄام تماچي ۽ نوريءَ جي ڪينجهر ڪناري ٻيڙيءَ تي ٿيل شغل جي تصوير چٽي ۽ منظر ڪشي ڪئي آهي پر ڄام تماچي جي دلي، جذبي، حالت، احساس ۽ ڪيفيت بہ ان ۾ رکي ڇڏي آهي. اهو سندس منظر ڪشيءَ جي فن جو ڪمال آهي.

نوري مهاڻي آهي، مڇي وڪڻڻ سندس ڪرتب ۽ ڪسب آهي پر وٽس سونهن آهي، ٻاهر جي بہ تہ اندر جي بہ، سندس سيرت ۾ سلڇڻائي آهي، ان ڳهہ ڳڻي جي سينگار سان ئي هوءَ آرائشي هار سينگار ڪندڙ سمين ۽ سومرين تي فوقيت ۽ برتري ماڻي ٿي، هوءَ انهن ۾ اعليٰ ۽ اتم مقام ماڻي ٿي. ڄام تماچي ملڪ جو حاڪم ۽ اقتدار جو مالڪ آهي، هو ان گهٽ ذات واري پورهيت عورت سان پيار ٿو ڪري ۽ عشق جي ذات پات جي متڀيد، طبقاتي ننڍ وڏائي جي سَنڌي کي ريٽي ٿو ڇڏي. شاهہ لطيف ان سڄي روئداد جي ترجماني هن بيت ۾ ڪري ٿو:

ڪاڇ جنين جو ڪکريو، مال جنين جو مڏ،
سمي سي ئي سيڻ ڪيا، هيٺا جن جا هڏ،
ڄام پرتئين لڏ، سانگيئڙن جي سيد چئي.

### ٥,٢,٨ مارئي

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سر مارئيءَ ۾ مارئي جي ملير ڏانهن سندس ڇڪ، انهي آزاد رياست ڏانهن ڇڪ جو اهڃاڻ هئي، جتي آزادي هوندي بہ بک ۽ اڃ هوند هئي، جيتوڻيڪ آزاديءَ جي رُکي ٽکر کي قيد و بند جي عمدن ڪاڏن کان وڌيڪ ڄاڻايو اٿس، تہ بہ اهڙي اڃ هوند ۽ بک ڇو هجي؟ ان ڪري انهيءَ انتهائي حد تي پهتل غريبي جو عڪس پيش ڪيائين. ان جو ڪارڻ ماڻهن جو سندن حالت زار ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ بہ ٿي سگهي ٿو ۽ ان کي تبديل ڪرڻ جو اتساهہ بہ ٿي سگهي ٿو. ڊاڪٽر بشير احمد شاد، شاهہ لطيف جي سر مارئي بابت لکي ٿو تہ:

"يٽ ڏٽي سنڌي سماج مان مارئي جي روپ ۾ حب الوطني جو اهڙو لازوال ڪردار ڳولي ڪڍيو، جنهن جو مثال دنيا ۾ نہ ٿو ملي، مارئيءَ کي پنهنجي ور ۽ گهر، ڇن ۽ ڇپر، سانگين ۽ ساٿيھ سان بيپناهہ محبت هئي." (شاد، ٢٠١١: ٢٤٨)

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس،
ڏاج ڏاڏاڻي ڏيج جي، منجهان ولڙين واس،

مُيائي جياس، جي وجي مڙهہ ملير ڏي.

ساڳين جذبن جو عڪاس هڪ ٻيو بيت هن ريت آهي:

سنهي سُئيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساهہ،
ويني ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاهہ،
هنيو منهنجو هُت ٿيو، هِت مٿي ۽ ماهہ،
پکن منجهن پساهہ، قالب آهي ڪوٽ ۾.

*

آٽيِن ۽ چاڙهين، ڏت ڏهاڙي سومرا،
منجهان لنب لطيف چئي، چائر ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نہ پاڙينِ، عمر آراڙيءَ سان.

(سر مارئي)

*

ورسي وطن چائيون، صحرا ستر جن،
گولاڙا گگريون، اوچڻ اباٽن،
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجهہ جُهڳن،
مون کي ماروئڙن، سج ڳٽائي سيج ۾.

(سر مارئي)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر مارئي جي معنىٰ، مفهوم ۽ افاديت بابت پنهنجي رسالي "جامع مستند شاهہ جي رسالي" ۾ لکي ٿو تہ:

"هي سنڌ جي غريبن جي اشرافت ۽ خوداري جو داستان آهي، بلڪ سنڌ جي اعلىٰ سماجي قدرن جو آئينو آهي، جنهنڪري صدين کان وٺي، سنڌ ۾ هنڌين ماڳين مشهور رهيو آهي." (بلوچ،٢٠١١ع: ٣٤٩)

### ٥,٢,٩ يمن ڪلياڻ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي انڊن ۽ عطائي حڪيمن ۽ ويڄن جو ذڪر سر يمن ڪلياڻ ۾ ڪيو آهي. سر يمن ڪلياڻ ۾ شاهه ٻين ڪردارن جي زباني بدران ڄڻ پاڻ پنهنجي زباني پنهنجي "حال" جو اظهار ڪيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه لطيف جي هن سر بابت لکيو آهي ته: "سر يمن گهڻي ڀاڱي سر ڪلياڻ ۾ سمايل فڪر ۽ فهم جي تصديق ۽ ان جو وڌيڪ تفسير آهي. سر يمن جي پهرئين ۽ ٻئي داستان جو مکيه موضوع "درد" آهي، جيڪو انسان جي وجود ۽ نمود جي هڪ بنيادي حقيقت آهي. انسان جي درد واري ڪيفيت ازلي آهي، ڇاڪاڻ جو سندس روح فراق واري حالت ۾ آهي". (بلوچ، ٢٠٠٩ ٦٣)

انڊا اونڊا ويڄ! ڪل ڪڄاڙيا ڪانئين؟
اسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارين پيڄ،
سوري جنين سيڄ، مرڻ تن مشاهدو.

شاهه چوي ٿو ته:اي انڊا ۽ اونڊي سمجهه وارا طبيب! تون ڇا لاءِ مون کي ڏنڀ ڏئي منهنجي ڪل ٿو جلائين؟ اسين جسم ۾ جڏا ۽ جهريل تن کي تون وتين ٿو پيڄئيون پيئاريندو! جن لاءِ سوري ڇپر کٽ آهي، تن لاءِ مرڻ آهي پرين کي پسڻ.

شاهه، رب پاڪ کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته تون ئي سڀ ڪجهه آهين، بيماري، شفا ڏيڻ ۽ هدايت ڪرڻ وارو آهين، تنهنجي حڪم سان سڀ ڪجهه ٿئي ٿو:

تون ڏيين، تون لاهين، تون هين هادي رب،
آهم ڏيين، تون لاهين، ڏاتر کي ڏکندن.

* * *

حبيب تون، طبيب تون، تون دارون کي دردن،
تون ڏيين، تون لاهين، ڏاتر کي ڏکندن،
تڏهن ڦکيون فرق ڪن، جڏهن امُر ڪرهو ان کي.

### ٥,٢,١٠ سُر ڪارايل

سر ڪارايل ۾ شاهه عبداللطيف مختلف پکين جو ذڪر ڪيو آهي. هن سر ۾ شاهه مور، هنجهه، نانگ ۽ ٻين جيتن جڻين سميت گلن کي بہ ڳايو آهي.ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع مستند شاهه جي رسالو" (ڇاپو پهريون) ۾ لکي ٿو تہ:

"هن سر ۾ هنجهه ۽ ڪاريهر اصيل نانگ جي روايتي خوبين جي تمثيل سان اعلىٰ اخلاقي معيار جا کي رخ روشن ٿيل آهن". (بلوچ، ٢٠٠٩ع: ١٥٣)

سنڌ جي روايت موجب هنجهه نهايت ئي صاف ۽ سگلو پکي آهي، هو ڪارن ڪانيرن وانگر نہ کي تانگي، ميري ۽ لٻيل پاڻيءَ ۾ لهي، نہ کي وري ڪاڏي لاءِ چلڙ ۾ چنهب هڻي ۽ ککي ڪائي. هو تار پاڻيءَ واري وڏي سر يا ڇڇ ۾ لهي ۽ اتي سپون سوجهي موتي چڻي، شاهه لطيف نانگ کي تمثيلي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن سر ۾ شاهه پونئرن، ڪنئور (ڪنول) گل کي بہ علامت طور ڪم آندو آهي:

ڪئونر پاڙون پاتار ۾، پئونر پري آڪاس،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

(سر ڪارايل)

اجا بہ اڳتي چوي ٿو تہ:

ڪئونر پاڙون پاتال ۾، پئونر نہ پري م سج،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، عشق اي‍ءَ اهج،
توءِ نہ لهين اج، جي پيو پين پاڻ ۾.

(سر ڪارايل)

* * *

هنجن سين هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهارئين،
ٻگهن ساڻ ٻيهار، ٻيلهه نه ٻڌين ڪڏهن.

(سر ڪارايل)

* * *

اڇو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن پاڻيءَ متي هنجڙا!

* * *

سنها ڀانءِ م سپ، وياءَ واسينگن جا،
جنين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان نه چري.

### ٥,٢,١١ ڪوهياري

شاهه عبداللطيف جي شاعري، انسان ۽ اسلام دوستيءَ جي رنگ ۾ ايتري ته رڱيل آهي، جو ڀٽائيءَ کي چوٽو پئجي ويو ته:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پِريان سندي پار ڏي.

سر ڪوهياريءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي انساني اخلاق ۽ ڪردار جا جيڪي نُڪتا بيان ڪيا آهن، انهن کي اسلامي قدرن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو. مثال طور هن سر ۾ شاهه لطيف ننڊ جي نفي ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. سندس خيال موجب منزل ماڻڻ لاءِ سڄي رات سمهڻ بجاءِ اکين کي اوجاڳو ڏيڻو پوندو. ان سلسلي ۾ شاهه عبداللطيف فرمائي ٿو ته:

لیل نہ جاڳيئيءَ لک سين، نوم سُتينءَ سڀ رات،
اوڳي اونيئڙن جا پهه پُڇين پريات،
ٿيءُ سڳر تن سات، تہ پوري ڪنهہ پال مڙين.

عبدالرحمان جسڪاڻي پنهنجي مقالي ”سرڪوهياريءَ ۾ اسلامي قدر“ ۾ اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ ننڊ جي نفي بابت هڪ هنڌ لکي ٿو:

”اسلامي تعليمات ۾ بہ اسان کي ننڊ جي نفي ۽ شب بيداريءَ جو سبق ملي ٿو، نہ رڳو ايترو بلڪہ رات واري عبادت جي ايتري تہ اهميت آهي جو الله رب العزت پاران ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي بہ رات جو عبادت ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو.“ (جسڪاڻي، ٢٠٠٦ع: ٩٦)

شاهہ عبداللطيف ننڊ جي ايتري تہ نفي ڪئي آهي جو ان کي ڪمينين جو ڪم قرار ڏيندي پرين پسڻ لاءِ ننڊ وارونيرُ ٽوڙڻ جي صلاح ڏني آهي.

ايءُ ڪم ڪميڻين، جئن ستينءَ پير ڊگها ڪري،
ننڊان نماڻين ڪي، اوپالا اچن،
ليٽينءَ ڪيئن لطيف چئي هاري ري هوتن،
سي ڪيئن پنهون پسن، جن کي نير ننڊ جو.

## ٥,٢,١٢ سارنگ

شاهہ لطيف ”سر سارنگ“ ۾ برسات جي جيڪا منظر ڪشي ڪئي آهي، ان کي بيان ڪرڻ فقط شاهہ جي وس ۾ ئي آهي.

موٽي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار،
وجون وسڻ آئيون، چوڏس ۽ چوڌار،
ڪي اٿي وسيون استنبول ڏي، ڪي مڙيون مغرب پار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل، ڪي قنڌار،

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست! منا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

سر سارنگ ۾ ساونڻ جي منڌائتي مينهن جو مانداڻ منديل آهي، مينهن جي پالوٽ سان اجايلن جي اڄ لهي ٿي، مال سڪيو ٿئي ٿو ۽ سانگي سرها ٿين ٿا، پرديس ويل پورهيت وطن ورن ٿا ۽ وڇڙيلن جا ميلا ٿين ٿا.

"مينهن،الاهي رحمت آهي ۽ ان حوالي سان هن سُر ۾ سنڌ جي سُڪار ۽ سڄي جهان جي سک ۽ آبادي لاءِ دعا گهريل آهي. ان مرڪزي موضوع سان گڏ (الف) سارنگ جي رنگن، سُرنگن، اتران اٿندڙ ڪڪرن جي ڪوٽن ڪنگرن ۽ ڪنوٽين وڄڙين جي ڪيلن وارو ماحول ۽ مانداڻ (ب) ۽ ساونڻ جي فضا ۾ سوپياسانگياٽين جي حسن ۽ جمال جا اهڃاڻ ڏنل آهن، جيڪي شاعرانہ اعجاز جا من موهيندڙ مثال آهن". (بلوچ،٢٠٠٩: ٤٠٤)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هن سر ۾ مينهن ۽ نينهن جي پاڻ ۾ مماثلت اهڙي تہ حقيقت پسندانہ ۽ دلربانہ انداز ۾ پيش ڪئي آهي جو اهڙو تقابلي جائزو جهڙس ڪو ٻيو پيش ڪرڻ جي قابل ئي نٿو ڀاسجي، فرمائي ٿو تہ:

مينهان ۽ نينهان، ٻئي اڪر هيڪڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪري تہ ڪڪر ڪن ڪيهان،
بادل ٿي بيهان، جي آگم اچڻ جا ڪري.

### ٥,٢,١٣ سُر ڪيڏارو

سُر ڪيڏارو هڪ رزميہ/ جنگي سُر، جنهن ۾ ڪربلا جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي سُر ڪيڏاري جي معنيٰ "ميدان جو ميدان آهي". (گربخشاني، ١٩٩٦ع: ٦٦٥)

"ڪيڏارو، گجراتي لفظ "ڪيدارو" ۽ سنسڪرت لفظ "ڪيدار" جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'جنگ'." (سومرو، ١٩٩٣ع: ١٧)

“مصدر “ڪيڏارڻ” مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي – ڪنهن سورهيہ جي موت تي روئڻ، پٽڻ ۽ سندس خصلتن ڪي ڪيرتڻ يا واڪاڻ ڪرڻ.” (سومرو، ١٩٩٣ع: ١٧)

درحقيقت ‘ڪيڏاري’ هڪ هندستان راڳڻيءَ جو نالو بہ آهي، جيڪا راڳڻي ديپڪ راڳ جي پنجن استرين (زالن) مان هڪ آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي لکي ٿو تہ:

“ڪيڏاري هڪ راڳڻي آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن پاريائن (زالن) مان هڪ آهي. هن راڳڻيءَ کي “سمپورڻ” راڳڻي پڻ ڪوٺبو آهي ۽ اڌ رات جو ڳائبي آهي.” (گربخشاڻي، ١٩٩٦ع: ٤١)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي راءِ سان سهمت ٿيندي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پرمانند ميوارام جي لغت “سنڌي – انگلش ڊڪشنري” جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

“ڪيڏارو هندستاني راڳ ۾ هڪ راڳڻيءَ جو نالو بہ آهي ۽ جنگ کي اسين ‘ڪيڏارو’ چوندا آهيون.” (آڏواڻي، ؟: ٣١٤)

بهرحال، اها ڳالهہ طئہ ٿي تہ سُر ڪيڏاري ۾ شاهہ عبداللطيفؒ حق جي واٽ تي هلندڙن جي سورن ۽ سختين جو ذڪر تفصيلي ڪيو آهي. ڌڻي پاڪ پنهنجن پيارن انسانن کي سختيون ٿو سهائي، ان ۾ ڪو گهرو راز رکيل آهي. حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ سندن اولاد لاءِ شهادت ازل کان ئي لکيل هئي. سندن لاءِ سختيون نہ هيون، پر اهو الاهي محبت جو اسرار هو،جنهن اهڃاڻ جي يزيد کي رتيءَ برابر بہ پروڙ نہ هئي. حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ حضرت امام حسن رضي الله تعاليٰ عنہ پنهنجا سر مبارڪ حق ۽ دين لاءِ قربان ڪري ڇڏيا. اهي ظلم، زيادتي ۽ ناحق آڏو هرگز نہ جهُڪيا ۽ شهادت ماڻيائون. سندن ۽ حق ۽ صداقت لاءِ ڏنل قربانيءَ کان شاهہ لطيفؒ متاثر ٿي فرمائي ٿو تہ:

سختي شهادت جي، نِسورو ئي نازُ،
رند پروڙين رازُ، قضيو ڪربلا جو.

(سُر ڪيڏارو، د ١، ب ٥)

شاهه جي رسالي ۾ موجود 30 سُرن ۾ سُر ڪيڏارو 18 هون نمبر سُر آهي. سُر ۾ ڪل 6 داستان ۽ هر هڪ داستان جي آخر ۾ هڪ وائي آهي. اهڙيءَ طرح 6 وايون آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي ۾ سُر ڪيڏاري ۾ 73 بيت آهن. غلام محمد شاهواڻيءَ جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي ۾ پڻ 73 بيت آهن، جڏهن ته پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ ٤٣ بيت ڏنا آهن.

سُر ‘ڪيڏارو’ همت، شجاعت ۽ بهادريءَ سان رُڪ وهندي راند ۾، شينهن مڙسن جي ڪنڌ ڪپجڻ ۽ ڪائنات جي عاشقن جي شهادت تي ماتم ڪرڻ جي ذڪر سان سينگاريل آهي. هن سُر جي عڪس ۾، جنگ جو ميدان، تلوارن ۽ ڀالن جا چمڪاٽ، بهادرن جو بهادرن سامهون سورهيائيءَ سان وڙهڻ ۽ اڙل وڇيرن تي چڙهي منهن مقابل ٿيڻ جا عڪس بيان ٿيل آهن. اهڙيءَ طرح هن سُر ۾ جنگ جي ميدان جو مڪمل نقشو چٽيل آهي.

چنڊ وِهاڻيءَ چڙهيا، ملهه مدينئا مير،
اُن سين طبل باز، تبرون، ڪند ڪٽارا ڪير،
عليءَ پٽ امير، ڪندا راڙو رُڪ سين.

(سُر ڪيڏارو، د ١، ب ٥)

✷

ڪامل ڪربلا ۾، آيا جُنگ جوان،
ذرتي ڏبي، لرزي، ترٽليا آسمان،
ڪره هُئي ڪانَ، هو نظارو نينهن جو.

(سُر ڪيڏارو، د ٢، ب ٤)

یا وري

کربلا جي پڙ ۾ خيما کوڙيائون،
جهيڙو يزيد سامهون، جُنبي جوڙيائون،
مُنهن نہ موڙيائون، پسي تاءُ ترار جو.

(سُر کيڏارو، د ٢، ب ٢)

فرات نديءَ جي کناري تي، کربلا جو وسيع ميدان، جنهن ۾ مانجهي مردن پنهنجا خيما اچي کوڙيا. سامهون زيد جو لشکر هو. ان سان جُنبي جنگ جوٽڻي هُئن. جنگ شروع ٿئي ٿي تہ تلوارن جا چمڪاٽ ڏسي، جنگ جي ميدان ۾ سورهيہ نٽا مُڙن پر لڳاتار وڙهندا رهن ٿا.

آيا اجارين، ٽُنڪ، تراريون، تئُرا،
سانگيون سائِن هٿ ۾، کلهنئون نہ لاهين،
اُيا ئي آهين، مهاڻي مرڻ تي.

✷

هٽڻ هکلڻ بيلي سارڻ، مانجهيان اِيءُ مرڪ،
وجهان تان نہ فرق، رُڪ وهنديءَ راند ۾.

(سُر کيڏارو، د ٣، ب ٣)

شاهہ لطيفؒ هڪ هنڌ فرمائي ٿو تہ:

بهادر گڏيا بهادرين، کڙڳ کلول کن،
وجهن ڏڙ ڏڙن تي، هاکرين هٽن،
کَرِن کنڌ نچِن، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

هن بيت ۾ ڇُرندڙ پُرندڙ تصوير آهي، جيڪا جنگ جي ميدان جي پوائتي ۽ لڳ ڪانڌاريندڙ آهي. جتي بهادر هڪ ٻئي سان مقابلو ڪري رهيا آهن. سندن تلوارن جو ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ پيو اچي. اهي هڪلون ٻه پيا ڪن ۽ هڪ ٻئي کي ڌڪ ٻه پيا هڻن. هڪڙن بيجان ڌڙن مٿان ٻيا ڌڙ پيا ڪِرَن، تازن ڪُنلن جا ڪنڌ زمين تي ڦتڪي رهيا آهن، جنگ جي ميدان ۾ شور ۽ روڄ راڙو آهي. بيت جو آخري حصو "رِڻ ڳجيو راڙو ٿيو" بيت ۾ اٽڪُٽ جذبو ٿو پيدا ڪري.

شاهه لطيفؒ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳاڙهو رنگ نه محبوب لاءِ پسند ڪري ٿو، پر ريتو ٿيڻ ۽ ڪڪورجڻ جي محاوري ۾ ان رنگ کي شخصيت جي تڪميل لاءِ ۽ ڪنهن ازلي وحدت سان ملي هڪ ٿي وڃڻ لاءِ اهڃاڻ طور استعمال ڪيو آهي. شاهه لطيفؒ ڏيکاريو آهي ته ڪاڪ وانگر ڪيڏاري ۾ ڪربلا به ڪڪورجي ٿي. دل دل جا پير به ڳاڙها ٿين ٿا. اهڙي منظر کي شاهه لطيفؒ هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڪربلا ڪڪوري دلدل رَتا پير،
سٿون ڏيندي شير، مٿان سج مُرڪيو.

سورهيه حسين رضي الله تعالىٰ عنه هزارن جي ملهه وارو رُڪ جو ٿوپ پهري جنگ جي ميدان ۾ بيٺو آهي. هن ڪامل کي هيرن ۽ ماڻڪن جي جڙت واري ڪلنگي مٿي مبارڪ تي آهي. جُنگ جُوان جي دستار مبارڪ رت سان رڱجي لال ٿي ويئي آهي:

ڏاڙهي رت رُتياس، ڏند ڏاڙهونءَ گل جئن،
چوڏهين ماه چنڊ جئن، پڙ ۾ پڳڙياس،
ميڙي ۾ محمد جي مر مُرڪي مياس،
تنهن سورهيه کي شاباس، جو مٿي پڙ پرزا ٿيئي.

هن بيت ۾ شاهه لطيفؒ حضرت امام حسين رضي الله تعالىٰ عنه جي شهادت جي عڪس چٽيو آهي. امام مبارڪ جي سونهاري رت ۾ رڱيل آهي، وات جي زخمن

مان رت وهي ڏندن کي ڏاڙهونءَ گل جيان ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي، سندن سفيد پڳ مبارڪ جنگ جي ميدان ۾ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر پيئي چمڪي. شاهه لطيفؒ هِتي سفيد ۽ ڳاڙهو رنگ، امن ۽ جنگ، چنڊ ۽ رات تمام خوبصورت تشبيهون ڏنيون آهن.

حُسن مير حسين جي، سئي جنگ جهانُ،
ا•اٺا اوڙ ڪري، ڪارين پڪين ڪان،
پيءُ، ڏاڏاٺا، پاڻ سيد سڀ ملهائيا.

هن بيت ۾ ڪارن ڪنين وارن پڪين کي ڪان لڳل آهي، ڪاري رنگ وارا پکي منظر ۾ اداسي وڌائي ڇڏين ٿا. ڪارو رنگ، ماتمي رنگ جي علامت بڻجيو وڃي. شاهه لطيف ڪاري رنگ کي ماتمي رنگ سڏيو آهي.

شاهه لطيفؒ جو سُر ’ڪيڏارو‘ اختلافي سُر رهيو آهي. ڪن عالمن هن سُر کي شاهه جو سُر مڃيو آهي ته ڪن وري نه مڃيو آهي. جن نه مڃيو آهي، تن وري پنهنجا ثبوت به نه ڏنا آهن. مثال طور: علامه آءِ.آءِ قاضي پنهنجي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي ۾ هيءُ سُر نه ڏنو آهي، ان لاءِ وٽس ڪا به سَنَدَ نه آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر گربخشانيءَ سُر ڪيڏارو پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي ۾ ڏنو ته سندس شاگرد ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو ڪانئس الڳ ٿي ويو، پر وٽس ڪي به دليل نه هئا. مٿين ڳالهه جي ڊاڪٽر دائودپوٽي به وضاحت ڪئي آهي ته: ”منهنجي خيال موجب، سُر ڪيڏارو شاهه جو ڪلام نه آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ اهو سُر شاهه جي رسالي جي ٽئين جُلد ۾ درج ڪيو، تنهنڪري منهنجو هن سان اختلاف ٿيو هو ۽ آءٌ پوءِ ساڻس شريڪ ڪار نه رهيس.“ (دائودپوٽو، ١٩٧٨ع: ٢٠٣)

سُر ڪيڏاري کي شاهه لطيفؒ جي ڪلام نه مڃڻ وارن عالمن ۾ مخدوم محمد صالح ڀٽي، ديوان ليلا رام وطڻمل لالواڻي، مولانا دين محمد وفائي، شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، علامه آءِ. آءِ قاضي، خانبهادر محمد صديق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرفهرست آهن. سُر ڪيڏاري کي مڃڻ وارن ۾

ڊاڪٽر گربخشاڻي، مرزا قليچ بيگ، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، لالچند امرڏنو مل، غلام محمد شاهواڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، عثمان علي انصاري، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ٻانهون خان شيخ سرفهرست آهن. ان کان علاوه، مير عبدالحسين خان سانگي، محمد بخش واصف، پروفيسر لطف الله بدوي ٻه ڪيڏاري کي شاهه جو ڪلام مڃيو آهي.

ڪيڏاري جي ٻاهرين ۽ اندروني شاهدين کان پوءِ هيءَ ڳالهه واضح ٿئي ٿي تہ سُر ڪيڏارو مڪمل طرح شاهه جو لکيل سُر آهي، نہ ڪي ڪنهن ٻئي شاعر جو آهي. شاهه لطيفؒ پاڻ سادات مان هو، ان جي سُرن، داستانن، بيتن ۽ واين، شاهه جي فن، فڪر، خيال ۽ مشاهدي قوت ڏسندي، اهو تسليم ڪرڻو ئو پوي، تہ سُر ڪيڏارو مڪمل طرح شاهه جو پنهنجو سُر لکيل آهي. هن سُر ۾ شاهه لطيفؒ الله پاڪ جي پياري محبوب حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي ڏوهٽن، شيرِ خدا حضرت علي ڪرم الله وجهه ۽ امان خاتونِ جنت بيبي فاطمة الزهره رضي الله تعاليٰ عنها جي جگر جي ٽڪرن حضرت امام حسن رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنہ جي شهادت ۽ ماتم ڪيو آهي.

### ۵,۲,۱۴ سُر پرڀاتي

پرڀاتي هندستاني راڳڻي اهي، جا صبح جو ڳائبي اهي. پرڀات يعني اَسُر. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ان ڳالهه جي تائيد ڪندي چوي ٿو تہ: "پرڀاتي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا پرڀات (اسر) جو ڳائبي آهي." (آڏواڻي، ١٩٧٦ع: ٤٣٩)

هن سُر ۾ شاههؒ انسان کي عبادت جو تاڪيد ڪري ٿو ۽ ڏاتيءَ جي اپار سخاوت کي ساراهي ٿو. هتي سپڙ سخيءَ مان مراد ڏاتي تعاليٰ رب العالمين پاڻ آهي ۽ اهو ئي سيني کي روزي مهيا ڪري ڏئي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

"بلاول وانگر هيءُ سُر بہ موروثي مڱتن ۽ مڱڻهارن جو سردارن کي ڳائڻ، ساراهڻ ۽ کانئن ڏان وٺڻ واري رسم ۽ روايت جو يادگار آهي. هن سُر جو خاص موضوع لسٻيلي جي والي سپڙ ڄام جي سخا آهي. ٻين سردارن سخا ڪئي تہ پنهنجي شان شوڪت وڏائڻ لاءِ ڪئي، پر سپڙ ڄام سخا ڪئي تہ پنهنجي نالي وڏائڻ لاءِ ڪانہ ڪئي، پر ڪيرت وارن جي قدر داني ۽ ڏکين ڏڌن جي مدد لاءِ ڪئي. هن خاص طور محتاجن کي مانَ ڏنا ۽ ڏڌن کي ڏانَ ڏنا. . . اعليٰ معنوي جي لحاظ سان هيءُ سُر گهُرندڙ ۽ ڏيندڙ ٻنهي جي اعليٰ ڪردار جو آئينو آهي." (بلوچ، ١٩٩٩ع: ٧٠-٧١)

سُر پرڀاتي ۾ مضمون جي لحاظ کان ڀانن ۽ مڱڻهارن جي ڪيرت بابت ۽ سنڌ جي مشهور سخي سردار سپڙ ڄام جي سخا ۽ عطا بابت ڪلام آهي. هن کي اسين سپڙ ڄام بابت لکيل قصيدو بہ چئي سگهون ٿا. بقول غلام محمد شاهواڻيءَ جي، "هنن بيتن کي سنڌيءَ ۾ قصدي جو ابتدائي دؤر چئي سگهجي ٿو." (شاهواڻي، ١٩٩٣ع: ٨٥٧)

سُر پرڀاتي ۾ روحاني طور لطيف سرڪار جيڪا تمثيل بيان ڪري ٿو، ان مطابق پاڻ سپڙ ڄام، الله پاڪ لاءِ مستعار ڪري ٿو. جيڪو سڀ جو روزي ڏيندڙ ۽ واحد معبود آهي. مڱڻو، ڄاڄڪ، چارڻ، ڀان وغيره ٻانهي لاءِ مستعار ڪيو اٿائين. هن سُر جا بہ خاص موضوع آهن، جيڪي هو انسانن کي هدايت ڪندي ظاهر ڪري ٿو: هڪ تہ هو ٻندي کي هدايت ڪري ٿو تہ رزق ۽ روزي هميشہ صرف ۽ صرف ان رب رزاق کان گهُرو جيڪو اصل ڏيندڙ آهي ۽ جيڪو ڏيڻ کان پوءِ سهائيندو ڪين ۽ ٻي هدايت انسانن کي شاهہ لطيفؒ اها ڪري ٿو تہ ڪڏهن بہ رب جي عبادت ۽ اطاعت کان غافل نہ ٿيو، ڇو تہ هيءَ دنيا جي فاني حياتي جيڪا اسان کي ڏني ويئي آهي، سا ڪنهن عيش عياشيءَ لاءِ نہ پر ابدي حياتيءَ کي بهتر بڻائڻ جي تياري ڪرڻ لاءِ ڏني ويئي آهي. ان سلسلي ۾ شاهہؒ خاص طور تي رات ۽ فجر ويل جي عبادت تي گهڻو زور ڏنو آهي. پهرئين ئي بيت ۾ چوي ٿو تہ:

ايءُ يانن نہ پير، جيئن ڪينر ڪيريءَ تنگيو،
سونهاري صبوح سين، وجهي وينين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.

(سُر پرياتي ، ب ١)

اڳتي چوي ٿو:

ستو ڪيئن ننڊون ڪرين، رو وهاڻي روءِ،
سُپان ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾.

(سُر پرياتي ، ب ٢)

“هن سُر ۾ شاهہؒ جيئن تہ مڱڻهارن سان مخاطب آهي، انڪري ٻولي بہ ان سان تعلق رکندڙ استعمال ڪئي آهي. هن بيت ۾ ان ئي تمثيل ۾ شاهہؒ نهايت گهري ڳالهہ چئي، هو چوي ٿو تہ:

سيرانديءَ ساز ڪيو سمهين ساري رات،
جاجڪاڻي ذات، ائين هوءِ اڳهين؟

(سُر پرياتي ، ب ٣)

سُر پرياتي حالانڪ شاهہؒ جي مختصر سُرن مان هڪ آهي،جنهن ۾ ڪُل 27 بيت ۽ بہ وايون آهن،پر ان جو هڪ بيت جهڙو تہ ظاهري مطلب جي لحاظ کان معنيٰ خيز آهي، اهڙو ئي روحاني معنيٰ جو پندار آهي.

جنين سک ناه ڪو، چارڻ سي چئجن،
رجن راهہ پچن، متي ڪلهي ڪينرا.

(سُر پرياتي ، ب ٤)

يعني حقيقي عاشق ۽ عابد ٻانهي جون اِهي نشانيون آهن، جو اُهي ڪڏهن به بي اونا ٿي ويهي نٿا رهن، بلڪ پنهنجي پرينءَ جي رضامندي ۽ ان جي وصال خاطر برپٽ جهاڳيندا وتن ٿا.

”ڌڻيءَ جي در تي اهو مقبول ٿيندو آهي، جيڪو عاجزي ۽ نيازمنديءَ کان ڪم وٺندو آهي. جيڪو انا ختم ڪري نوڙت ڪندي ٻاجهه ۽ فضل گهرندو آهي. لطيفؒ چوي ٿو ته پاڻ کي گهٽ ڪري مالڪ جي درگاهه ۾ وڃي عرض ڪرڻ سان خالي جهول پرجي ويندو آهي.“ (موهن لعل، ٢٠١٠ع: ٨٥)

تون سپڙ آءٌ سيڪڙو، تون صاحب آئون سڳ،
پڇي تنهنجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

✷

تون سپڙ آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار آءٌ ڏڌ،
سٽي تنهنجو سڌ، ڪلهي پاتم ڪينرو،

✷

تون سپڙ آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتار آءٌ ڏوهه،
تون پارس آءٌ لوهه، جي سجين ته سون ٿيان.

ڌڻي اهو ڏاتار آهي جو بندي کي بي حساب ۽ روز ڏيندو رهي ٿو، پر دنيا دار سخي دان ڏيندي ٿڪجي به پون ٿا ۽ ڪڏهن موٽ ۾ مهٽو به ڏيئي سگهن ٿا، انڪري اهڙن ظاهري ۽ ڪوڙن سخي ۽ ڏاتارن کي ڇڏي حقيقي مالڪ ۽ سچي ڏاتار کان گهرڻ بهترين عمل آهي. لطيف فرمائي ٿو ته:

مڱ تنهين کان مڱڻا، جو ڏيهاڙي ٿو ڏئي،
ڪوڙا در دنيا جاجڪ مڱين جي،

سيان تنهين کي، موتي ڏيندا منهن ۾.

مٿئين بحث کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته: شاهه لطيفؒ جي نظر ۾ مالڪ حقيقي وڏو ۽ سچو سخي ڏاتار آهي. دنيا جا سيئي سخي ۽ ڏاتار اُن جا مڱڻا آهن. سچو سخي ۽ ڏاتار هر دم پنهنجي ٻانهن تي ڪرم ڪندڙ ۽ وڏو مهرباني آهي. اهي مڱڻا، جيڪي هن دنيا ۾ سخي ۽ ڏاتار سڏجن ٿا، انهن کي پنهنجي حقيقي ڏٽي ۽ ڏاتار جي بارگاهه ۾ اهو چئي حاضر ٿيڻ جڳائي ته:

ڏاتار ته تون، ٻيا مڙئي مڱڻا،
مينهن ته مندائتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، ته ميريائي مانُ لهان.

**٥,٢,١٥ سُر بروو**

جدا جدا قلمي رسالن ۾ لفظ 'بروو' جدا جدا اُچارن سان لکيل آهي، جيئن: بَروئُو، بَرئُو، بَروءِ، بَروئي، بَرءِ، بِره، بَرَوَه، بَروو.

مٿين اُچارن مان ظاهر آهي ته گهڻ سُرن موجب بَرئو، بَرووئو ۽ بَروو اُچار وڌيڪ آيل آهن. شاهه جي راڳ جي فقيرن جي زباني پڻ سُر جو نالو سُر بَرئُو يا بَروو ٻڌايو ويو آهي. ڊاڪٽر بلوچ هن سلسلي ۾ رهنمائي ڪندي لکي ٿو ته:

"سنڌي لغت جي لحاظ سان پڻ بروو ۾ معنيٰ سمايل آهي. ٿي سگهي ٿو ته اصل لفظ وِرهُ يا بِرهُ هجي يعني وڇوڙو، درد ۽ فراق. اهو به ممڪن آهي ته وِرهُ ۽ بِرهُ وڏي وِرهو يا بِرهو ٿيل هجن. 'وِره وارو' يا 'بره وارو' جيڪو سدائين ڏک ۽ غم جو گهايل ۽ بيمار هجي. برهو واري اُچار جي صورت بَروو ٿي سگهي ٿي، جنهن جي معنيٰ به سنڌي لغت جي لحاظ سان آهي غم ۾ گهايل، مريض ۽ بيمار. مولوي احمد ملاح هڪ شعر ۾ بَروو جو لفظ انهيءَ معنيٰ ۾ آندو آهي: بِرهَ خود بَروو بَنايُس، بُت بچائي ڇا ڪريان؟."(بلوچ، ١٩٩٥ع: ١٩)

هندوستاني موسيقيءَ ۾ ’راڳ بروه‘ موجود آهي، پر سنڌ ۾ بروو شروع کان ئي ’سنڌي موسيقي‘ جي هڪ مقامي راڳ يا راڳڻي طور ڳايو ويو.ا ن جو ثبوت اهو آهي جو شاهه جي رسالي جي سر برووي کان جدا، سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان وني ويندي ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ تائين قافيون ۽ ڪلام سنڌي ’بروي راڳڻي‘ ۾ ڳايا ويا. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته:

“شاهه جي راڳ ۾ به شروع کان وجي ’سنڌي برووي‘ کي هندوستاني يا هندي راڳ برووي کان جدا ڪري ڳايو ويو. اوائلي توڙي وچولي دؤر وارن قلمي رسالن ۾ انهيءَ فرق کي واضح ڪيو ويو. يعني ته سنڌي بيتن واري سر برووي کي ’بروو سنڌي‘ ۽ هندي بيتن واري بروي کي بروو هندي يا بيراگ ڪري لکيو ويو آهي.” بلوچ، ١٩٩٥ع: ٢٠)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پهريون پيرو سنڌ جي مقامي راڳڻي ’سنڌي بروو‘ کي پنهنجي اعليٰ راڳ جي نظام ۾ هڪ راڳ طور شامل ڪيو. ڪانئس اڳ ميين شاهه عنات جي ڪلام ۾ ’سر بروو‘ موجود ناهي. البت شاهھرح کان پوءِ واري دؤر جي ڪن وڏن شاعرن جي رسالن ۾ سُر بروو سنڌي سر برئو هندي جدا طور موجود آهن.

هڪ طرف هيءُ سُر سچي عاشق جي محبت ڀرين جذبن ۽ احساسن جي اظهار جو داستان آهي، سڄڻ جي سڪ ۽ ساڻس بي انتها پيار واري شعوري ۽ لاشعوري ڪيفيت جو آئينو آهي، فراق ۾ عاشق جي اندر جي آهه ۽ درد جي دانهون جو آواز آهي. محبوب موجود ڪونهي، پر هو هر دم عاشق جي اکين آڏو آهي. ڪيس غائبانه ياد ڪندي، عاشق پنهنجي اندر جو احوال اوري ٿو. ڪانگ کي قاصد ڪري نينهن جا نياپا موڪلي ٿو ۽ محبوب کي پيار ڀريا ڏوراپا ۽ محبت جون ميارون ڏئي ٿو.

ٻئي طرف هيءُ سُر محبوب جي بي مثال حُسن ۽ ناز جي نظاري جو آئينو آهي. سهڻي محبوب جي سهڻي صورت ۽ سيرت ۽ سندس ڳڻ ۽ ڳالهيون ان جا خاص عنوان آهن. تيون ته عشق ۾ عاشق بيوس هوندو آهي.

"هيرائي هٿ ڪيو هينئڙو حبيبن" ۽ "لڳيءَ جو لطيف چئي نڪو قال نہ قيل."

عشق زورراور ذات آهي، جنهن سان ڪو بہ حيلو نٿو هلي.

"عشق اهڙي ذات جو منجهائي مَيَن ڪي". هن سُر جي چئني داستانن جو مرڪزي موضوع جيتوڻيڪ ساڳيو آهي، مگر ڪنهن حد تائين هر داستان ۾ موضوع جا ڪي خاص ٽاٽا ۽ اهڃاڻ سمايل آهن. پنهنجي پرينءَ ڪي ياد ڪندي، فراق واري حالت ۾، عاشق جي اندر جي آهہ ۽ درد جي دانهن هن داستان جو هڪ اهم اهڃاڻ يا ٽاٽو آهي.

جڏهن پوي ٿي ياد، صحبت سپيرين جي،
فريادئون فرياد، ناگهہ وجن نڪرئو.

(سُر بروو، د ١)

غائبانہ عاشق جو پنهنجي محبوب سان حال جون ڳالهيون ۽ پنهنجي دلدار سان دل جون ڳالهيون ڪيل آهن تہ: "اي منهنجا محبوب! جيڏو تنهنجو شان آهي، مون تي احسان بہ اوڏو ئي ڪر." محبوب هر ڀاڱي ڀلو آهي. هو پنهنجي ذاتي ڀلائي طور ڀلو آهي. سندس انهيءَ ذاتي ڀلائيءَ واري اميد تہ عاشق جون پنهنجي پرينءَ ڪي محبت جون ميارون تہ: "جانب ائين نہ جُڳاءِ، جئن مارئو موٽئو نہ پڇين."

ڀلي ڪيئي ڀلا پرين، پر ائين نہ مناسب هوءِ! ان ڪان اڃا بہ وڌيڪ عاشق جون حجائتيون حال واريون ڳالهيون تہ، "ساهہ وني وئين سپرين ڪري فراقي!". اي منهنجا محبوب، تون جيڪڏهن پنهنجن عاشقن ڪي ڪُهڻ لاءِ اها ڪاسائڪي ڪار سکيو آهين تہ بہ "تکي ڪاتي هٿ ڪري، مُنيءَ سان مَ مار" جي تون پنهنجا قدم پري هڪ ڀيرو مون وٽ اچين تہ: "ساجن سڀ جمار، گولي ٿي گذاريان."

ڪانگل نيئي ڪانگ، منهنجي ڏي محبوب ڪي،
لالڻ لايئي ڏينهنڙا، ڪنهن سَٽائي سانگ،

اوهان ريءَ اٽانگ، ويني وِرهه وَسائيان.

(سُر برووِ، د ٢)

نينهن جي نياپن جي هن روايت جو هڪ اهڃاڻ اهو بہ هو تہ ڪانگ لڪيت ۾ پڻ سنيها ڏيو آڻي:

ڪانگل ڪتابت جي آنديئي خوب خبر،
لس جنهين ۾ لکيا دلاسا دلبر.

(سُر پرڀاتي ، ب ٢)

سِڪ پرين سنهين ڏيڻ جي باوجود سڄڻ جي نہ اچڻ سببان فراق واري حالت ۾ سڪايل ڪي اهو گمان تہ شآيد نڪو ڪانگ پرينءَ تائين پهتو، نڪو پورو پيغام پهچايائين. تڏهن مٿس ميار تہ "هُئين وسيلو وچ ۾، ڪانگل ٻاريئي ڪانہ!"

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي هڪ مضمون "سُر برووي جو تحقيقي جائزو" ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ:

"هِن داستان (ٻئي) جي بيتن ۾ 'قاصد ڪانگ' ذريعي نينهن جي نياپن واري روايت جا جملي رُخ روشن ٿيل آهن، البت هن داستان جي وائيءَ جو موضوع الڳ آهي. ان ۾ ڪُڌن ڪرتوتن وارن ڪلچٽن، رياڪارن، بدخواهن، حاسدن ۽ خود غرضن کي ڪَوا ۽ ڪانگ سڏيو ويو آهي." (بلوچ، ١٩٩٥ع: ١٧)

داستان ٽئين ۾ مني محبوب ۽ پياري پرينءَ جي سهڻي صورت ۽ سهڻي سيرت جو بيان هن داستان جو مکيہ موضوع آهي. وڏي حُسن وارو محبوب جڏهن اُٿي ناز مان ٿِلي ٿو تہ آڏو زمين بہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ چئي، سندس راهہ چُمي ٿي:

ناز منجهاران نڪري جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
تہ پونءَ پڻ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ چئي، راهہ چُمي ٿي رند.

(سُر پرڀاتي ، ب ٣)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ:

“محبوب جي هن موهيندڙ حُسن جا جلوا اهي جو “ڳاڙها ۽ ڳوڙها، سڄڻ ڊاک ڇُڳن جيئن” ۽ سڄڻ سرها ائين جيئن “عطر ساڻ اَمُل”. سندن بخشش ۽ ڪرم واري نظرِ اها جو “پنهنجي مشتاق جي ڪچي ڪڏهن ڪانہ ڪيائون”، “ساجن سيبيئي، ڍڪئم ڍولَ ڍلائيون”. اي منهنجا محبوب! مون کي پنهنجا عيب تو وٽ اچڻ نٿا ڏين. تون پاڻ اچي ڪا منهنجي حال جي حَيقت ٻڌ. اهي عرض سڻي دوست دلاسو ڪئو. محبوبن منهنجي سپ ڏوهہ معاف ڪيا. جڏهن پاڻ آيا تہ منهنجو پڳو من سڄو ٿيو ۽ “پيڙ پري ويئي، اچڻ سان عجيب جي.” (حوالو ساڳيو)

عشق جي ڏاڍائي ۽ زوراوري جو ذڪر داستان چوٿين ۾ اچي ٿو، ۽ اهو هن داستان چوٿين جو خاص موضوع آهي. هڪ طرف “عشق اهڙي ذات جو مُنجهائي مَين ڪي” ٻئي طرف سچائي ۽ اخلاق جي ڪمي آهي، انهيءَ ڪري محبت جي ميدان ۾ سنيالي هلجي، دل جو دلبر هڪڙو ئي هجي، چلولو ٿي در در دوستي نہ لائجي. محب سراسر درد جو هڪ اونهو داستان آهي، نہ جي ڪانيءَ واري درديلي ڦوڪ وانگر، درد ۽ فراق واري دانهن اوچتو دل ۾ اُيري ٿي، پر دل لڳيءَ جو ڪو داد ئي ڪونهي. “لڳيءَ جو لطيف چئي نڪو قال نہ قيل”. فراق جو سبب سڄڻ جي پنهنجي بي رُخي ۽ بي پرواهي ڪانهي، هو پاڻ بيوس آهي. “پرين وس نہ پانهنجي” منهنجا پيارا پرين پري آهن، تہ بہ هر دم مون ساڻ آهن: “اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري”، ماڻهو گهرن مال، آءٌ سپ ڏينهن گهران سپرين”. محبوب منهنجو هينئڙو هيرائي هٿ ڪيو آهي، سو ڪانئن ڪيئن ٿو جدا ٿي سگهي! پر پيارا پرين پُورن وارا آهن: عاشَن لاءِ ڪڏهن سندن دروازا ديدار لاءِ کُلن ٿا تہ ڪڏهن پاڻ طاقيون ڏيو چڏين. جنهن منهنجو جانب مون وٽ آيو تہ سپ ڏک ۽ سُور سڻجي کُٽجي ختم ٿي ويا.

هتي ڪجهہ بيت مختلف داستانن جا ڏجن ٿا، جن مان سُر برووي جي بنيادي حيثيت ۽ معنيٰ جي پروڙو پئجي سگهي ٿي.

ڪڙو منجهه ڪَڙي، جيئن لوهارَ لپيٽئو،
تيئن منهنجو جيءُ جَڙي، سپيريان سوگهو ڪيو.

(سُر پرياتي ، ب ٢)

✷

جانب منهنجي جيءَ ۾ جي تو طَمَع پوءِ،
وٺ ڪاتي، وڍِ انگڙا، ادب ڪر مَ ڪوءِ،
پانيان پال سندوءِ، جي ساجَنَ سَنئون نهارئين.

(سُر پرياتي ، ب ٤)

✷

جانب ائين نہ جُڳاءِ، جئين مارِئو موٽئو نہ پڇين،
رتي رَتُ نہ سِنجري، سِڪ تنهنجي ساءِ،
اسان توهِي لاءِ، سهسين سُڪائون ڪيون.

(سُر پرياتي ، د ٥)

✷

تون صاحبزادو سُپرين، آءٌ نسورو نوڪَرُ،
بيحَدَ ڪريان بندگيون هٿ ٻڌي حاضر،
جِنان هَڏِ نہ ڇڏيان، دوست تنهنجو در،
مون تان مِهرَ نظر، پِرين لاهِ مَ پاهنجو.

(سُر پرياتي ، د ١٣)

✷

اچين جي هيڪارَ، مون ساريندي سُپرين،
وَنيون وهاٽا ڪريان، هنڌ وڇايان وار،
ساجن سڀ چمار، گولي تي گذاريان.

(سُر پرڀاتي ، د ١٦)

حاصل مطلب، سُر بروو سچو ئي معنوي سُري آهي: يعني تہ ان ۾ ڪنهن افساني يا نيهہ، تاريخي روايت جي اهڃاڻ بدران فقط سڪ ۽ محبت جو مضمون سمايل آهي. البت هن سُر جو داستان 2، سنڌي ۾ مجازي محبت واري ماحول ۽ روايت جو آئينو آهي. انهيءَ روايت موجب، ڪانگل وچ جو وسيلو آهي ۽ مشتاق محبوب جا هڪ ٻئي ڏانهن پيغام آڻيندڙ ۽ نيندڙ آهي. شاهہ لطيفؒ سنڌ جي اعليٰ علمي توڙي عوامي ادبي روايت کان باخبر هو. سر برووي ۾ آيل ڪانگل جي عنوان وارا بيت، سنڌ ۾ عوامي زندگيءَ ۾ مجازي محبت جي اهڃاڻن ۽ نينهن جي نياپن واري روايت جو يادگار آهن.

### ٥,٢,١٦ سُر پُورب

لفظ 'پورب' جي لغت ۾ معنيٰ آهي: اوڀر يعني اُڀرندو – پارت جي ڪانپور کان ويندي بهار وارو علائقو. (بلوچ، ١٩٨١ع: ٨٤٦)

اهڙن ماڳن تي جوڳين، سامين جا وڏا تيرٿ آهن. پور بندر بہ ملڪان ملڪ مشهور آهي. شاهہ لطيفؒ پورب ڏي پوربين جو ذڪر انڪري ڪيو آهي جو اُتي فقيرن جو وڏو مرڪز آهي. اهي سڀ جوڳي چيا وجن ٿا، انڪري جو شاهہ لطيفؒ هن سُر ۾ هر هر چوي ٿو تہ: "هلو تڪيا پَسون تن جا."

انهن جي تڪين پسڻ جو مطلب شاهہ وٽ ڇا آهي! ضرور انهن جو فڪري پهلو هوندو؟ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر پورب بابت لکي ٿو تہ:

"سُر پورب سالڪن ۽ سندن منزلِ مقصود تي پهچڻ واري پنڌ جو سُر آهي. سالڪن کي اڳين موحد هندو فقيرن جي تمثيل سان پوربي، ڪاپڙي، سامي، سناسي، جوڳي ۽ آديسي جي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي، جن جي منزل مقصود "ناٿ" آهي، جنهن کي ملڻ لاءِ هو پورب پورين (وڃن) ٿا. تمثيل ۾ پورب جڻ آخري منزل ۽ دارالبقا آهي، جنهن ابدي زندگي ماڻڻ لاءِ سالڪ فقير هن جهان مان ڪشالا ڪري راهي ٿين ٿا." (بلوچ، ١٩٩٥ع: ٢٨، ٢٩)

شاهه لطيفؒ جي هن سُر جي بيتن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته شاههؒ پوربيا يعني پوربي انهن جوڳين کي چوي ٿو، جن جي منزل مقصود اسان کان اوڀر طرف هئي يا ائين ڪٿي چئجي ته انهن آسڻ، تيرٿ ۽ مندر جهونا ڳڙهه جي آسپاس هئا. هن سُر جي ٻئي داستان ۾ انهن جوڳين ۽ سامين جو ذڪر آهي، جن جا آستان جهونا ڳڙهه ۾ هوندا هئا ۽ سندن زيارتون ڀُڄ ۽ گرنار جي علائقي ۾ هيون. انهن گرناري جوڳين ۽ سناسين کي شاههؒ پوربيا ڪري سڏيوآهي:

"پُوربيا پُوري وياءِ آسڻ آڏيءَ رات."
"پُورب ۾ پيهي مون تان گهٽو نهاريا."

يا

"سندو پورب پار آڇيائون ايندن ڪي."

هن سُر ۾ ٻه داستان آهن. پهرئين داستان ۾ شاههؒ ڪانگ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن کي سنڌ جا ماڻهو قاصد طور استعمال ڪندا آهن. ٻئي داستان ۾ سناسين جو ذڪر آهي، جيڪي شاههؒ جا تمام وڏا ۽ اوچا ڪردار آهن. شاههؒ هن سُر جي پهرئين داستان ۾ انهن عشق جي گهايل، سونهن جي ساڙيل جي دل جي ترجمانيڪئي آهي، جنهن وٽ ٻيو ڪو وسيلو ڪونهي، هو فقط ڪانگ کي التجا ڪري ٿو ته تون وڃي منهنجي محبوب کي آزي نيزاري سان سلام ڏي ۽ ڪيس چئو ته:

لالن لايئي ڏينهڙا، ڪانهن سٽائي سانگ،
اوهان ري اڙانگ، ويني وِرهه وسائيان.

عشق ۾ ڪهڙي نہ عجيب ماجرا آهن! جو مانجهين کي ۾ مُنجهايو ڇڏي. فقط محبوب کي پنهنجي ياد ڏيارڻ لاءِ "هينئون هٿن سان ڪييو ٿو ڏئي." شاهہؒ ڪانگ کان نہ رڳو پنهنجي پرينءَ جي پڇا ٿو ڪري، پر ڪيس پنهنجي سڄي ساٿيهہ ۽ مارُوئڙن جي خوشحاليءَ جو فڪر آهي، چوي ٿو تہ:

آءُ ڪانگا وڻ ويهہ، سُڌيون ڏي ساٿيهہ جون،
چڱا ڀلا سپرين کي سُک وسي ساٿيهہ.

سُر پورب جو ٻيو اهم داستان انهن درويش فقيرن جي صفت سان ڀريل آهي، جيڪي شاهہ جي دل جا راٽا هئا، هنن ئي کيس جاڳايو هو:

سُي سيج هياس، مون کي آه اُٿاريو،
جنهين جاڳاياس، آئون نہ جيئندي ان ري.

شاهہؒ انهن سامين تي افسوس ٿو ڪري، جيڪي پاڻ کي سامي چوائين ٿا، پر وري سک طلبين ٿا. اهڙن کان پاڻ بيزار آهي، کين چوي ٿو تہ:

سامي چايين سک طلبين، سکين نہ سامي،
اجا اوري پنڌ ۾، وبين وسامي،
گُر کي تون نہ گڏيين، چايين اِنا مي،
دائم مدامي، پورو رهج پرينءَ سين.

(سُر پرياتي ، ب ۳)

شاهہ لطيفرح مشاهدي جو شاعر هو، انڪري نہ فقط پنهنجي نفس جو باريڪ بينيءَ سان مشاهدو ڪيو اٿس، پر قدرت جي هر حُسن جي خيال ۾ محو

آهي. هي ڏکن جو پياسي آهي، سکن سان سندس ڪانہ پوي. "ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏک ريءَ".

شاهہؒ هن سُر ۾ هڪ طرف تہ نفس کي مارڻ جي ترغيب ڏني ٿو تہ ٻئي پاسي وري پاڻ انهن پورب ڏانهن ويندڙ سامين جي عشق ۾ حيران آهي ۽ ڪانگل کي نياپا پيو ڏئي. شاهہؒ سُر پورب ۾ نہ رڳو "وڍيل تي وايون ڪري، ڪُنل ڪوڪاري" پر سڪ جا سُڏڪا بہ ڀريا آهن. هن کي ساٿيهہ ۽ ساٿيهہ وارن جو وڏو اُونو ۽ فڪر آهي. هي اسان کي سجاڳ ڪري رهيو آهي تہ غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي ڪيس سڏ ۾ سڏ ڏيون ۽ سندس پيغام کي دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايون، ڇو تہ دنيا سندس پيغام لاءِ پياسي آهي.

## ٥,٢,١٧ سُر بلاول

هيءُ سُر سرڳواسي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي رسالي ۾ موجود نہ آهي، البت غلام محمد شاهواڻي مرحوم پنهنجي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي ۾ هن سُر جي مضمون ۽ مقصد تي مختصر نموني روشني وڌي آهي، پر اهو ڪونہ ڄاڻايو اٿس تہ 'بلاول' لفظ جي معنيٰ ڇا آهي ۽ ان تي اهو نالو ڪيئن پيو، مگر پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي ۾ هن سُر بابت لکيو آهي تہ:

"سُر بلاول – هندستان جي گائن وديا موجب، بلاول، رامڪليءَ وانگر، هندو راڳ جي پنجن استرين مان هڪ جو نالو آهي. ٻئي راڳڻيون دک ڪٽيندڙ ۽ اُتتي اچارڻ لاءِ موزون آهن. هن سُر ۾ ڏٽيءَ، پيغمبرﷺ ۽ جادم جکري جي واکاڻ اچاريل آهي. ڪٿي مراد اٿس ڏٽي، ڪٿي نبي سڳورو." (آڏواڻي، ١٩٥٨ع: ٤٧٨)

هن مان بہ اهو معلوم ڪونہ پيو ٿئي تہ لفظ 'بلاول' جي معنيٰ ڇا آهي، ان جو تاريخي پس منظر ڪهڙو آهي ۽ هن سُر تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ البت هن مان ايترو پتو پوي ٿو تہ: بلاول هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي.

“گرنٿن ۾ لکيل آهي تہ “مهاديو جي” ڇهريان ڇهہ راڳ بنايا، جن مان ڇهريون راڳ ڀيرون آهي. انهيءَ ڪري موسيقيءَ جي ماهرن جو خيال آهي تہ ڇهريون ٺاٺ ڀيرون هئڻ گهرجي. اهو انهيءَ ڪري بہ جو اهو صبح جي وقت جو راڳ آهي. البت “پنڊت ڀات کنڊي جي” ڏهہ ٺاٺ بيان ڪيا آهن. هن ڇهريون ٺاٺ شام جي وقت جو ڪلياڻ مقرر ڪيو آهي،جنهن ۾ تيور مَڌم جو هجڻ ضروري آهي. ان تي ماهرن جو رايو آهي تہ ڪنهن ڪلياڻ ۾ بہ ست ئي شڌ سر ڪونهن، وڪرت سر تيور مڌرم بہ آهي. ست ئي شڌ سُر بلاول ۾ آهن. انهيءَ ڪري ڇهريون ٺاٺ بلاول جو هجڻ گهرجي.” (ميمڻ، ١٩٩٢ع: ١٢)

بلاول ٺاٺ بابت ماهرن ڄاڻايو آهي، تہ وادي سموادي سرن ڪي بدلائي موسيقيءَ جي ماهرن بلاول جا ڪيئي قسم ٺاهيا آهن. ماهر اهو بہ چون ٿا تہ بلاول کي صبح جو ڪلياڻ بہ چوندا آهن. ڪامل جهوناڳڙهي “پاڪستاني موسيقي” (حصہ اول) ۾ لکي ٿو تہ:

‘بلاول’ صبح جو ڪلياڻ آهي. شاهہ جي رسالي برٽش ميوزيم واري نسخي ۾ سُر بلاول و صبوحي ڄاڻايل آهي، يعني سُر جو نالو ڄاڻايل آهي: بلاول و صبوحي.” (جهوناڳڙهي، ١٣٩١هہ: ٨٣-٨٥)

هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ‘بلاول’ هندستان جي راڳ وديا موجب هڪ ٺاٺ آهي ۽ صبح جو ڳايو ويندو آهي. موسيقيءَ جي ماهرن هن سُر تي ان نالي پوڻ جو سبب ڄاڻائيندي لکيو آهي: “بلاول تي ان نالي پوڻ جو سبب هي معلوم ٿئي ٿو تہ ملڪ ڪاٺياواڙ جي علائقي سورٺ جي بندرگاهن ۾ سومنات پٽن سان لاڳيتو “ويراول” بندر بہ هو. هنديءَ ۾ اڪثر “و” جي بدران “ب” اچاريو ويندو آهي، جيئن ‘شِو” کي ‘شب’، ‘وشنو’ کي ‘بشنو’ چيو ويندو آهي. ان کان سواءِ “ل” بدران “ر” اچاريو ويندو آهي، جيئن ‘ڪويل’ کي ‘ڪويريا’، ‘هولي’ کي ‘هولي’ ۽ گجراتي لفظ ‘ويداول’ بدلجي ‘بلاول’ ٿيو آهي.” (حوالو ساڳيو، ٨٦)

ان مان هي ثابت ٿئي ٿو تہ بلاول، عربي، فارسي يا هندي لفظ نہ آهي، پر گجراتي لفظ ’ويراول‘ بدلجي هنديءَ ۾ بلاول ٿيو آهي. ماهرن اهو بہ ڄاڻايو آهي، تہ مهراج ڪرشن ويراول جي ويجهو هڪ ڳوٺ جي ڏنار جي تير سان هرڻ ڪي مارڻ ويو. جيئن تہ هن سُر ۾ مهراج ڪرشن جي تعريف ڪئي ويندي آهي، انڪري هن سُر تي ڪرشن سان تعلق رکندڙ ماڳ جي ڪري ’ويراول‘ نالو پيو، جيڪو بدلجي هنديءَ ۾ ’بلاول‘ ٿيو. ان ڪان پوءِ هي ناٽ هند ۽ سنڌ ۾ ’بلاول‘ جي نالي سان ئي مشهور ٿيو.

انهيءَ پس منظر ۾ چئبو تہ سنڌي شاعرن هن سُر ۾ مضمون تہ ’ساراهہ‘ جو رکيو، پر شخصيت ۾ تبديل آندي، يعني هن سُر ۾ سنڌ جي سخي مردن ۽ سورهين جي ساراهہ ڪي سمايائون. نہ فقط ايترو، پر انهن سورهين ۽ سخي مردن جي علامتن ذريعي نبي ڪريمﷺ جي ثنا ۽ صفت ۽ سندن فيض جي پالوٺ جو ذڪر ڪيائون.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ هن سُر ۾ ابڙي جي انڪري ساراهہ ڪئي آهي جو هو بهادر آهي، سامون جهليندڙ آهي، عورتن جي پرگهور لهندڙ آهي ۽ سام تي سر ساهہ قربان ڪندڙ آهي. شاهہؒ چوي ٿو تہ:

> سرٽين جي سک لئي سام ڪنئي سردار،
> جي آيون ابڙن جي آڌار، سي سونگ نہ ڏينديون سومرا.

هن ۾ انهيءَ تاريخي واقعي جي ڳالهہ آهي، جڏهن سومرن ڏارين سان جنگ جي دؤران، پنهنجون عورتون ابڙي ڄام ڪي سام ۾ ڏنيون هيون ۽ ابڙي ڄام سام جو پورو حق ادا ڪيو هو. سام، سنڌي ثقافت جي خوبي رهي آهي. سنڌ جي ماڻهن نہ سام جهلڻ ڪان ڪڏهن ڪيٻايو آهي ۽ نہ سام جو حق ادا ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڪوتاهي ڪئي آهي.

شاهہ سنڌ جي انهيءَ سورهيہ کي ’ڏونگر راءِ‘ جو لقب ڏئي ٿو، جيڪو رياست جي سربراهہ هجڻ جي حيثِيت ۾ پنهنجي راڄ ڀاڳ جي پرگهور لهي ٿو ۽ پوري پوري حفاظت ڪري ٿو:

ٻين مڙني ڏنيون، ڏئي نہ ڏونگر راءُ،
اڻ-ڏنين آڏو ڦري، ڏنيون ڏي ڪٽاءُ،
لوريون لک مٽاءُ، اُنَ مٿيري موٽيائون.

شاهہ اٻڙي جي سخاوت ۽ عوام سان ڪيل مهربانين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

اٻڙو وڏ-وڙو، سُوڙو، سمر، سونهن سيڻِ،
تنهن در سڀ اچن، ڪنڌ نہ ڪڍي ڪچ-ڏٺي.

شاهہ جکري ڄام جي سورهيائيءَ ۽ سخاوت جو ذڪر ڪندي چيو آهي تہ: هو ٻين سردارن جي ڀيٽ ۾ اٻوجهن جو آسرو، آڌار ۽ پرجهلو آهي. هو دلير، سورهيہ ۽ جرئت ڀريو آهي. هو سوالين جون ضرورتون پوريون ڪندڙ آهي ۽ انهن کي ڪنهن بہ ويل وساري نٿو.

شاهہ هن ۾ جکري جون اهي خوبيون ۽ خصوصيتون هن طرح بيان ڪيون آهن:

اٻڙو اَڳاهن ۾، پرجهلو پاري،
سمي سُوالين کي، ويلهہ وساري،
مَنَهنَ — مُني جکرو، لماماعن تاري،
پڇي سي پاري، جي عاجزي آجورن ۾.

شاهہ لطيفہ هن سُر جي داستان ٻئي ۾ جکري جي علامت کي چٽو ڪيو آهي. هن صاف نموني ڏيکاريو آهي تہ جکري مان سندس مطلب آهي — نبي ڪريمﷺ جي ذاتِ اقدس. هو جکري جي علامت جي اوٽ ۾ چوي ٿو تہ ٻنهي

جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جو نہ ڪو مَٽ آهي، نہ ثاني. سندس جهڙو نہ ڪو ڄائو آهي ۽ نہ ڄمندو، چوي ٿو تہ:

جڪرو جس ڪرو، ٻيا مڙئي مل،
سمي جي سهاڳ جي، ڪنهين نہ پيئي ڪَل،
مٿي ان مرسل، اصل هئي ايتري.

✷

جڪرو جس ڪرو، ٻيا سڀ انيراءِ،
جيائين جڙيو جڪرو، تيائين نہ ٻيا،
مٿي تنهن ماڳا، اصل هئي ايتري.

هنن بيتن ۾ شاهہؒ پاڻ سڳورنﷺ جون خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪيون آهن. ڪن بيتن ۾ تہ واضح بنموني پاڻ ڪريمﷺ جن جون وصفون ۽ صفتون بيان ڪري، ثنا ۽ صفت ڪئي اٿس. هن بيت ۾ شاهہ لطيفؒ ٻنهي جهانن جي سردار جي معراج جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان حقيقت جو اظهار ڪيو اٿس، تہ اسان جي پياري رسول معراج تي اسهڻ ڪان اڳ ۾ بيت المقدس ۾ سيني نبين جي امامت ڪئي. انهيءَ لحاظ ڪان پاڻ ڪريم ﷺ جن کي سيني نبين ۽ رسول جو منڍ ۽ امام سڏيو اٿس، چوي ٿو تہ:

جڪري جهو جون، ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾،
مُهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
فڪان قاب قوسين اوادنيٰ، ايءُ ميسر ٿيس مڪان،
آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم ههڙو.

يعني الله تعاليٰ جو اسان تي اهو وڏو ڪرم آهي، جنهن اسان کي اهڙو رهبر ۽ رهنما ڏنو آهي. انهيءَ ڪري هن بيت ۾ شاهہ لطيفؒ ٻڌائي ٿو تہ جڏهن اسان کي اهڙو هادي مليو آهي، تہ پوءِ اسان کي ٻين جي درن تي پٽڪڻ نہ گهرجي. مطلب هي

آهي تہ اسان کي نبي ڪريم ﷺ جن جي پيروي ڪرڻ گهرجي. ان ۾ ئي اسان جي فلاح ۽ بهبود جو راز سمايل آهي.

مطلب تہ شاهہ لطيفؒ هن سُر ۾ علامتي انداز ۾ نبي ڪريم ﷺ جي ثنا ۽ ساراهہ ڪري، اسان کي ذهن نشين ڪرايو آهي تہ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي پاڻ سڀڱورنس ان تعلق پيدا ڪرڻ ۽ سندن پيروي ڪرڻ ۾ آهي.

**۵٫۲٫۱۸ سُرڏهر**

ڏهر کي ڪيترن رسالن ۾ 'ڏاهر' بہ لکيو ويو آهي. ڏهر يا ڏاهر جو مفهوم ڇا آهي؟ ڇا اهو عنوان سُر ۾ سمايل مضمون جي آڌار تي قائم ڪيو ويو آهي؟ جاگرافيائي اهڃاڻن جو اظهار ڪري ٿو يا موسيقيءَ جي نظام سان واسطو رکي ٿو؟ ان بابت هيٺيان مطلب رايا آهن:

(الف) ڏهر عام طور تي ٿر واري خطي ۾ ٻن ڀٽن جي وچ واري هيٺاهين وسيع ۽ سنئين پٽ کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ مينهن پوڻ ڪان پوءِ پوک بہ ٿئي، تنهنڪري 'ڏهر' کي 'ٻني' بہ چئجي. هن سُر ۾ ٻداماڻي نپري، لاکي ڦلاڻي، ڄاڙيجي سمن، ريٻارين، اوڏن ۽ سنگهارن جا بيت گهڻا آيل آهن ۽ تاريخي لحاظ سان انهن جو تعلق سنڌ جي ڏکڻ اوڀر واري ٿر ۽ ڪڇ جي علائقي سان آهي، تنهنڪري انهن موضوعن وارن بيتن ۽ واين جي لاءِ خاص ٿر جي جاگرافيائي اصطلاح موجب 'ڏهر' تجويز ڪيو ويو.

(ب) لفظ 'ڏهر' اصل ۾ لفظ 'ڏاهہ' مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏَس، اهڃاڻ، آگاهي، ڄاڻ وغيره. جيئن خليفي نبي بخش چيو آهي تہ:

"ڪتو ٻَهڪي م اُتي، ڏجڻ پئي م ڏاهہ."

هن لفظ جي ٻي معنيٰ آهي – ٻانهي، گولي، ڏَنَ ۾ آيل عورت، جنهن کي شاهہ سُر سسئيءَ ۾ بہ آندو آهي:

”زر خريد جتن جي، گولي بندي ڏاهہ.“

ڏنو وڃي تہ ’ڏهر‘ جي انهيءَ مفهوم سان هن سُر ۾ شامل بيتن ۾ واين جو مضمون پڻ نهڪي اچي ٿو، جيئن تہ لاکو ڦلاڻي هو تہ ڪڇ جو حاڪم، پر سنڌ جو ڏاکڻيو ٿر وارو حصو هميشہ سندس علائقن ۾ حملي جو نشانو رهيو. خود سندس پَٽَ راڻي مهر راڻي بہ ٿر جي قديم شهر نهٽي واري ايراضيءَ جي هئي. لاکو جڏهن مهر راڻيءَ سان شادي ڪري موضوع تہ پُرڻ جي پڊ ۾ لاکي جاجي (پکي) سندس ججٽان اڏامندا هليا. مينهن ۾ لاکي ۾ سندس جاجين، پسيل ڪپڙا ۾ ڳهہ ڳنا، ڪنڍن، ڪِرڙن ۾ وٽن ٻوٽن تي سکائڻ لاءِ وڌا ۾ جڏهن لاٽائون تہ لاکي کين مني ڪئي، چئي: ”پهرايا اٿئون تہ واپس ڪين ونبا“. اهڙي طرح لاکي جي اوڏن سان سخاوت واري هلت بہ عوامي سگهڙپائي جي ڪچهرين جو موضوع رهي آهي. ان ڪان سواءِ، ريباري قوم جون جهوڪون ڪونجن جي چُوٽي ۾ جوڳي واريون ڍنڍون بہ ٿر جي ڏاکڻي ڪنني، رڻ ۾ ڪڇ جي اترئين حصي ۾ عام آهن. ننڊ واري غفلت ۾ مقصد ڪان هٽي وڃڻ جا اهڃاڻ پڻ هن سُر ۾ شامل بيتن جو مکيہ مضمون آهن، مثال طور:

متو آهين مَڇَ، تلهو تيو تونا هٽين،
تو جا پائين اَڇَ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا.

✷

سما ڪين سُمهو، جاڳو جاڙيجا،
پسو آن پارا، لاکو تو لوڙهيون هٽي.

✷

جي پائئين وَس چوان، تہ سنگهارن سين لڏ،
تہ هاجي سندي هڏ، ڪوڪ نہ سٽين ڪڏهين.

✷

ماري ميرا ڪپڙا، بغل منجهہ بندوق،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيو لڪين چڙهي.

(ج) ٽئين خيال مطابق شاهه لطيفؒ شاعر بہ آهي تہ موسيقار بہ آهي. راڳ سندس روح ۾ رتل آهي، انڪري سندس ڪلام بہ لفظن جي شڪل ۾ ڄڻ تہ موسيقي آهي. سُر ڏهر بہ ان موسيقيءَ سان رتل هڪ سُر آهي. ان ۾ سمايل مضمون جي لحاظ کان نہ، پر ان موسيقي يا راڳڻيءَ جو نالو آهي. سنڌ جي قديم موسيقيءَ جي نظام ۾ هڪ راڳڻي هجڻ جي تصديق هن مثال مان بہ ٿئي ٿي تہ گذريل ڇئن پنجن صدين کان وٺي سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جي بزرگن وٽ ذڪر فڪر جا بيت ۽ وايون سُر ڏهر ۾ آلاپيا ويندا آهن.

مٿين انهن ٽنهي خيالن جي ابتڙ معمور يوسفاڻي جي راءِ بلڪل انوکي ۽ الڳ آهي. هن جي راءِ مطابق هيءُ سُر ڄام ڏاهر سمي جي نالي پٺيان سُر ڏاهر يا ڏهر مشهور ٿيو آهي. هو پنهنجي مضمون "سُر ڏاهر جو مطالعو" ۾ لکي ٿو تہ: "لسانيات جي دائري ۾ ٻنهي لفظن (ڏهر ۽ ڏاهر) جو جائزو وٺبو تہ 'ڏهر' لفظ، 'ڏاهر' جو مخفف (ننڍايل) ڏسڻ ۾ ايندو. سنڌيءَ ۾ 'ڏاهر' سان هم وزن ڪئين لفظ ملن ٿا، جن جا مخفف پڻ 'ڏهر' جهڙا ٿين ٿا، جيئن 'واهر'، 'وهر' ۽ 'تاهر' مان 'ٿهر' لفظ جڙيا آهن. اهڙيءَ طرح ساڳئي داڳي ۾ 'لوهار' مان 'لوهر'، 'ميهار' مان 'ميهر'، 'ڏاتار' مان 'ڏاتر' لفظ ٺهيا آهن." (معمور، ١٩٨٩ع: ١٧)

معمور يوسفاڻي لفظ 'ڏاهر' جي تاريخي پسمنظر طور لکي ٿو تہ: "ڄام ڏاهر (سمي) کي بہ سنڌ توڙي ڪڇ جا ماڻهو ڄام ڏهر ڪوٺيندا هئا. انڪري جڏهن ڄام ڏاهر پنهنجي علائقي ۾ پنهنجي نالي سان شهر ٻڌايو تہ اهو شهر بہ ڄام ڏاهر جو شهر سڏجڻ ۾ آيو. ڄام ڏهر يا ڏاهر جي راڄڌاني ٿرپارڪر ضلعي جي ننگر پارڪر، مٺي، ڏيپلي تعلقن ۽ ڏگهڙي تعلق جي ڏاڪٽين حصن، بدين ضلعي جي ٽنڊي باگي، بدين، گولاڙجي تعلقن ۽ ڪڇ جي لکپت، سنڌڙي، ڪريڙ، ٻني، ٻيلي ۽ ٻين قريبي ٻيٽن واري ايراضيءَ تي مشتمل هئي، جتي اڄ بہ سندس قوم جا ماڻهو ۽ خاندان جا فرد آباد آهن." (يوسفاڻي، ١٩٨٩ع: ١٧، ١٨)

شاهہ جو سُر ڏهر جو فلسفو پنهنجي تاريخي پسمنظر سان ائين ڳنڍ آهي، جيئن وڻ سان ان جو ميوو ڳنڍ هوندو آهي. تاريخ آهي، ڪي ڪردار آهن، ڪا صورتحال آهي ۽ اهي سڀ هڪ تبديليءَ منجهان گذري رهيا آهن ۽ اها تبديلي جاري آهي ۽ شاهہ سائين ان تبديليءَ جي بقا ڪي ڏسڻ جو معجزو ڪيو آهي. شين ڪي بدلجندو ڏسڻ لاءِ خاص نظر جي ضرورت هوندي آهي، جيڪا شاهہ ڪي هئي:

چيتا ڪيو چُٽيج، بداماٽي ٻُٺ ۾،
نيٽين نندڍ م ڏيج، چيڙون چپر آئيون.

(سُر ڏهر)

بداماٽيءَ جي ٻڌڻ سان پُنري جو نالو تري اچي ٿو، جيڪو سنڌ جي تاريخ جو سورهيہ ڪردار هو، جنهن جو پورو نالو پنرو بدام آهي. هي سنڌ تي ٿيل هلائن جي خلاف هڪ مزاحمتي ڪردار آهي، جنهن جي ويڙهہ جو ميدان ڪاڇي واري ايراضي هئي. هينئر بہ دادو ۽ قنبر- شهدادڪوٽ (اڳوٽو لاڙڪاڻو) جو ڪاڇي وارو علائقو، جن مقامي نالن سان سڏجي ٿو، انهن ۾ بداماٽي بہ آهي. مٿئين بيت ۾ بداماٽي ٻُٺ جي ڪاڇي ۾ هجڻ جي تصديق، ان ڪان بعد واري هن بيت مان ٿئي ٿي:

سنگهارن ساري، ساٿي ڏيج، سنيهڙا،
سا هيڪلي گهاري، مُنڌ ڪاڇي ڪنڌئين.

مٿي ذڪر ڪيل ٻيو ڇيڙو ڪيچ آهي، جنهن جي شهر پُنج جي حوالي سان هيءُ بيت اچي ٿو:

پُنجيان پُلي پيرو" وڏو راءُ رڪاب ۾،
ڪيچ رهندو ڪيڙ، لاڪو لوڙائن سين؟

هن سُر ۾ لاڪو مکيہ ڪردار آهي، جنهن لاءِ پراڻ ڪان پڇيو ويو تہ ان اهراڪي ڏنا آهن:

جهوني تو پراڻ، ڏينهن گهٽيرا سنپيرن،
لاکي جهڙا هاڻ تو کي ڏٺا پيڙا.

۽ لاکو اهو آهي جيڪو:

ٻنهي ٻهڻ نہ ڏئي، جهُري وئي جهوڪ،
لوٽي مٿان لوڪ، لاکي لڪ لڏائيا.

هن سُر ۾ لاکو لوڙون ڪري تو، ڌاڙا هٽي تو ۽ سندس ڪاروان جي ڪري سموري خلق ڏچي ۾ آهي. شاهہ لاکي جي سرگرمين جي رپورٽنگ ڪئي آهي. هن جي ڪاروان جا جيڪي اثر آهن، سي درج ڪيا اٿس ۽ خبردار بہ ڪيو اٿس تہ لاکو لوڙون لپون ڪري سمن ۽ جاڙيجن کي سک تي سمهڻ نہ ڪپي. لاکي، اوڏن کي بہ لڏائي ڇڏيو آهي. ڪاڇي ۽ ڪوهيار ڪان وني ڪڇ لاکي جون سرگرميون آهن.

ڪاڇي پيئي ڪوڪ، سڄ ڪِ سنگهارن لڏيو؟
مادر! اوءِ ملوڪ، اُني ويڙا اُڪري.

✷

پڄيان پکي پير، وڌو راءُ رڪاب ۾،
ڪڇ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين.

✷

ٽاٽونڪين پلاڻ، سدا هٽن ڪرڪرا.
لاکي لوڙائن جا اهڙا ئي اهڃاڻ،
ڏيئي تنگن تاڻ، ڪوڪ ڪاريندا ڪيڙي.

✷

اوڏ  ٻہ  ويچارا،  وڃن  ڪاڪيان  لڏيو،
وائي  ڪن  نہ  وات،  ٻڳها  ٻاتاڙئا  ٿيا.

## ٥,٣ شاهہ جي ڪلام ۾ سورميون

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ عورتن کي هڪ خاص نشست يا مقام عطا ڪيو آهي، جيڪو شاهہ جي ٻئي ڪنهن بہ سهيوڳي شاعر ۾ ورلي آهي. سندس ڪلام جون سورميون عورتون آهن. هن پنهنجي ڪلام ۾ عورتن جي همٿ، جرئت، وفاداري ۽ ثابت قدميءَ کي خوب ساراهيو آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ گندرين جو بہ ذڪر آيل آهي، جيڪي صورت ۾ مور نہ موچاريون آهن، ڪاريون، ڪوجهيون آهن جن جي گوڏ ۾ گند آهي ۽ پاٻوڙا جن جي پوشاڪ آهي، انهن جي اوطاق تي راجا ريجهي ٿو اچي، پاڻ فرمائي ٿو تہ:

ڪکيءَ  هاٽيون  ڪاريون،  ڇڇي  هاٽا  ڇڄ،
پاند  جنين  جي  پاند  سين،  لڳو  ٿئي  لڄ،
سمو  ڄام  سهڄ،  اپو  ڪندو  ان  سين.

(سر ڪاموڏ)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي، ليلا کي پنهنجي حسن تي ناز آهي ۽ جا مٽئي تي موهجي، پنهنجو ور وڃائي ٿي ۽ پوءِ پڇتائي ٿي.

جي  ليلائي  نہ  لهين،  تہ  پڻ  ليلائج،
آسر  مَ  لاهيج،  سڄڻ  ٻاجهيندڙ  گهڻو.

(سر ليلا چنيسر)

شاهہ جي سهڻي، ڏمر پاسي ۾ ڏکندي آهي ۽ اها سهڻي جا ساهڙ ڏاران نسوري ناپاڪ آهي.

ساهڙ ڏاران سهڻي، نسوري ناپاڪ،
نجاست ناهہ ڪري، اُنين جي اوطاق.

(سر سهڻي)

تحرڪ زندگي آهي، بيهڻ موت برابر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي آڏو سسئي ان متحرڪ زندگيءَ جي علامت آهي. مسلسل روان زندگيءَ جي علامت، اها زندگي جنهن جو ڪو مقصد آهي پر سسئي جي زندگيءَ جو ماحاصل مطلب مسلسل ڳولا آهي. سسئي جا آڏر، نڏر، اڀري ۽ اَسونهين آهي پر پوءِ بہ هوءَ ويهي نہ ٿي، ووڙي ٿي، ڏونگر ڏوري ٿي.

پير پٽائي ڪنڙا، ڏونگر متي ڏي.
منڌ نہ منجهان تن، پسي لڪ لڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سکي سسئي.

سسئي جا اجا "اوات" آهي، اها ويسري "واٽن" تان ٿيندي "سُوات" لهي ٿي، "سوات" جنهن جو گس دل مان ئي لهي سگهي ٿو.شاهہ فرمايو:

اجا تون اوات، واٽان پسي ويسري،
سونهين ٿيءُ سُوات، تہ منجهان دل دڳ لهين.

شاهہ جي سورمي مارئي بہ آهي، جيڪا عمر بادشاهہ جي قيد ۾ هوندي بہ وطن کي واجهائيندي پنهنجي گور (لاش/قبر) پنهوارن جي اڳيان پهچائڻ جي خواهش رکي ٿي. شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙين واس،
ميائي جياسين، جي وجي مڙهه ملير ڏي.

## ۵.۴ شاهه جي ڪلام ۾ مختلف فردن جو ذڪر

شاهه جي سورمي، سُر سامونڊي جي اها گمنام وني به آهي، جنهن جو خاوند وڻجارو سامونڊي رستي هڪ ڏيهه کان ٻئي ڏيهه غوراب ڪاهي پنهنجو وکر وڪرو ڪري اچي ٿو ۽ هيڏانهن ڏيهه ۾ ويٺل سندس وني، پنهنجي وڻجاري جي خير و عافيت سان پنهنجي ڏيهه پهچڻ لاءِ رب پاڪ جي بارگاهه ۾ هر وقت دعاگو آهي. هوءَ پنهنجي خاوند جي چڱڀلائي ۽ سامونڊي خطرن ۽ بلائن کان ڪيس محفوظ رکڻ لاءِ هر وقت پنهنجي رب کي ٻاڏائيندي رهي ٿي ۽ جڏهن سندس پيتار خير خوبيءَ سان گهر پهچي ٿو، ته هوءَ مٿس ٻلهار وڃي ٿي ۽ خير خيراتون ڪري ٿي. شاهه جي سُر سامونڊيءَ ۾ هيءَ اهڙي سورمي آهي، جيڪا انسان شناسيءَ جو هڪ اهڙو زنده مثال آهي، جيڪو انساني سماج جي ٻين ڪردارن کي سونهن ۽ ندرت بخشي ٿو، تنهنڪري هن سُر ۾ ٻين سورمين وانگر ڪا هڪ مخصوص سورمي نه پر گهڻيون آهن.

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سماج سان واسطو رکندڙ هر طبقي جي فرد جو ذڪر ڪيو آهي، حاڪم، راجا، بادشاهه، شهزادا، سردار، امير غريب، جوڳي فقير، محنتڪش، مزدور، هاري، ٻيڙياتا، ناکئا، جهانگي، ڏنار، ٻڪرار، سانگي، لوهار، اوٺار، جت، ڪنيار، اوڏ، ريٻارا، رنگريز، ڪوري، موچي، ڪاشيگر، مگڻا، چارڻ، طبيب، ويج، حڪيم، ملا، مولوي، ٻانيڻ، برهمڻ، پنڊت وغيره انهن سڀني جي طرز زندگي، رهڻي ڪهڻي، نفسيات، طبعيت، مزاج، بهادري، ايثار، قرباني، نفرت، وفا، وعدو، جرئت، همت جهڙين وصفن جي اپٽار ڪئي آهي. گڏوگڏ هو جتي به ويو آهي، اتان جي ماڻهن، مڪانن، ڍنڍن، ڍورن ۽ وڻن، ٽڻن، ٻوٽن، پکين، جانورن وغيره جو به

نہ رڳو ذڪر ڪيو آهي پر انهن جي رهڻي، ڪهڻي، نفسيات ۽ عادت اطوار ڪيبہ پنهنجي ڪلام جي زينت بڻايو آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو فڪر، ثقافت جي انهن مڙني عنصرن جي مرڪبات مان ڳوهجي، رسجي پچي نڪتو آهي، هو پنهنجي ڪلام ۾ شڪاري ماڻهوءَ لاءِ چوي ٿو تہ:

ماري، مرين شال!، ڏڀ وجنئي ڏيهون،
جنءِ تو اچي ڪال، وڏو وڇ ورهن ڪي.

يا

بغل منجهہ بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيون لڪ چڙهي.

## ٥,٥ شاهہ جي ڪلام ۾ هنرمند عورتن جو ذڪر

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ هنرمند عورتن جي هنر جيتمام گهڻي تعريف ڪئي آهي. هو فرمائي ٿو تہ:

تنبائي تاڪيد سين، جنين پڄايو پاءُ،
سي تند لطيف چئي، هلي تن هٿاءُ،
ململ منجهان ماءُ، جي سڪيو تن سون ڪئو.

(سر ڪاپائتي)

## ٥,٦ شاهه جي ڪلام ۾ ڪورين، لوهارن، ڏڪڻن، ڪنڀارن، ڌوٻين وغيره جو ذڪر

شاهه لطيف ڀٽائي وڏو حساس دل شاعر هو، سنڌ ۾ هن جتي ڪپڙي جي هنر جو عروج ڏٺو، اُتي زوال به ڏٺائين ۽ ڪپڙي جي زوال جي ڪري ملڪي معيشت تي جيڪي برا اثر پيا، تن هن حساس شاعر کي به ڏکارو ڪيو.

نہ سي وونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسئو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

سنڌ ۾ لوهارن جا ڪاڻ، ڏڪڻن جا ڪاڻ، ڪنڀارن جون آويون، ڌوٻين جا گهاٽ ۽ آتڻ، اجتماعي هنرَ گهر هئا، جتي ڪاريگر ۽ پورهيت ڪم ڪندا هئا. مثال پنهل کي سسئيءَ جي عشق چريو ڪيو تہ هن ڌوٻي گهاٽ تي ٻين ڌوٻين سان گڏ ڪپڙا ڌوئڻ شروع ڪيا. شاهه فرمايو:

گڏئو ڌوٻئين ڌوءِ، پنهونءَ ٻاريچو هٿ ۾،
اتي آريءَ ڄام جو، قاصد آيس ڪوءِ،
اي ڪامل ڪم نہ سندوءِ، جيئن پهس پڇاڙيين پونئين!

سنڌ ۾ ڪنير جي اڄ به اها ئي اهميت آهي، جيڪا موهن جي دڙي جي جوين واري وقت ۾ هئي، جيتوڻيڪ اڄ جپان جون فرجون ۽ ڊيپ فريزر هر گهر ۾ موجود آهن، پر دادو ۾ جوهيءَ جي گگهين ۽ دلن جي ٿڌي پاڻيءَ جي جيڪا صحت لاءِ ضمانت آهي، اهڙي جپان جي فرجن جي ڪٿي! شاهه فرمائي ٿو تہ:

ڪي جو ڪنڀارن، مٽيءَ پائي منيو،
تنهن مان تر جيتري، جي پيئي خبر ڪرن،
هي تان هوند مرن، هن اگڻ اوراتو ڏئي.

## ٥,٧ شاهہ جي ڪلام ۾ جانورن ۽ پکين جو ذڪر

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ جانورن ۽ پکين جو بہ ذڪر ڪيو آهي. سنڌ جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ مينهن جهڙو ڪارائتو جانور ٻيو ڪو بہ نٿو ٿي سگهي. کير، مکڻ، ڏڌ، هارين، ڌنارن، پورهيتن ۽ عام شهرين لاءِ نعمت جو باعث آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هيٺين بيت ۾ مينهن لاءِ دعا گهرندي ميهارن، هارين، پورهيتن ۽ عام شهرين جون دليون ڪٿي ورتيون آهن، شاهہ عبداللطيف فرمائي ٿو تہ:

مينهون هن ميهار جون، الا سڀ جين،
ڪاريون، ڪکيون، ڪُنڍيون، وارا ڪيو وڃن،
جُوءِ جا جاندارن جي، ٻيلا ٻهہ ٻهہ ڪن
اچي ريل رهن، مون سانپارا سپرين.

ميهار، مينهن جي ڳچيءَ ۾ چڙا ٻڌندا آهن، جڏهن گهاٽي جهنگ ۾ مينهون چرڻ لاءِ هليون وڃن ۽ نظر نہ اچن، تہ چڙن جي آواز تي اها خبر پئجي سگهي تہ مينهون ڪٿي آهن، چڙي ڪي وچ ۾ هڏي، ڪاني يا لوهہ جي لار وجهبي آهي ۽ ان جي لڏڻ سان ڪنارن سان ٺهڪڻ سان چڙي مان آواز پيدا ٿيندو آهي. اهو آواز ڪو سارنگيءَ جي آواز جهڙو منو آواز تہ ڪو نہ هوندو آهي پر محبوب طرف جي نسبت جي ڪري انهن چڙن جو آواز سهڻيءَ لاءِ ذهني سڪون جو باعث پئي رهيو.

اديون سڀ اندام، چڙن منهنجا چوريا،
لارن جا لنءِ لائي، سا ڪيئن آڇيان عام،
لڳس جنهن جي لام، سو دلاسا دوست منجي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ ٻين جانورن کان تمام گهڻو ذڪر اٺ جو ڪيو آهي. هن جانور جي سنڌي ثقافت ۾ وڏي اهميت رهي آهي، ماڻهو ڪيتيءَ جو ڪم بہ انن کان وٺندا هئا ۽ واپار لاءِ انن جا قافلا ڪم ايندا هئا. سنڌ کان

نڪري اهي قافلا هڪ طرف ڪڇ پڇ ۽ ڪانيا واڙ ڏانهن سنڌ جو مال وڪري لاءِ ڪڻي ويندا هئا، تہ ٻئي طرف اڄ بہ سنڌ ۾ اڻ ڪان جا وزن ڪٽڻ جو ڪم ورتو وڃي ٿو.

ميا! تو مهار، سچي پايان سون جي،
چارئين چندن چوٽيون، نايون مينديءَ ڏار،
سندي پي پچار، جي مون رات رسائين!

اڻ ۽ اونيار جو پاڻ ۾ مامي ۽ ياٽج وارو تعلق آهي. اڻ جي اهميت ۽ ان جي سونهن سينگار جو ذڪر ٿئي ۽ اونيار رهجي وڃي، اها بي انصافي چئبي. اونيارَ جڏهن انن جا قافلا سنواري سينگاري هلندا آهن ۽ سندن هٿن ۾ موتين ۽ سون سان جڙيل مهارون هونديون آهن، ان ڪان تہ سون تي سهاڳو تڏهن نظر ايندو آهي، جڏهن سندن سينگاريل انن جي ڪجاون ۾ ڏگهين ڳچين سان ڪونجون ڪر ڪنيون ونديون هجن، اهڙي وقت اوني يا جت ڪيئن نظر ايندا؟ ان بابت ڀٽائي هن طرح فرمائي ٿو تہ:

ڪيچان آيو قافلو طرح موچاري توڏ،
سينگاريائون سيد چئي، ڪرها منجهان ڪوڏ،
لک لهي تي لوڏ، ٻيجان تن جتن جي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ ڪانگ، تاڙي يا ٻاٻيهي کي بہ ڳايو آهي،

اڇيو اڇيو پون، واڪا ڪيو وٽن ۾،
سنيها سيڻن جا، جوٽيءَ چڙهيو چون،
ڪانگ نہ ڪوڙا هون، پريان سندي پيار جا

(سر پورب)

ڪانگ پکيءَ کي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ وڏي اهميت ڏني آهي، ڇاڪاڻ تہ هو نہ رڳو سنڌي ادب ۾ مکيہ ڪردار آهي، پر اسان جو فيملي ميمبر بہ آهي، سڄو ڏينهن گهر ۾ هوندو، پيو لڇايون ڪندو، ڪڏهن ٽپو ڏئي ٻارن ڪان لولو ٽڪر کسي ويندو، ڪڏهن مائيءَ جي اڪ ٻچائي پاٽ ۾ چنهب هڻندو، وس پڳي ڇاڏيءَ تان ڊِڪڻ بہ لاهي ويندو، نيرن پاٽي ان نموني ڪري پوءِ ٺهي جُڙي ويهندو، سانگين جا سنيها سڻائڻ ۽ نينهن جا نياپيا ڏيڻ، مجال آهي جو مايون ڪڪ ٽين، هو پيو ڪندو، ڪان ڪان ۽ مايون پيون چونديون، جيءُ جيءُ.

شاهه عبداللطيف فرمائي ٿو تہ:

آءُ ڪانگا ڀهہ قول، سڏيون ڏي ساڻيهہ جون،
جي آندءِ عجيبن جا، سي خط خوشيءَ مان ڪول،
آءٌ سڻان تون ٻول، سنيهو سڄڻ جو.

”سنڌ ۾ تاڙو يا ٻابيهو پکي بہ ٿئي ٿو.“شاهه لطيف جي ڪلام ۾ سندس درجو ڪنهن آسماني ديوتا جو آهي”. (سوڍر،٢٠٠٢ع: ١٤٣). هوڏانهن هو آواز ڪڍندو، هيڏانهن هارين کي يقين ٿي ويندو تہ هاڻي مينهن ضرور پوندو، جنهن ڪري هاري هر ڪلهن تي رکي، پنهنجي زمينن ڏانهن رخ ڪندا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ان جو منظر چٽيندي هن طرح فرمائي ٿو تہ:

مند ٿي منڊل منڊيا، تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنپاهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي پار، وسڻ جا ويس ڪيا.

## ٥,٨ شاهہ جي ڪلام ۾ ساڻيهہ جي سڪ

شاهه لطيف جي پنهنجي وطن سان محبت جو ڪو انت ۽ پار ئي ناهي جو پنهنجي ويڙهيچن، سنگرن ۽ ڏوٿيئڙن تان ڏولائي جا ڏينهن لاهڻ جي دعا ٿو ڪري،

وطن جي وسندي رهڻ جي دعا ٿو ڪري. شاهه عبداللطيف وطن ۽ ويڙهيچن تان ڏکن، بکن ۽ اُجن لاهڻ لاءِ دعاگو آهي ۽ ان لاءِ سارنگ کي ستائي ٿو ته:

سارنگ! سار لهيج، الله لڳ اُجين جي،

پاڻي پُوڄ پٽن ۾، ارزان ان ڪريج،

وطن وسائيج، ته سنگهارن سُک ٿيئي.

وطن وسي ته هاري هر سنباهين، سنگهار سَنرا ٿين، پاڻي پوڄ پٽن تي عام ٿئي، اَنُ جام ٿئي ۽ قلب تان ڪس لهي. لطيف جنهن جي پنهنجي قلب تي ڪا ڪس نه آهي، تڏهن ئي ته هو رڳو سنڌ جي سک ۽ سڪار جي ڳالهه نه ٿو ڪري پر سڄي عالم کي آباد ڪرڻ جي دعا ڪري ٿو.

سائين! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

شاهه عبداللطيف ڪامل انسان: جي سنڌ واري وحدت الوجودي فڪر ۾ "ڪامل" انسان جي وصف بنهه انوکي ۽ الڳ آهي، اها نطشي ۽ علامه اقبال جي مدد ڪامل ۽ مدد مومن کان جدا ۽ الڳ انساني گڻن سان معمور ڪردار کي شاهه لطيف "ڪامل" انسان قرار ڏي ٿو. سر بلاول جيڪو سنڌ جي سمن سخي، ڏاتار، جهونجهارن جو سُر آهي، ان ۾ شاهه لطيف جکري کي هزارين سخي حاتم کان مٿاهون قرار ڏيندي مسڪينن، ابوجهن ۽ نڌڻڪن تي مهربان ڪردار قرار ڏي ٿو.

جُهڙَ تنهنجي جهَپيا، هزارين حاتم،

ڪوجهن سندا ڪم، "ڪامل" ري ڪير ڪري.

(بلوچ، ٢٠٠٩ع: ١٤٣)

شاهہ لطيف جي "سُر سريراڳ" ۾ اِهو ڪامل هڪ مددگار ٻيڙائت آهي، جيڪو ٻيڙي کي ڪناري سان لڳائي ۾ رسائي ٿو.

"ڪامل" ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو،

(بلوچ، ٢٠٠٩ع: ١٤٣)

سُر سسئي ۾ اهو ڪامل ڪيچ ڌڻي، پنهون آهي، جنهن آڏو سسُي کي آتت ڏي ٿو تہ ڪيچ جو اهو مالڪ پنهنجا ٻول ۽ قول پاريندڙ آهي.

مَ ويهہُ مَنڌُ ماٺِ ڪري، اُتي وَجهہ وڙولَ،

سُتِين تان سيد چئي، هَم غمُ اَچن هول،

ٻهون پاري ٻول، ڪامل ڌڻي ڪيچ جو

(بلوچ، ٢٠٠٩ع: ١٤٣)

سر راڻي ۾ اهو ڪامل انسان راڻو آهي، جيڪو مداين ۽ ڪمزورين کي للڪاريندڙ آهي.

مومل هن آڏو عاجزي ڪري ٿي تہ تون ئي ڪچاين کي ويڙهي هڪ اپسي اچلائي ڪري سڪ ۽ امن ڏيئي سگهين ٿو.

رُسُ تہ رُسَڻُ گهوريو، چَڏِ راڻا ريڏائي،

مُنهنجي مپٽ مينڌرا، عاقل اِگلائي،

ڪِج معاف مَدائي، تہ سوڍا سُڪياڻي ٿيان.

(بلوچ، ٢٠٠٩ع: ٢٥٩)

ان ريت شاهہ لطيف وٽ ڪامل وارو سندس استعارو ۽ تشبيهہ تبديل ٿيندي وجي هڪ مذهبي ۽ اسلامي استعاري تي رسي ٿي. شاهہ لطيف وٽ

هزارين حاتمن کان متي جکرو هڪ جڳهه تي "مُرسَلَ" جي صفت سان نروار ٿئي ٿو. ان ريت لطيف جو ڪلام هڪ پاسي پنهنجي سخي سردارن جي ساراهه ڪندي انهن ڪامل انسانن کي محمد مرسل جي استعاري تي آڻي بيهاري ٿو.

جَکِرَو جَس ڪرو، ٻِيا مَڙيئي مَلَ،
سمي جي سُهاڳَ جي، ڪنهن نہ پيئي ڪَلَ،
مِٿي اُنُ مُرسَلَ، اصل هئي ايتري.

(بلوچ، ٢٠٠٩ع: ١٤٤)

ان ريت شاهه لطي ف جي ڪلام ۾ ڪامل انسان مددگار ٻيڙائت، سخي، ڏاتار، ٻوجهن جو آسرو، گناهه ۽ بديون بخشيندڙ پالارو آهي. هن اهي گڻ سمن سخين ۾ بہ ڏٺا، ان ڪري هُو انهن کي ڪامل انسان چوندي ويرم نٿو ڪري.

"اِنهين مقلَ مُبينَ، لَڏِي سارَ سين جي."

(بلوچ، ٢٠٠٩ع: ١٤٢)

هڪ ڪامل انسان بہ هڪ آدرشي ڪردار ٿي سگهي ٿو. پر هر آدرشي ڪردار هڪ ڪامل انسان نٿو ٿي سگهي. شاهه لطيف جون ست سورميون بنهه الڳ ۽ انوکن گڻن واريون آهن، انهن منجهه ڪي ڪوتاهيون ۽ خاميون بہ آهن پر ان هوندي بہ آدرشي ڪردار آهن. هوءَ سڀ وچن پاريندڙ ۽ نيهن جي سنبنڌ ۾ بنهه بي مثال آهن. سَسُئي، سهڻي ۽ ماروي جي وطن دوستيءَ ۽ پنهنجي اصولن ۽ نيمن سان پختو رهڻ وارو ڪردار کين اڏول آدرشي بڻائي ٿو.

نوريءَ جو نياز ۽ نوڙت هن جو آدرش آهي

مومل ۽ ليلا جيڪي خود پسند آهن ۽ آخر ۾ هنن جون انتظار، منٿن ۽ ايلاز عورتاڻا بہ لطيفي آدرش آهن.

سورٺ هڪ پاسيرو ڪردار آهي، اهو ڪردار ڪُلي ڪري سامون نٿو اچي. هن جي شادي انيراءِ سان ٿيڻ تان ئي اهو سڄو ممڻ مٿو هو، ان ڪري هن جي موت ڪي شاهه لطيف سڪ ۽ شانت قرار ڏيندي چيو آهي تہ:

سورٺ مُئي سڪ ٿيو، خيما ڪنيا ڪنگهار،
نہ ڪو راڳ روپ ڪو، نہ ڪا تند تنوار،
مٿو مڱڻهار، ڏنو سر ڏاتار کي

(مرزا، ١٩٩٥ع: ٤٢٥)

ان ريت شاهه لطيف جي آدرشي سورمين جا ڪردار پنهنجي الڳ الڳ ڪهاڻين جي جدا نموني وارن گڻن ۽ خصوصيتن، نفاستن نزاڪتن وارين رمزن ۽ خوبين سان ڀرپور آهن ۽ ٻنهه نو ورنا ۽ انوکا آهن ۽ پنهنجي ڪهاڻي جي تاجيءَ پيٽي ۾ سياويڪ طرح متحرڪ آهن ۽ صفا عام انسانن وار گڻ رکندڙ ڪردار آهن، ان جي پيٺ ۾ ڪامل جو ڪردار هڪ اساسي ڪهاڻي جي ڪردارن کان اونچو ، اُتم ۽ گهٽو اُتاهون آهي، جهڙوڪ: سُر رامڪليءَ جو هڪ جوڳي الک سان روبرائي حاصل ڪري معراج ماڻي ٿو ۽ ان ريت بقا وري باغ جو وجي واس وني ٿو.

مٿي کان مٿي وجي، جوڳيءَ ڏِني جُوءِ،
اوڏو ٿيو الکُ کي، وَجي رُءِ بَروءِ،
باکوءَ چَکِي بَوءَ، منجهان باغَ بقا جي

(بلوچ، ٢٠٠٩ع: ٣٢٠)

ان ريت هڪ ڪامل انسان پنهنجي وجود ۾ ذات الاهي وارا گُڻ پيدا ڪري وٺ ۽ گڏ ڪري، هڪ مڪمل محبتي ۽ باجهارو وجود بڻجي مسڪينن

۽ مهتاجن مٿان چڙهي ٿي بيهي ٿو ۽ هُو آدرشي انسانن ۽ ڪردارن جي پيٽ ۾ وڏيڪ ڪماليت جي درجي تي پهتل آهي. ۽ آلوهيت واري منزل ماڻي جُز مان ڦري ڪُل بڻجي وڃي ٿو.

## حوالا


١ البخاري، محمد بن اسماعيل (؟): صحيح بخاري، (ڇاپو پهريون)، باب في المجاهد، ؟

٢ آڏواڻي، ڪلياڻ (١٩٥٨ع): شاهه جو رسالو، ڪراچي، مڪتبهِ برهان، اردو بازار.

٣ آڏواڻي، ڪلياڻ (١٩٧٦ع): شاهه جو رسالو، بمبئي، هندستان ڪتاب گهر.

۴ بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (١٩٨١ع): جامع سنڌي لغات (جلد ٢) حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.

۵ بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (١٩٩٦ع): شاهه جو رسالو، حيدرآباد، علامه آءِ. آءِ قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت.

٦ بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (٢٠٠٩ع): جامع ۽ مستند شاهه جو رسالو (ڇاپو پهريون) ڪراچي: ثقافت سياحت کاتو حڪومت سنڌ.

٧ جروار، علي ڏنو، فقير (٢٠١١ع): شاهه لطيف جو سر ڪاهوڙي (مقالو)، ايڊيٽر: فقير محمد ڍول، امرتا شاهه لطيفرح نمبر، آڪٽوبر ٢٠١٠ع، نومبر ٢٠١١ع، حيدرآباد:ڍول فقير فائونڊيشن، سنڌ.

٨ جسڪاڻي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر (٢٠٠٦ع) سر ڪوهياريءَ ۾ اسلامي قدر (مقالو)، ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين ميمڻ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) جلد نائون، شمارو ٻيون-ٽيون، جون، سيپٽمبر (٢٠٠٦ع)، ڪراچي يونيورسٽي : شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.

٩ جسڪاڻي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر (٢٠١٠ع): شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

١٠ جهونا ڳڙهي، ڪامل (١٣٩١هه): پاڪستاني موسيقي، (حصہ اول)، ڪراچي.

١١ دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر (١٩٥٤ع): ڪلام گرهوڙي، (ڇاپو پهريون).

١٢ دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر (١٩٧٨ع): مضمون ۽ مقالا (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

١٣ سلطانہ بخش،ڊاڪٽر (٢٠٠٢ع)، لطيف: انسان شناسي جو رهبر (مقالو)، مرتب: تاج جويو، شاهه لطيف: هڪ تحرڪ، هڪ تحريڪ (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

١۴ سنڌي، حميد مرتب (١٩٩٢ع): سُر بلاول جو مطالعو، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

١۵ سنڌي، حميد، مرتب (١٩٩٥ع): سُر بروو، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

١٦ سورلي، ايڇ، ٽي (١٩٩٢): ڀٽ جو شاهه (ڇاپو پهريون)، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو، نظرثاني: ڊاڪٽر فهميده حسين ميمڻ، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

١٧ شاهواڻي، غلام محمد، مترجم (١٩٩٩ع): مثنوي رومي، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي.

١٨ شوق، نواز علي، ڊاڪٽر (١٩٨٩ع): سُر ڏهر، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

١٩ قناصرو، منظور احمد، مرتب (٢٠٠٨ع): سُر ڪيڏارو، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.

٢٠ ڪاشف، محمد حسين (٢٠٠٢ع) شاهه جي ڪلام جا فڪري ماخذ (مقالو)، مرتب: تاج جويو، شاهه لطيف: هڪ تحرڪ، هڪ تحريڪ (ڇاپو پهريون) حيدرآباد: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

٢١ گربخشاڻي، هوتچند، مولچند (١٩٩٦ع): شاهه جو رسالو، (ڇاپو پهريون)، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن.

٢٢ مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر (٢٠١١ع): سُر پورب، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٢٣ مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر، مرتب (٢٠١٠ع): سُر پرڀاتي، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٢۴ مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر، مرتب (٢٠١٠ع): سُر پرڀاتي، (ڇاپو پهريون)، سيرانديءَ ساز ڪيو (مقالو)، ليکڪ: ڊاڪٽر اُم ڪلثوم شاهه، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٢۵ مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر، مرتب (٢٠١٠ع): سُر پرڀاتي، (ڇاپو پهريون)، سُر پرڀاتيءَ جو جائزو (مقالو)، ليکڪ: پروفيسر موهن لعل پريمي، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٢٦ محمد مسعود احمد، ڊاڪٽر (١٩٩٦ع): روح اسلام، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي.

٢٧ ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر (١٩٩٨ع): لطيف جي ڪلام ۾ انساني ڪردار جي پرک (مقالو)، مرتب- ڊاڪٽر فهميده حسين ميمڻ، شاهه ۽ سنڌ (ڇاپو پهريون) ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي.

٢٨ ولي الدين، مير، ڊاڪٽر (٢٠٠٠ع): قرآن اور تصوف، (جلد اول)، ڪراچي، سٽي بوڪ پوائنٽ.

# باب ڇهون

# نتيجا، اختصار، ڪتابيات

## ٦,١نتيجا

**شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي اخلاقي تعليم موجب:**

انسان کي سڀ کان اڳ الله تعالىٰ جي ذات پاڪ کي سندس صفات سان گڏ مڃڻو پوندو، پر الله پاڪ جي توحيد به اُن وقت تائين هرگز مڪمل نه آهي، جيستائين "ماخلقات الا فلاڪ لولاڪ لما"جي ارشاد مطابق، نرت ۽ نينهن وچان حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ڪائنات جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ يا سبب تسليم ڪيو وڃي. نه رڳو ايترو پر شاهه لطيف جن نهايت سختيءَ سان تنبيهه تا ڪن ته انساني اخلاق جي سلسلي ۾ حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي "خلق عظيم" کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي هدايت هرگز قبول نه ڪرڻي آهي ۽ حضرت محمد صلعي الله عليه وآلهٖ وسلم جي رب پاڪ جي دروازي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به دروازي اڳيان هرگز نه جهڪڻو آهي.

شاهه عبداللطيف جي اخلاقي تعليم مطابق، سچو پچو انسان فقط اهو ٿي سگهي ٿو، جيڪو ٿورو ڪائي، ٿورو هندائي، ٿوري تي راضي رهي، پيٽ پٽيان لڳي پنهنجي عزت ۽ خوداري نه وڃائي ۽ دنيا جون سڏون ڪڏهن به ساڻ نه ڪڻي.

شاهه عبداللطيف پنهنجي زماني ۾ جڏهن ظلم ۽ زبردستيءَ ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو ڏسي ٿو ۽ ڪيس ظالمن جي ظلم ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي ۽ ڪيترائي مظلوم پنهنجي اندر جون آهون ۽ دانهون پاڻ سان گڏ ڪڻي، هن ظلم جي وهڪري ۾ لڳاتار لڙهندا نظر اچن ٿا، تڏهن شاهه عبداللطيف جي اندر مان به هڪ قسم جي آهه نڪري ٿي، جيڪا شاعريءَ جو روپ ڌاري سماج ۾ آشڪار ٿئي ٿي، ۽ اُن سماج کي لوڏي ٿي.

شاهہ عبداللطيف جو سچو ڪلام اخلاقي تعليم سان ڀرپور آهي ۽ سندس ڪلام جو هر هڪ لفظ قرآن پاڪ جي تعليم جي عين مطابق آهي.

شاهہ عبداللطيف انسان کي تمام وڏي اوج تي پهچائڻ گُهري ٿو، هو چاهي ٿو تہ حضرت انسان جئين تہ اشرف المخلوقات آهي، تيئن هن جي منزل بہ هن جهان جي هر چيز کان مٿي هجڻ گهرجي ۽ انسان کي پنهنجي اصل جوهر وارو بمقام هٿ ڪرڻ لاءِ اصل ۾ ئي وجڻ گهرجي.

شاهہ عبداللطيف نهايت سهڻي نموني ۾ انسان کي خدا جي عبادت لاءِ تاڪيد ٿو ڪري ۽ ان جي نتيجي کان آگاهہ ٿو ڪري جيڪي غفلت ۾ هوندا آهن، تن کي سجاڳ ٿو ڪري تہ ننڊ ۾ پئجي رهڻ کان ڪجهہ حاصل ڪري نہ سگهندئو.

شاهہ لطيف عبادت جي فرض کي اسلام جي طريقي تي ادا ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي، جهڙوڪ: فرض، واجب ۽ سنتون جي لفظن مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ دوزخ جي باهہ ويجهي نہ ايندي.

انساني ڪردار ئي اصل ۾ انسان جي اها صفت آهي، جيڪا هن کي بلند کان بلند تر بہ ڪري سگهي ٿي ۽ ذليل خوار بہ ڪري سگهي ٿي.

شاهہ عبداللطيف پنهنجي ڪلام ۾ جيترو زور ڪردار تي ڏنو آهي، اوترو شايد ٻئي ڪنهن موضوع تي نہ ڏنو هجي. مثال طور: مارئي، سسئي، ليلا، نوري، سهڻي، مومل، موکي، سورٺ، سامونڊي وڻجاري جي وني، عمر، پنهون، چنيسر، تماچي، ميهار، راڻو، راءِ ڏياچ، سامونڊي وڻجارو وغيره شاهہ عبداللطيف جا خاص ڪردار آهن. شاهہ عبداللطيف پنهنجي هر ڪردار جي خصوصيتن کي چمڪائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي. چو تہ ڪردار سان ئي انسان، انسانُ بڻجي ٿو.

شاهہ جي رسالي جي هڪ هڪ اکر منجهان صاف ظاهر آهي تہ شاهہ عبداللطيف، حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي اخلاق کي اخلاق جو "آخري اکر" ڪري سڏيو آهي.

انسان جي مٿان فرض آهي تہ هڪڙي طرف پنهنجي رب سان لنئون لائي ۽ سندس حق ادا ڪندو رهي. ٻئي طرف پنهنجي هم جنس انسانن سان بہ سهڻو سلوڪ رکي ۽ انهن جا حق جيڪي مٿس لاڳو ٿين ٿا، سي بہ پوريءَ طرح ادا ڪندو اچي.

شاهہ عبداللطيف جي نظر ۾ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۽ رات ڏينهن عمل ۾ سرگرم رهڻ، انسان لاءِ ضروري آهي. جمود ۽ تعطل جي زندگي، تباهيءَ جو باعث بڻجي ٿي.

اڄ جو ڪم سڀاڻي تي ڦٽو ڪرڻ، ڪم بختيءَ جي نشاني آهي، جنهن سان منزل حاصل نہ ٿيڻ جا واضح امڪان آهن.

انسان جي اهم گڻن مان هڪ گڻ ايثار ۽ قرباني بہ آهي، ايثار جي معنىٰ آهي: پنهنجي ڀلائي ۽ فائدو ٻئي جي فائدي ۽ ڀلائيءَ تي قربان ڪري ڇڏڻ، انسان جي زندگيءَ جو مقصد هي هجڻ گهرجي تہ هو ٻئي ڪي ڪم اچي.

خود غرض ۽ رڳو پنهنجي ڀلائي چاهڻ، پنهنجي فائدي جي فڪر ۾ ٻئي جي تڪليف کي نظر انداز ڪري ڇڏڻ، انسانيت لاءِ وڏو روڳ آهي.

شاهہ لطيف جي نظر ۾ هيءَ دنيا هڪ اجهاڳ سمنڊ جي مثل آهي، جنهنجي ڪوڏ ۽ ماڻڪ، يعني ڪوڙ ۽ سچ پاڻ ۾ گڏيا پيا آهن، سچائي هٿ ڪرڻ لاءِ وڏيءَ محنت جي ضرورت آهي، صداقت، جنهن ڳولي لڌي، تنهن سڀ ڪجهہ ڪمايو.

شاهہ عبداللطيف جي نزديڪ سچ ڳولي هٿ ڪرڻ کان پوءِ وري انهيءَ تي مستقل ٿي بيهڻ ۽ هر تڪليف جو مقابلو ڪرڻ سور سختيون سر تي سهڻ بہ انسان جو فرض آهي.

شاهہ عبداللطيف پنهنجي ڪلام ۾ انسانيت جي مڙني خصلتن جي اپٽار ڪئي آهي جهڙوڪ: وطن جي حب، وفاشعاري، مشڪلات کي منهن ڏيڻ، سخا، شجاعت، همت ۽ رحم وغيره.

عالم انسانيت لاءِ هڪ اهڙو مرڪزي نُڪتو هجڻ گهرجي، جنهن سان تعلق پيدا ڪري انسانيت، انتشار ۽ نفاق جي مصيبت کان آزاد رهي، ڏسڻ مان معلوم ٿيندو تہ انسان دنيا جي ڪهڙي بہ گوشي ۾ رهندو هجي، سڌريل هجي يا اڻسڌريل هجي، پر هو ڪنهن مافوق الفطرت هستيءَ سان تعلق رکڻ لاءِ ضرور بيقرار نظر اچي ٿو.

الله تعاليٰ جي هستي هر عيب کان پاڪ ۽ هر خوبيءَ سان موصوف آهي. انسان جي اخلاق جي درستيءَ لاءِ بہ ضروري آهي تہ الله تعاليٰ سان سندس تعلق استوار ۽ درست هجي.

شاهہ عبداللطيف پنهنجي رسالي جي ابتدا پروردگار پاڪ جي تعريف سان ڪئي آهي ۽ رسالي جا پهريان بہ سر: ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، ان ئي هستيءَ جي تعريف ۽ توصيف ۾ چيا آهن.

انسان جي فطرت ۾ نقاليءَ جو مادو رکيل آهي، هر عمل لاءِ سندس آڏو ڪنهن مثال جو هئڻ ضروري آهي، تنهنڪري انسان کي انسانيت سکڻ لاءِ ضروري آهي تہ سندس آڏو ڪو اهڙو مثالي انسان هجڻ گهرجي، جنهن ۾جملہ انساني خوبيون بہ تمام وڪمال موجود هجن.

شاهہ عبداللطيف جي عقيدي ۾ هن زماني ۾ مثالي انسان حضرت محمد صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم آهي.

شاهہ عبداللطيف موجب انسان تي ٽن قسمن جا حق لاڳو ٿين ٿا، جيستائين اهي حق پوريءَ طرح بجاءِ نٿو آڻي، تيستائين هو انسان نہ آهي، پر حيوان آهن، اهي حق هي آهن: (١) حقوق الله، (٢) حقوق العباد ۽ (٣) حقوق النفس.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ پاڻ سڃاڻڻ تي گهڻو زور ڏنل آهي، اڪثر معنیٰ ڪندڙ پاڻ سڃاڻڻ مان صرف روحاني ۽ صوفياڻو مطلب ڪڍندا آهن. وحدت الوجود جي نڪتہ نگاهہ کان هو چوندا آهن تہ: تو ۾ تنهنجو معشوق يا

محبوب لڪيل آهي، ٻاهر نهارڻ بي سود آهي، نائي نيڻ نهارڻ اندر اجارڻ سان ان کي ڏسي سگهندي. پنهنجو قومي نالو نشان اصل نسل ۽ قديم روايات جي واقفيت، قدر ۽ قيمت سڀ خودشناسيءَ جي معنىٰ ۾ اچي وڃن ٿا.

دنيا ۾ انسان ڪنهن خاص مقصد لاءِ پيدا ٿيل آهي ۽ ان کي خاص فرض پورا ڪرڻا آهن. انهيءَ مقصد ۽ مراد ۽ فرض اداين لاءِ هر هڪ ماڻهو ۽ قوم کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. اهڙي طرح سنڌين لاءِ ٻه ڪو نصب العين هوندو ۽ انهي سڃاڻپ ۾ ئي سنڌين جي خودشناسي جو راز لڪيل آهي. سنڌين جو نصب العين اهو آهي تہ جڏهن اقوام عالم کي پنهنجي ڪتيل سٽ جي پرک صراف "عالم" وٽ سيني جي سامهون سڌ ٿيندو تڏهن انهن کي ڪجهہ هجي جو ڏيکاري سگهن ۽ شرم کان ڪنڌ هيٺ نہ ڪرڻو پوينِ. ان جو سڃاڻڻ تڏهن حاصل ٿي سگهندو جڏهن هر هڪ سنڌ جو رهاڪو پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي نفعي کي قوم جي گڏيل مفاد لاءِ قربان ڪرڻ سگهندو.

خود شناسيءَ ۾ شخص جي فنا آهي ۽ قومن لاءِ بقا آهي. قوم جي نفعي لاءِ پاڻ کي ماري يا فنا ڪري هڪ قطري کي قومي قالب ۾ فنا ڪرڻ جي پاڻ سڃاڻڻ جو بنيادي سبق آهي.

شاهہ جو سمورو ڪلام غور سان پڙهي ڏسبو تہ مقصد، محبوب يا منزل ماڻڻ وغيره کي پهچڻ لاءِ ڏکن ۽ ڏاکڙن، ڪشالن ۽ مصيبتن جو سهڻ ۽ برداشت ڪرڻ ضروري امر آهي. گهر ويٺي بنا محنت ۽ تڪليف جي ان درجي تي پهچڻ ڪوڙيون سڏون ڪرڻ آهي.

شاهہ جو اسان لاءِ پيغام همت پيدا ڪرڻ آهي، جنهن ماڻهو يا قوم کي خوف جي بيماري ويڙهي ويل هوندي آهي. سي نہ آزاد ٿي سگهندا ۽ نہ ترقي ڪري سگهنا. جتي ايمان آهي اتي خوف نہ آهي. جتي خوف آهي، اتي ايمان نہ هوندو. مومن ايمان ڪانسواءِ، ٿي نہ سگهبو. بزدلي، جهالت، احساس ڪمتري ۽ بي اتفاقيءَ ڪري خوف پيدا ٿئي ٿو.

جڏهن ڪي خود مطلب مڪاني حاڪم عوام ڪي ڪمزور بنائي پنهنجو شخصي اقتدار قائم رکڻ گهرندا آهن ۽ ٻيا وري خود مطلبي ۽ خانہ جنگي جو فائدو وٺي ساري قوم کي غلام بنايو ڇڏين ٿا. مقصد ان راند وانگر سولو ڪم نہ آهي، جا ڳيرو ڪيڏندا آهن، هتي سسي نيزي جي پاند تي اچلي اڏ ڪرٽي آهي. جن درياهن جو سنڌو سيڙهو ڪو نہ هوندو آهي، اتي سڃا ٻيڙا سِير ۾ هيٺ هليا ويندا آهن، جن مان پرزو بہ پيدا نہ ٿيندو آهي، جتي بحر جا سنٽا سيسار ۽ هيبتناڪ واڳون هزارين هوندا آهن.

شاهہ جا ذڪر ڪيل پيغام رواجي طرح تہ هر فرد لاءِ آهن پر ڪيس خبر هئي تہ انهن ڳالهين تي عمل ڪرڻ اوکو آهي ۽ انهن ذريعن جي وسيلن قومي آزدي ۽ ترقيحاصل ڪرڻ اٽانگو ڪم آهي، جتي باري بر ۽ تڪائڻ وارا تر سُجن ٿا، اتي جبل تڪءِ تاءُ ڏيکارين ٿا، ڪڪر ڪوسا ٿين ٿا ۽ رڻ تتو رائو ٿئي ٿو. وٽڪار جي وڏن ۽ وٽن ۾ نيلا نانگ رهن ٿا، جت ڪڙم قبيلا ساٿ نہ ٿا ڏين، اتي سپ ڪا سڌ ڪا نہ ڪندي، صرف جن جو اندر اڏ هوندو، سي ئي ڏونگر ڏوري سگهنديون.

شاهہ عبداللطيف جو ڪلام، پکن ۾ رهڻ وارن پنوهارن، ڏيهہ جي ڏوٿين، مال چارڻ وارن مارن، هر ڪاهڻ وارن هارين، پيار پريل سيٽن ۽ سرتين، ڪارن چارن وارن مڇي مارڻ وارن مهاڻن، جن جي پابوڙا پوشاڪ آهي، وڍي جي واڍوڙين ٻاروچين ٻارن، سڪا سنڌ ڪچن ۾، ۽ پراٽن ڪلترن ۽ نيڻ تمائيندڙ ڪاهوڙين، پکهہ پاسي گهاريندڙن ۽ سڙهہ سنياهيندڙ سامونڊين، گوندر ۾ گذاريندڙن، پهٽن تي پاسا کوڙيندڙن، سچ جي سفر وارن، نہ ٻڌي نہ سٽي جوءِ جي ڏوريندڙن، جت پکي جو پير نہ هجي، اتي باهڙي تمڪائيندڙن لاءِ آهي.

شاهہ لطيف کي خبر هئي تہ لوڪ جي لياڪن رکڻ وارن نام نشان پويان هلندڙن مال مڏيون گڏ ڪندڙن، سک جي سانديندڙن، گندي ۽ گراهہ جي گولن، سنجهي سمهي رهندڙن، پاڻ جي پوڄا ڪرائڻ وارن، ماني ۽ ماڳ موچاري پنيان هلڻ وارن، مٽيي تي ماٽڪ وڪٽندڙن، ميمبرين ۽ وزارتن خاطر ملڪ ۽ قوم

قربان ڪرڻ وارن، رشوتن مان مال ۽ ملڪيتون ڪٺي ڪرڻ وارن، ڄاڻي سڄاڻي ناحق ڪان ڏڃي ماٺ ڪرڻ وارن ڪان سندس پيغام تي عمل ڪين ٿي سگهندو.

ان ڳالهہ کان انڪار نہ ٿو ٿي سگهي تہ شاهہ عبداللطيف عوام جو حامي ۽ ستايل مسڪينن ۽ ڏکويلن جي گڏجڻ ۽ ٻڏي جو طرفدار هو، هن ڪي عوام ۾ نااتفاقي ڏسي ڏاڍو ارمان ٿي ٿيو، پکين جو مثال ڏئي، ٻڌي ۽ ايڪي قائم ڪرڻ جو درس ڏنو.

اهي ڏڪٽيٽر جڏهن تمام طاقتور ٿي ڪنهن جي پرواهہ نہ ٿا ڪن ۽ ڪمزورن، ابوجهن ۽ مظلومن کي هينيان لتاڙڻ جي ڪوشش ٿا ڪن تہ انهيءَ وقت شاهہ عبداللطيف تڙپي پوي ٿو ۽ مختلف سرن ۾ اهڙن ڪردارن کي وائکو ڪري ٿو.

ڪائنات جا اسرار بي انتها آهن ۽ جيتري انهن جي کوج ڪبي، اوتري قدر مونجهاري ۾ پئبو، ان ڪري شاهہ عبداللطيف چيو: "اونهي تنهن عميق جي واري چڏ وماس."

شاهہ عبداللطيف جي فلسفي مطابق ڪائنات کي صوفين پنهنجي اصلاح ۾ "عالم اڪبر" سڏيو آهي ۽ انسان جو ڪائنات جو جزو آهي، تنهن کي "عالم اصغر" ڪري چيو اٿس، جيڪي بہ ڪائنات ۾ موجود آهي، تنهن جو اختصار انسان ۾ موجود آهي، تنهنڪري انسان سيني ممڪنات جو مجموعو ۽ مصور آهي، انهيءَ حالت ۾ انسان جي وجود جا اسرار بہ لامتناهي ۽ غير محدود آهن.

انسان ٻن متضاد طاقتن جي وچ ۾ آهي، منجهس ملڪوتي طاقتون بہ آهن تہ بيهمي (يعني مرن جون) طاقتون بہ. جيڪڏهن بيهمي طاقتون زور پئجي ويون تہ انسان پسونءَ جي درجي کان بہ هيٺ ڪري پوندو، پرجيڪڏهن ملڪوتي قوتون قابض ٿيون تہ ملڪن (فرشتن) جي درجي کان بہ مٿي چڙهي ويندو.

شاهہ جي ڪلامہ ۾ سپ کان وڌيڪ دک ۽ درد جي ڳالهہ ڪيل آهي. شاهہ جو سمورو ڪلامہ، سورن جو سامان ۽ دردن جو داستان بہ آهي، تہ انهن جو علاج بہ ٻڌايل آهي.

شاهہ جي ڪلامہ ۾ عشق جو بيان، لفظ لفظ ۽ اکر اکر ۾ سمايل آهي، پر خصوصاً سسئيءَ وارا پنج سر، رامڪلي، ڪاهوڙي، رپ، سهڻي ميهار، مومل راڻو، ساموندي، سورٺ وغيره تہ عشق جي آهن ۽ دردن جي دانهن سان سَٽيا پيا آهن.

اهڙو ماڻهو روحاني ترقي ڪندي ڪندي آخر اهڙيءَ حد کي پهچي ٿو، جتي ان کي ڪامل انسان چئجي. شاهہ جي نظر ۾ ڪامل انسان فقط رسول الله صلي الله عليہ وسلم ئي آهي، جو پنهنجي ڪمال ۽ قرب سبب، اهڙيءَ حد تي پهتل آهي جو نہ ڪي عشق آهي، نہ ڪي معشوق، نہ ڪي خالق نہ ڪي مخلوق.

اهو سالڪ، جو انهيءَ منزل کي رسي ٿو، تنهن گويا توڙ ڪيو ۽ اهو آهي انسان جي ڪمال جو شان، جو بشري عارضن جي فنائيت بعد نصيب ٿئي ٿو.

مثالي قرب ۽ اتصال، عبد ۽ معبود جي وچ ۾ راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جي داستان ۾ نمايان آهي. ان ۾ هڪ وڏي تمثيل رکيل آهي، جنهن جي اپٽار انهن بزرگن ڪئي آهي جي اسلامي تصوف جي اسرارن کان واقف آهن، جيڪي طالب آهن، سي انهن جي روحاني وارثن وٽان يا سندن ڪتابن مان پروڙين.

اعليٰ درجي حاصل ڪرڻ لاءِ دائمي جدوجهد جُڳائي، تنيءَ ٽڌيءَ ڪاهڻ گهرجي، جيڪڏهن ويسلائي ٿي تہ مقصود هٿان هليو ويندو.

انسان شناسي فقط ڳالهائڻ، ڏاڙهي رکائڻ يا ساهہ واري هجڻ جي ڪري ثابت نہ ٿي ٿئي، ڳالهائيندا تہ طوطا بہ آهن، ڏاڙهي تہ ٻڪرن کي بہ هوندي آهي، ساهہ وارا تہ گڏهہ بہ هوندا آهن. انسان تہ اها اشرف المخلوقات هستي آهي، جنهن کي پروردگار هن زمين تي پنهنجو خليفو ڪري موڪليو، جنهن جي آڏو ملائڪن بہ سجدو ڪيو، اها هستي تہ اعليٰ اخلاق ۽ بلند ڪردار جي مالڪ هجڻ گهرجي.

## ٦,٢ اختصار

جامع سنڌي لغات (جلد چوٿون) مطابق: "شناسي" لفظ جي معنيٰ آهي: واقفيت، سڃاڻپ، واقفڪاري، ڏيٺ، (بلوچ،٢٠٠٧: ١٨١).

ان لحاظ کان انسان شناسيءَ جو مطلب ٿيو: انسان جي واقفيت يا سڃاڻپ. ان جو مطلب هي به آهي ته انسان جو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ، انسان جي پنهنجي پاڻ سان واقف ڪاري. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ هڪ اهڙو حيرت جهڙو شاعر آهي، جنهن جو سمورو ڪلام انسان کي پنهنجي اصليت کان روشناس ڪرائي ٿو ۽ کيس پنهنجو اصل ڪارج سمجهائي ٿو، هو ڪنهن به مذهبي فرقي ۽ محدود نظرئي سان واڳيل نه آهي، پر هو سموري انسان ذات جو شاعر آهي، سندس ذهني وسعت ۽ ڪلام پوري انسانيت سميت وڻن ٽڻن، گلن ٻوٽن، ڪکن پنن، جيت جڻن، پکي پکڻن، ماري مرن، جانورن، نانگن، بلائن، سمنڊن، دريائن، ماڳن مڪانن، نظارن، زمينن، آسمانن، جبلن، خشڪين کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٿو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي حياتيءَ ۾ ٻن حڪومتي دورن کي ڏٺو، هڪ مغل دور ۽ ٻيو ڪلهوڙا دور. پاڻ ٻنهي حڪومتن جي خوبين ۽ خامين جو اکين ڏٺو گواهه آهي، ڇاڪاڻ ته هر سچو شاعر پنهنجي سماج جي چشمن مان پنهنجي شاعريءَ جا گهڙا ڀريندو آهي، شاهه لطيف جي دور بابت ڪو به سياسي مواد يڪجاءِ نه ٿو ملي، جنهن جي جائز شڪايت ڊاڪٽر ايچ. ٽي سورلي پڻ ڪئي.

شاهه عبداللطيف (١٩٥٢ع-١٦٨٩ع) تاريخ جي ان دور ۾ جنم ورتو، جنهن دور ۾ سنڌ مڪمل طرح ڌارين جي قبضي ۾ هئي. مغل شهنشاهيت وارو دور سنڌين لاءِ ڪاري انڌاري مثل هو. هنن سنڌ کي سياسي ۽ انتظاميءَ طرح ٽن پرڳڻن ۾ ورهائي ڇڏيو هو، مغلن جي ڪمزور ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ ڪلهوڙن زور ورتو ۽ هو سنڌ جا ١٧٠٠ع ۾ خودمختيار حڪمران ٿيا. هو سنڌ جي ماڻهن جا پير ۽ مرشد به هئا، ته سندن حڪمران به. ڪلهوڙا زمينن جي پوکي راهي ڪرڻ جا ماهر هئا. هنن سنڌ ۾ نئون نهري ۽ زرعي نظام ڏنو، جنهن ڪري هن دور ۾ سنڌ اقتصادي طرح

پاڻيري ٿيڻ لڳي ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي (وفات: ١٧٥٤) جي آخري دور تائين شاهه عبداللطيف حيات هو، هن ان سموري دور جا تاريخي ٿاٺ ۽ اهڃاڻ، پنهنجي شاعريءَ ۾ موضوع طور بہ آندا آهن، شاهه لطيف پنهنجي زماني ۾ جڏهن ظلم ۽ زبردستيءَ ۾ ڏينهنجا ڏينهن اضافو ٿيندي ڏسي ٿو ۽ ڪيس ظالمن جي ظلم ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽتائي ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي، تڏهن شاعريءَ جي صورت ۾ سندس اندر مان چيخون نڪرن ٿيون، جيڪي وقت جي بادشاهن کي ڏکيون لڳن ٿيون ۽ موت ۾ ڪيس تڪليفن جو منهن ڏسڻو پوي ٿو.

شاهه عبداللطيف کي جڏهن بہ پڙهجي ٿو تہ منجهس اهي سڀيئي ڳڻ ۽ خوبيون نظر اچن ٿيون جيڪي ڪنهن بہ عظيم شاعر لاءِ ضروري هونديون آهن ۽ ڪنهن مهان شاعريءَ جون اتم وصفون سمجهيون وينديون آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام تي مختلف پهلوئن کان تحقيق ٿيندي رهي آهي، سندس فن ۽ فڪر تي وقتاً بوقتاً ڪيترائي تحقيقي مقالا، مضمون ۽ شرحون لکيون ويون آهن، سندس چيپل سمورن سُرن تي تحقيقي ڪم جاري آهي. سندس ڪلام ۾ بيان ڪيل ڪردارن، سورمن ۽ سورمين بابت تحقيقي ڪم هجي يا شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جي فني خوبين جهڙوڪ: منظر نگاري، ڪردار نگاري، حقيقتنگاري، موسيقي، ٻولي ۽ ادب سميت مختلف موضوعن تي هن کان اڳ ڪجهه قدر تحقيق ٿي آهي پر شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ سمايل فڪر جي گهرائي ايڏي تہ وسيع ۽ اعليٰ پايي جي آهي جو سندس ڪلام ۽ فڪر جي ڪيترن ئي لڪيل گوشن کي اجا نروار ئي نہ ڪيو ويو آهي. شاهه عبداللطيف پنهنجي ڪلام ذريعي عالم انسانيت جي ڀلائيءَ جو پيغام ڏيندڙ مفڪر اعظم آهي، جنهن جي فڪر تي گهڻ رخي تحقيق جي ضرورت رهي ٿي.

"شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ڪلام ۾ انسان شناسي" هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي اجا ذري جيتري بہ تحقيق نہ ٿي آهي، البتہ ڪجهه ان لحاظ کان موضوع ٽڙيل پکڙيل ملن ٿا، جيڪي مجموعي طرح هن موضوع جو احاطو نہ ٿا

ڪن. هن موضوع تي ٿيل تحقيق موجب، شاهه عبداللطيف جي ڪلام جو بنيادي فڪر ئي انسان شناسيءَ تي آڌاريل آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه پنهنجي ڪلام ذريعي انساني فطرت جو اهڙو درست ۽ تز جائزو پيش ڪيو آهي ۽ انساني فطرت جي گهرجن جو ايتريقدر ته پورو لحاظ رکيو آهي جو سندس شاعريءَ جي قدرن جا متبادل نظر ئي نه ٿا اچن، اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين سنڌ ۾ بلڪ دنيا ۾ ڪو به اهڙو شاعر، فلسفي ۽ اديب سندس فڪر جي بلنديءَ کي پهچي نه سگهيو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام تي، تحقيقي اڀياس ڪرڻ کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته مغربي دنيا جو ڪو به نظريو نه عالمگير نظرئي جا اصول پيش ڪري سگهيو آهي ۽ نه وري انسان ذات جي سيني جذبن ۽ احساسن جي گڏيل ترجماني ڪندي، انسان ذات جي سڌاري ۽ واڌاري، اتحاد ۽ اتفاق لاءِ ڪي ٺوس اخلاقي قدر پيش ڪري سگهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڊاڪٽر ايڇ. ٽي سورلي، شاهه عبداللطيف کي دنيا جي عظيم مفڪرن ۽ شاعرن ۾ شامل ڪيو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي اعلىٰ مشاهدي ذريعي ڪائنات جي نظارن جي نهايت پراثر ۽ حقيقت پسندانه طريقي سان عڪاسي ڪندڙ ۽ انساني طبعيت جا مختلف رخ، جذبا، امنگ، ارمان، عادتون ۽ خصلتون نهايت باريڪ بينيءَ سان بيان ڪندڙ ۽ انسان ذات جي مزاج ۽ فطرت جي اڀياس کي پنهنجي لفظن ۾ سهڻو ويس پارائيندڙ انسان شناسيءَ جو هڪ علمبردار شاعر آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه پنهنجي ڪلام ۾ انسان ذات جي نفسياتي ڪيفيتن ۽ بنيادي خوبين، خصوصيتن، ڪمين، ڪوتاهين، ڪمزورين ۽ اوڻاين، دلچسپين، اميدن، آسرن، ارمانن، گڻن ۽ اوگڻن جي اهڙي نموني وضاحت سان عڪاسي ڪئي آهي جو سندس شاعريءَ جي عظمت جو اعتراف ڪندي بي اختيار ائين چوڻو ٿو پوي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه دنياجو وڏي ۾ وڏو انسان دوست شاعر آهي، جو ته سندس ڪلام ۾ هيئيان نڪتا ملن ٿا. (١). ذات پات جو ڀيد ڀاءُ نه

رکڻ، (٢). ٻانهن ٻيلي ٿيڻ، (٣). حسن سان پيار ڪرڻ،(٤). انسانيت سان پيار ڪرڻ، (٥). دل ۾ ڪينو نہ رکڻ،(٦). ٻين سان ڀلائي ڪرڻ، (٧). وحدت الوجود جو تصور ڏيڻ، ۽ (٨). وطن سان پيار ڪرڻ وغيره.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي رسالي جي ابتدا، انهيءَ بلند ۽ بالا هستي يعني پروردگار جي تعريف سان ڪئي آهي ۽ رسالي جا پهريان ٻہ سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ انهيءَپاڪ هستي جي تعريف ۽ توصيف ۾ چيا آهن.

## كتابيات (Bibliography)

# سنڌي ڪتاب


١. ابڙو، آفتاب- سهيڙيندڙ (١٩٩٣ع)، شاهه لطيف- عظيم مفڪر، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٢. آڏواڻي، ڀيرومل، مهر چند (؟)، قديم سنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.

٣. آزاد، خالد (مرتب)، (٢٠٠٧ع)، شاهه لطيف، سنڌي ٻولي ۽ سماج، ڇاپو پهريون، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

٤. امروٽي، تاج محمود، مولانا (١٩٩٩ع): قرآن عظيم، ڪراچي، تاج ڪمپني لميٽيڊ.

٥. امير احمد، مخدوم (١٩٥٣ع): يادِ لطيف، (ڇاپو پهريون)، شاهه لطيف ۽ تصوف (مقالو)، شاهه لطيف يادگار ڪميٽي.

٦. البخاري، محمد بن اسماعيل (؟): صحيح بخاري، (ڇاپو پهريون)، باب في المجاهد، ؟

٧. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (١٩٨١ع): جامع سنڌي لغات (جلد ٢) حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.

٨. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (١٩٩٦ع): شاهه جو رسالو، حيدرآباد، علامه آءِ. آءِ قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت.

٩. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر- مرتب (٢٠٠٩ع)، جامع ۽ مستند شاهه جو رسالو (ڇاپو پهريون) حڪومت سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو.

١٠.بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، مرتب (١٩٩٩)، شاهہ جو رسالو، جلد ٨، ٩، حيدرآباد، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا.

١١. ڀمڀاڻي، نارائڻ داس (١٩٤٤ع)، شاهہ جون سورميون، ڪراچي: مڪتب اسحاقيہ جهونا مارڪيٽ.

١٢.پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر ( ٢٠٠٦ع): شاهہ جي ڪلام ۾ هدايتون (ڇاپو ٻهريون)، حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر

١٣. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر (٢٠٠٧ع)، شاهہ جي ڪلام ۾ هدايتون، حيدرآباد سنڌ: سنڌي ساهت گهر.

١٤. پريمي، موهن لعل، پروفيسر (٢٠٠٢ع)، شاهہ جي ڪلام ۾ ويدانت (مقالو)، مرتب- تاج جويو، شاهہ لطيف: هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ (ڇاپو ٻهريون)، حيدرآباد: ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز

١٥. تؤنسوي، طاهر، ڊاڪٽر، (٢٠١٠ع): لطيف شناسي (ايڊيشن-١) ملتان: سرائيڪي ادبي بورڊ

١٦. جروار، علي ڏنو، فقير (٢٠١١ع): شاهہ لطيف جو سر ڪاهوڙي (مقالو)، ايڊيٽر: فقير محمد ڊول، امرتا شاهہ لطيفؒ نمبر، آڪٽوبر ٢٠١٠ع، نومبر ٢٠١١ع، حيدرآباد:ڊول فقير فائونڊيشن، سنڌ.

١٧. جسڪاڻي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر (٢٠٠٦ع) سر ڪوهياريءَ ۾ اسلامي قدر (مقالو)، ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين ميمڻ، ڪلاچي (تحقيقي جرنل) جلد نائون، شمارو ٻيون-ٽيون، جون، سيپٽمبر (٢٠٠٦ع)، ڪراچي يونيورسٽي : شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر.

١٨. جسڪاڻي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر (٢٠١٠) شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر، (ڇاپو پھريون)، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

١٩. جڳتياڻي، لالچند، امرڏنومل (١٩٨٩ع)، شاھاڻو شاھ، ڀٽ شاھ: شاھ عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز.

٢٠.جلال الدين رومي، مولانا (٢٠١٠ع)، مثنوي رومي، مترجم- مولانا محمد رمضان مهيري، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٢١. جهونا ڳڙهي، ڪامل (١٣٩١ھ): پاڪستاني موسيقي، (حصہ اول)، ڪراچي.

٢٢. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر (٢٠٠٤ع)، سنڌي ادب جي تاريخ (جلد-١) حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

٢٣. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر (٢٠٠٦، ٢٠٠٥، ٢٠٠۴ع)، سنڌي ادب جي تاريخ (٣ ڀاڱا)، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

٢۴. جويو، تاج، مرتب (٢٠٠٢ع)، شاھ لطيف: ھڪ تحرڪ ھڪ تحريڪ (ڇاپو پھريون)، حيدرآباد: ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز.

٢٥. جويو، تاج، مرتب (٢٠٠٥ع)، حسيني جي ھاڪ، (ڇاپو پھريون)، ڪراچي، شاھ لطيف ثقافتي مرڪز.

٢٦. چنہ، زينت عبدالله (١٩٦٠ع)، يادگار لطيف، آغا تاج محمد نمبر، ڇاپو پھريون، لطيف يادگار ڪائونسل.

٢٧. دائودپوٽو، عبدالغفار، گوھر (٢٠٠٣ع)، نفسيات ۽ تعليم، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٢٨. دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر (١٩٥٤ع): ڪلام گرهوڙي، (ڇاپو پهريون).

٢٩. دائودپوٽو، عمر بن محمد، ڊاڪٽر (١٩٧٨ع): مضمون ۽ مقالا (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

٣٠.سلطانه بخش،ڊاڪٽر (٢٠٠٢ع)، لطيف: انسان شناسي جو رهبر (مقالو)، مرتب: تاج جويو، شاهه لطيف: هڪ تحرڪ، هڪ تحريڪ (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

31. سنڌي آن لائين ڊڪشنري.

٣٢. سنڌي، حميد مرتب (١٩٩٢ع): سُر بلاول جو مطالعو، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

٣٣. سنڌي، حميد (١٩٩٦ع)، سر ڪارايل، پهريون ڇاپو، ڀٽ شاهه/ حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

٣٤. سنڌي، حميد، مرتب (١٩٩٥ع): سُر بروو، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

٣٥. سوڍر، شاهنواز، ڊاڪٽر (١٩٩١ع)، سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڀٽ شاهه: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

٣٦. سورلي، ايڇ. ٽي (١٩٩٢ع): ڀٽ جو شاهه (ڇاپو پهريون)، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو، نظرثاني: ڊاڪر فهميده حسين،ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٣٧. سولنگي، محمد عرس، اظهر (٢٠١٢ع)، دادو ضلعو- هڪ اڀياس (ڇاپو پهريون)، ايڊيٽر: دين محمد ڪلهوڙو، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ

۳۸. سيد، جي. ايم (۱۹۸۸ع)، پيغام لطيف، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

۳۹. شاهواڻي، غلام محمد، مترجم (۱۹۹۹ع): مثنوي رومي، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي.

۴۰.شوق، نواز علي، ڊاڪٽر (۱۹۸۹ع): سُر ڏهر، (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

۴۱. صحرائي، تاج (؟) نيٽن نند اڪوڙ، شاهه لطيف ۽ انساني قدر، حيدرآباد: سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ، قاضي پاڙو، گاڏي ڪاتو.

۴۲.عباسي، اسلم- مرتب (۲۰۰٦ع)، ڪلهوڙا دور- هڪ مطالعو (ڇاپو پهريون)، حيدرآباد سنڌ: عباسي ڪلهوڙا اتحاد.

۴۳. عباسي، تنوير (۱۹۹۵ع)، شاهه لطيف جي شاعري، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

۴۴. فهميده حسين، ڊاڪٽر (۱۹۹۳ع)، شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ، ڀٽ شاهه: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

۴۵. قادري، اياز، (۱۹۹۵ع)، مون مطالع سپرين، ڇاپو پهريون، ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي.

۴٦. قاضي، علي احمد، ڊاڪٽر (۲۰۰٦ع)، نفسيات (پاڻ سڃاڻ)، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

۴۷. قناصرو، منظور احمد، مرتب (۲۰۰۸ع): سُر ڪيڏارو، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.

٤٨. كاشف، محمد حسين (٢٠٠٢ع) شاھ جي ڪلام جا فڪري ماخذ (مقالو)، مرتب: تاج جويو، شاھ لطيف: ھڪ تحرڪ، ھڪ تحريڪ (ڇاپو پھريون) حيدرآباد: ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز.

٤٩.ڪاشف، محمد حسين، (١٩٨٩ع)، ڪنڌيءَ ڪؤنر ٿڙن (ڇاپو پھريون)، حيدرآباد: مقصود پبليڪيشن ڊومڻ واھ.

٥٠. ڪلھوڙو، دين محمد (٢٠١٦ع)، سنڌي نثري ادب جو فني اپياس (١٩٣٢ع کان ١٩٨٠ع تائين) ايم. فل ٿيسز (اڻڇپيل)، ڄامشورو: سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي.

٥١. گربخشاڻي، ھوتچند مولچند (١٩٨٧ع)، لنواريءَ جا لال، لنواري شريف اڪيڊمي.

٥٢. گربخشاڻي، ھوتچند مولچند (١٩٩٣ع)، مقدمہ لطيفي (ڇاپو چوٿون)، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

٥٣. گربخشاڻي، ھوتچند مولچند، ڊاڪٽر (١٩٩٣ع): مقدمہ لطيفي (چوٿون ايڊيشن) ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

٥٤. گلراجاڻي، ڄيٺمل پرسرام (١٩٩٠ع)، شاھ جون آڪاڻيون، نيو دھلي: آسات ساھت مالھا.

٥٥. لطيفي، سليم ڀٽو، ٢٠٠٤ع، قدر ڪيميا ان جو، پھريون ڇاپو، ٽنڊو ڄام: Bless گلڙا پبليڪيشن.

٥٦. مانجھي، محمد علي، ڊاڪٽر (٢٠١١ع): سُر پورب، (ڇاپو پھريون)، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٥٧. مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر، مرتب (٢٠١٠ع): سُر پرڀاتي، (ڇاپو پهريون)، سيرانديءَ ساز ڪيو (مقالو)، ليکڪ: ڊاڪٽر اُم ڪلثوم شاهه، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٥٨. مانجهي، محمد علي، ڊاڪٽر، مرتب (٢٠١٠ع): سُر پرڀاتي، (ڇاپو پهريون)، سُر پرڀاتيءَ جو جائزو (مقالو)، ليکڪ: پروفيسر موهن لعل پريمي، ڪراچي، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ.

٥٩. متلاڻي، ٻلديو (٢٠٠٣ع)، شاهه ۽ سچل جو تقابلي جائزو، سانتا ڪروز، ايسٽ انڊيا: ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف ممبئي، وديا نگري ڪيمپس.

٦٠.محمد مسعود احمد، ڊاڪٽر (١٩٩٦ع): روح اسلام، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي.

٦١. محي الدين، امام (؟) رياض الصالحين، جلد ١، باب الصدق، حديث ٥٤، ڪراچي، دارالاشاعت.

٦٢. مولائي شيدائي، رحيمداد خان (١٩٩٣ع)، جنت السنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.

٦٣. مولائي شيدائي، رحيمداد خان (٢٠٠٨ع)، جنت السنڌ (ڇاپو ٻيو)، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٦٤. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر (٢٠١٠ع)، لطيف جو پيغام (ڇاپو ستون)، شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي.

٦٥. ميمڻ، فضل الرحمان (٢٠١٧ع)، شاهه جو فڪر ۽ فلسفو (ڇاپو پهريون)، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.

٦٦.  ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر (١٩٩٨ع): لطيف جي ڪلام ۾ انساني ڪردار جي پرک (مقالو)، مرتب- ڊاڪٽر فهميده حسين ميمڻ، شاهه ۽ سنڌ (ڇاپو پهريون) ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي.

٦٧.  هيگ، جنرل، دي اندس ڊيلٽا – ڪنٽري.

٦٨.  وفائي، دين محمد (١٩٥١ع)، لطف اللطيف، ڪراچي: وفائي پبلشنگ هائوس.

٦٩.  وفائي، دين محمد (١٩٦٢ع)، شاهه جي رسالي جو مطالعو، ڪراچي: وفائي پبلشنگ هائوس.

٧٠.ولي الدين، مير، ڊاڪٽر (٢٠٠٠ع): قرآن اور تصوف، (جلد اول)، ڪراچي، سٽي بوڪ پوائنٽ.

# اردو کتب


١. انصاری، اختر اکبر آبادی (؟)، 'شاہ عبداللطیف حیات اور شاعری'، بھٹ شاہ: شاہ عبداللطیف ثقافتی مرکز۔

٢. تونسوی، طاہر، ڈاکٹر (٢٠١٠ء) 'لطیف شناسی' (ایڈیشن-١)، ملتان: سرائیکی ادبی بورڈ

٣. مبارک علی، ڈاکٹر (١٩٨٩ء)، 'سندھ کو پہچان'، لاہور: نگارشات

۴. ممتاز حسین (١٩٦١ء)، 'ادب اور شعور'، کراچی سندھ: اردو اکیڈمی

۵. میمن، عبدالمجید، ڈاکٹر (١٩٨٣ع)، 'سندھی ادب کی مختصر تاریخ'، مترجم- حافظ خیر محمد اوحدی، جام شورو: انسٹیٹیوٹ آف سندھالاجی، سندھ یونیورسٹی۔

# ENGLISHBOOKS


۱. Dur-e-Shahwar Syed, Dr, 1988, The Poetry of Shah Abdul Latif, Sindhi Adabi Board, Jamshoro.

۲. Encyclopedia of Britannica, 1960: Vol-5, Encyclopedia Britannica Chicago, London Toronto.

۳. , New York: 18 Lamington ۱۸ Encyclopedia Americana, International Edition Vol- Avenue.

۴. Qazi I.I, Shah Abdul Latif: An Introduction of his Art, Hyderabad: Sindh Kitab Ghar

۵. Soreley, H.T, 1989, Shah Abdul Latif of Bhitt, Karachi: Sindh Kitab Ghar.

٦. William C. Chittick, 1983, The Sufi Path of Love, New York: State University, Press Albany.

۷. William Henzy Hudson, 1970, An Introduction to the Study of Literature, Oxford University Press.

# رسالا ۽ مخزن


١. ٽماهي “مهراڻ”، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.

٢. ڇماهي “سنڌي ادب”، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

٣. سلسليوار “سنڌي ٻولي” (تحقيقي جرنل)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.

٤. سلسليوار “ڪينجهر” (تحقيقي جرنل)، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

٥. سلسليوار “ڪلاچي”، (تحقيقي جرنل)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي.

٦. سلسليوار “ڪارونجهر” (تحقيقي جرنل)، سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي.

٧. سلسليوار “قليچ” (تحقيقي جرنل)، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

٨. ڏول فقير- ايڊيٽر (٢٠١١ع)، امرتا. “شاهه لطيف نمبر”، آڪٽوبر ٢٠١٠ع- مارچ ٢٠١١ع، حيدرآباد: ڏول فقير فائونڊيشن سنڌ.

٩. ڏول، فقير محمد، ايڊيٽر (٢٠١١ع): حضرت شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جو ثقافتي پسمنظر، ليک: نصير مرزا، امرتا “شاهه لطيفؒ” نمبر آڪٽوبر- ٢٠١٠ع- مارچ ٢٠١١ع)، حيدرآباد: ڏول فقير فائونڊيشن سنڌ.

١٠. ڏول، فقير محمد، ايڊيٽر (٢٠١١ع): شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جي آدرشي قدرن جي عڪاسي، ليک: ڊاڪٽر بشير احمد شاد، امرتا “شاهه لطيف” نمبر، آڪٽوبر ٢٠١٠ع مارچ ٢٠١١ع، حيدرآباد: ڏول فقير فائونڊيشن سنڌ.

## لائبرريون

١. علامہ آءِ. آءِ. قاضي لائبرري، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.

٢. ريسرچ لائبرري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

٣. محمد ابراهيم جويو ميموريل لائبريري، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

٤. ريسرچ لائبرري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.

٥. شمس العلماء علامہ دائودپوٽو لائبرري، حيدرآباد.

٦. سيمينار لائبرري سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

٧. علامہ قاسمي لائبرري، ڪلهوڙا ڪالوني جيل روڊ، حيدرآباد.

٨. قاسميہ لائبرري، ڪنڊيارو.

٩. ڀائو درمحمد ٻرڙو پبلڪ لائبرري، قنبر.

١٠. عبدالڪريم ’گدائي‘ ميموريل لائبرري، شڪارپور.

١١. دين محمد ڪلهوڙو لائبرري واپڊا ڪالوني، ڄامشورو

# شاهه جي رسالي جا نسخا


۰۱ آڏواڻي، ڪلياڻ، (۱۹۷۶ع)، شاهه جو رسالو، ڪراچي: مڪتبہ برهان، اسحاقيہ پرنٽنگ پريس، اردو بازار.

۰۲ آڏواڻي، ڪلياڻ (۱۹۲۶ ع): شاهه جو رسالو، بمبئي، هندستان ڪتاب گهر.

۰۳ آڏواڻي، ڪلياڻ (۱۹۵۸ ع): شاهه جو رسالو، ڪراچي، مڪتبہ برهان، اردو بازار.

۰۴ بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر (۱۹۹۵ع)، شاهه جو رسالو، حيدرآباد: علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت.

۰۵ بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (۲۰۰۹ ع)، جامع ۽ مستند شاهه جو رسالو (ڇاپو پهريون)، حڪومت سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو.

۰۶ شاهواڻي، غلام محمد (۱۹۵۰ع)، شاهه جو رسالو، ڪراچي، بشير احمد اينڊ سنز، جهونا مارڪيٽ.

۰۷ قليچ بيگ، مرزا (۱۹۵۱ ع)، رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حيدرآباد: يوسف برادرز.

۰۸ قاسمي، غلام مصطفيٰ (۱۹۵۱ ع)، شاهه جو رسالو، حيدرآباد: آفتاب پرنٽنگ پريس، شاهي بازار.

۰۹ گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر (۱۹۹۲ع)، شاهه جو رسالو، ڀٽ شاهه: شاهه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز.

۰۱۰ گربخشاڻي، هوتچند، مولچند (۱۹۹۶ع): شاهه جو رسالو (ڇاپو پهريون)، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن.

UNIVERSITY OF SINDH

# M.Phil. THESIS

## THE ELEMENT OF HUMANISM IN SHAH ABDUL LATIF’S BHITAI’S POETRY: AN ANALYTICAL STUDY

**THESIS SUBMITTED TOWARDS THE PARTIAL FULFILMENT OF THE REQUIREMENT OF THE UNIVERSITY OF SINDH, FOR THE AWARD OF MASTER OF PHILOSOPHY IN SINDHI**

**GULSHAN ARA**

**DEPARTMENT OF SINDHI**

**UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO.**

**2020**